


# تيستائين گڏ باءِ

(سفرنامون)

## الطاف شيخ


اندس پبلشرز

ڪراچي، 2004ع



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# فهرست


انتساب: آپا شيرين فاروقي نالي

پبلشرس طرفان

مهاڳ: حميد شهيد

پيش لفظ : سسئي پليجو

| | | |
|---|---|---|
| 01 | پڪي پڪڻ سان بہ پيار آهي... | 12 |
| 02 | آمريڪا ۾ ڪير آهي؟ | 23 |
| 03 | ڪاش مون وٽ ڪو جواب هجي... | 25 |
| 04 | تيستائين گڏ باءِ | 29 |
| 05 | هڪ ڪارٽون | 30 |
| 06 | ناٽو ڪنواري عورت مثل آهي | 36 |
| 07 | زلزلا ڪيئن اچن ٿا؟ | 41 |
| 08 | پڇ لوڏي زلزلو آڻ | 42 |
| 09 | ڊيئر ازنو چئائس! | 48 |
| 10 | There is always a place on the top | 55 |
| 11 | جلسو هڪڙن جو ڳالهيون ٻين جون | 81 |
| 12 | سومو پهلوان کان انوڪي تائين | 88 |
| 13 | زال وٽ نہ وڃڻ جوڳو رهيو آهي | 102 |
| 14 | گوتم ٻڌ جا مجسما | 110 |
| 15 | هڪ ليڪڪ، انجنيئر، ڪارخانيدار ۽ پائو | 113 |
| 16 | مندر ۾ ويندي مونجهارو نہ ٿئي... | 118 |
| 17 | هالا تنهنجا رنگ هزار | 126 |
| 18 | سائو نہ سلڙو.... | 138 |
| 19 | حد کان وڌيڪ لاڏلا اسان جا ٻار | 142 |
| 20 | ملائيشيا اچڻ وارن لاءِ بہ ڳالهيون | 145 |
| 21 | ڇا وتائي فقير جي ڳالهہ آهي؟ | 147 |
| 22 | سموڪ سنگل | 151 |
| 23 | مسواڙ تي پئسا ڏيڻ | 153 |


books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# انتساب

# آپا شيرين فاروقي نالي

آپا شيرين جي جلد سڃاڻپ لاءِ اڄ ڪلهه ڪو به ائين چئي سگهي ٿو ته هوءَ امتياز شيخ (سيڪريٽري سنڌ حڪومت) ۽ مقبول شيخ (مسلم ليگي وزير) جي ڀيڻ آهي، پر آپا شيرين جي پنهنجي ڌار سڃاڻپ ۽ تمام اهم حيثيت ۽ شخصيت آهي_ خاص ڪري تعليم و تدريس،سماجي خذمت، ريڊيو، ٽي وي ۽ ادب جي حوالي سان.

منهنجي ساڻس ڄاڻ سڃاڻ اڄ کان پورا ٽيهه سال اڳ (69_1968) ڌاري اوچتو ٿي. منهنجي تعليم سال اڌ اڳ ختم ٿي چڪي هئي ۽ هاڻ جهاز تي انجنيئر جي حيثيت سان رهي SAIL ڪري رهيو هوس. منهنجو والد انهن ڏينهن ۾ ٺٽي ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هو. کين ڪا خبر پئجي وئي ته جهاز ڪراچي پهچڻ تي آئون بنا لائسنس جي ڪار هلايان ٿو. پاڻ پنهنجي ننڍپڻ جي ڪلاس ميٽ ۽ گهاٽي دوست سيد غلام مصطفيٰ شاهه کي ان بابت ٻڌايو ته هو مون کي بنا لائسنس ڊرائيونگ کان منع ڪن ۽ ڪراچي ٽرئفڪ جي DIG سمي محمد خان سان آئون يڪدم ملان. نياپو ملڻ سان ٻئي ڏينهن مئڪلوڊ روڊ (آءِ آءِ چندريگر روڊ) تي پوليس آفيس ۾ سمي صاحب وٽ پهتس. سندس آفيس ۾ ڪنهن ڪاليج جا ڪجهه مرد ۽ عورتون ليڪچرار ڪنهن ميٽنگ جي سلسلي ۾ ويٺا هئا. خالي ڪرسي جنهن عورت جي پر ۾ هئي، جتي مون کي ويهڻ لاءِ چيو ويو. ان کي سنڌي به آئي ٿي جو ڊي آءِ جي سان اڙدوءَ ۾ بحث ڪرڻ وقت سنڌيءَ جو ڪو لفظ



استعمال ڪيم ٿي ته هن اڙدو جو صحيح لفظ ٻڌايو ٿي. مون بنا لائسنس گاڏي هلائڻ جا سبب ٻڌايا ته ڊرائيونگ جو ٽيسٽ وٺڻ وارا پوليس انسپيڪٽر سڄو سڄو ڏينهن بيهاري انتظار تا ڪرائين ۽ پوءِ صحيح ٽيسٽ ڏيڻ تي به پاس نٿا ڪن. سمي صاحب مون کي سمجهايو ته هرشيءِ ملڪ جي قاعدي قانون موجب ڪرڻ کپي ۽ غير قانوني طرح منهنجو گاڏي هلائڻ نه هن کي پسند آهي ۽ نه منهنجي والد کي. "توکي گاڏي هلائڻ اچي ٿي ته انسپيڪٽر ڪڏهن به فيل نه ڪندئي." پاڻ ان ئي وقت انسپيڪٽر کي گهرايائين ۽ مون کي ٽيسٽ لاءِ موڪليائين. (مون اها ڳالهه ان ڪري به ڪئي آهي جيئن اڄ جو نوجوان انهن ڏينهن جي Law& Order جو اندازو لڳائي سگهي. منهنجو پيءُ ته اصول جو سخت هو پر سمي صاحب جيڪو ٺٽي ۾ بابا سان گڏ وڏو عرصو پوليس ۾ SP تي رهيو ۽ اسان کيس چاچا چوندا هئاسين، تنهن به ائين بنا ٽيسٽ جي ڊرائيونگ لائسنس نه ڏياريو. باقاعدي ٽيسٽ وٺرائي پوءِ ڏنو.)

بهرحال جيسين انسپيڪٽر اچي ۽ اسان لاءِ آيل چانهن پيتي وڃي پر ۾ ويٺل محترمه مون کان پڇيو ته آئون ڪير آهيان ۽ پاڻ پنهنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌايائين ته هن جو نالو شيرين فاروقي آهي. شڪارپور جي هڪ شيخ فئملي سان واسطو آهي. هن وقت هوءَ ڪراچيءَ جي هڪ عورتن جي ڪاليج ۾ پروفيسر آهي ۽ سندس مڙس هوائي فوج ۾ آهي. پاڻ سندن گهر جو فون نمبر ڏنائين ۽ ساڻس ۽ سندس مڙس ظفر فاروقي صاحب سان ملڻ لاءِ گهر اچڻ جي دعوت ڏنائين. ان دفعي ته منهنجو جهاز جلدي ۾ وڃڻ وارو هو سو هليو ويس ٻئي دفعي جهاز ڪاچي اچڻ تي آئون سندن گهر آيس. مون کين پاڻ جهڙو مست، ڪيئر فري ۽ سادو سودو محسوس ڪيو پر ٻنهي (زال مڙس) وٽ علم جو پيندار ڏٺم. انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ جي آدمشماري ايتري ڪا گهڻي ڪانه هئي ۽ ان ۾ ڄاڻ سڃاڻ وارا اڃا به ٿورا هئا. منهنجا واقفڪار

سپ ساٿي ڪلاس ميٽ جهازن تي وڃي چڪا هئا يا ڏارين ملڪن ۾ هئا. ڪراچيءَ ۾ ڪو ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻه نظر ايندو هو. ان ڪري آپا شيرين وارن سان ملي مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. پاڻ شروع کان ڏاڍا قربائتا، مهمان نواز ۽ سخي دل جا هئا ۽ منهنجو ڏاڍو خيال رکندا هئا. ڪراچيءَ ۾ ڪو به فنڪشن ٿيندو هو يا ظفر پائي يا آپا شيرين جي مائٽن يا سڄاڻپ ۾ ڪو ڪاڄ ٿيندو هو ته هو مون کي اتي به گهر جي ڀاتيءَ وانگر وٺي هلندا هئا. ظفر پائيءَ جهڙن سان ملي احساس ٿو ٿئي ته عظمت ان ۾ هرگز نه آهي ته ڪو سنڌي آهي يا مهاجر، ڪارو آهي يا اڇو، شيعو آهي يا سني، غريب آهي يا امير_ پر وڏو ماڻهو اهو ئي آهي جيڪو سٺو انسان آهي.

آپا شيرين جن کي ڪتاب پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو (۽ اڃا تائين آهي) سندن گهر ۾ ڪيترائي سنڌي، اڙدو، انگريزي، فرينچ ۽ جرمن زبانن جا ڪتاب نظر ايندا هئا. بلڪ جتي ڪٿي ڪتابن جو راڄ هو. ڪچن ۾، ڊرائنگ روم ۾، ٽيبلن تي، ڪرسين تي، درين تي، بوٽن جي رئڪ مٿان،،، جتي ڪٿي ڪتاب ئي ڪتاب هوندا هئا. فرينچ ۽ جرمن زبانن کان ته فقط ظفر پائي واقف هو باقي ڪتاب آئون به پريون ٻڌي پڙهڻ لاءِ ڪڻندو هوس. سندن گهر ڪڏهن ڪڏهن مسافرخانو ۽ مهمان خانو هوندو هو. مهمانن جي پيچ ڊڪ ۽ ڪم ڪار لاءِ آپا شيرين جا ننڍا پائر: مقبول ۽ طارق (امتياز) هوندا هئا. مقبول پيٽن بعد پهريون پاءُ جمڻ تي ننڍي هوندي کان سڪيلڊو هوندو هو ان ڪري گهڻي پيچ ڊڪ طارق کي ئي ڪرڻي پئي ٿي. طارق انهن ڏينهن ۾ ٻارنهن تيرهن سالن جو مس هو ۽ شايد ستين ڪلاس ۾ هو. آپا شيرين ۽ ظفر پائي جي ڪري منهنجي سنڌ جي ڪيترن ئي اهم شاعرن، اديبن، ٽي وي ۽ ريڊيو وارن، سياستدانن، فوجي آفيسرن ۽ سرڪاري ڪامورن سان ملاقات ٿي جن جو وڏو تعداد سندن مائٽيءَ ۾ ئي آيو ٿي ۽ سندن خاندان ماشاء الله ڪافي وڏو ۽ پڙهيل ڳڙهيل آهي. ظفر پائيءَ جون اڄ به مون کي سپ ڳالهيون وڻنديون آهن سواءِ بحث جي! خاص ڪري اهو بحث جنهن ۾ هو صحيح نه



هوندو آهي ته به اسان جي ننڍي هجڻ ڪري هو اسان کي زوريءَ پنهنجي ڳالهه مڃرائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

آپا شيرين جي اها ڳالهه قابلِ ذڪر آهي ته هن ان دور ۾ تعليم حاصل ڪئي جڏهن اڃا سنڌ ۾ مردن جي تعليم به ايتري عام نه هئي. 1959ع ڌاري سنڌ يونيورسٽي ۾ جن ڏينهن ۾ آپا "شيرين شيخ" جي نالي سان ايم اي ڪئي، سنڌ جي ڳوٺن جون ڇوڪريون ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون هيون. تن ڏينهن ۾ سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر علامه آءِ آءِ قاضي هو ۽ سندس پروفيسر هئا مظهرالحق صديقي صاحب، ڊاڪٽر هاليپوٽو ۽ ڊاڪٽر ممتاز. ايم اي ڪرڻ بعد آپا شيرين حيدر آباد جي انجمن اسلام اسڪول جي KG سيڪشن جي انچارج ٿي. انهن ئي ڏينهن ۾ محترمه عائشه عمر پرنسپال جي حيثيت سان سکر جو گورنمينٽ گرلس ڪاليج کوليو جنهن ۾ پڙهائڻ لاءِ هن کي قابل ماسترياڻين جي ضرورت هئي. آپا شيرين جي ايم اي ۾ سيڪنڊ پوزيشن هئي ۽ ساڻس گڏ رشيده فاخر ۽ مهر نور محمد (حيدرآباد جي نور محمد هاءِ اسڪول جي باني‌ءَ جي ڌيءُ) ۽ ٻيون سٺي پوزيشن کڻڻ واريون گريجوئيٽ هن ڪاليج ۾ پڙهائڻ لاءِ سکر آيون. آپا شيرين 1960ع کان وٺي 1964ع تائين سکر جي هن ڪاليج ۾ پڙهايو ان بعد حيدرآباد جي زبيده ڪاليج ۾ آئي. انهن ڏينهن ۾ ان ڪاليج جي پرنسپال آپا شمس عباسي هئي ۽ پڙهائڻ وارين مان ڪجهه هي هيون: اسلامڪ اسٽڊيز ۽ ڪلچر لاءِ پروفيسر مريم نوحاني، فارسي لاءِ خورشيد ميمڻ، انگريزي لاءِ زيب، جيڪا اڄ ڪلهه ان ئي ڪاليج جي پرنسپال آهي. باٽني لاءِ اختر شاهه، جيڪا هينئر ڪراچي جي وومين ڪاليج جي پرنسپال آهي. انهن ڏينهن 65_1964ع ۾ آپا شيرين جي شادي ظفر فاروقيءَ سان ٿي جنهن جي ڀيڻ خالده فاروقي سندس ڪلاس ميٽ هئي جيڪا بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي جي انگلش ڊپارٽمينٽ جي چيئرپرسن ٿي.

شادي بعد آپا شيرين جن ڪراچي اچي رهيا ۽ 1965ع کان وٺي

1977ع تائين هوءَ گورنمينٽ ڪاليج فار وومين (شاهراهه لياقت) ۾ پروفيسر۽ ان بعد پرنسپال ٿي رهي. آپا شيرين جون ٻه ننڍيون ڀينرون پڻ ڪافي وقت کان ساڳي ڪاليج ۾ پڙهائي رهيون آهن. تاني (سلطانا) زولاجي ۽ فخري (فخر النساء) اسلامڪ هسٽري پڙهائي ٿي. (آپا جي باقي ٽن ڀينرن مان ساحره انگريزي ادب ۾ گريجوئيشن ڪئي آهي ۽ گلنار ۽ سڀ ۾ ننڍي شاهين ڊاڪٽرياڻيون آهن). ڊاڪٽر گلنار جي شادي سندس ڪزن غلام علي سان ۽ ڊاڪٽر شاهين جي سندس سوٽ جميل شيخ سان ٿي آهي_ جيڪو ڪي اي ايس سي ۾ چيف انجنيئر آهي ۽ سليم گل جو ننڍو ڀاءُ آهي.

آپا شيرين جي شاديءَ وقت سندس گهوٽ ظفر ڀائي (ونگ ڪمانڊر احمد ظفر فاروقي) سنڌ يونيورسٽي ۾ هيڊ آف فزڪس ڊپارٽمينٽ هو. ظفر ڀائي هندستان جي مشهور شاعر ۽ سرڪاري ڪاموري محمد غضنفر عليءَ جو فرزند آهي. غضنفر علي صاحب هندستان جي يوپي صوبي جي فتح پور ضلعي ۾ 1890ع ۾ ڄائو. مسلم ائنگلو اورينٽل اسڪول ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. ظفر ڀائي سندن وڏو پٽ آهي ۽ 1932ع ۾ ڄائو. پاڻ الله آباد جي بئائز هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪيائين. سندس ڪلاس ميٽن مان هندستان جو اڳوڻو پرائم منسٽر وي پي سنگهه پڻ آهي. هي اهو اسڪول آهي جنهن مان هندستان جو مشهور فلم ائڪٽر اميتاڀ بچن پڻ پڙهيو آهي ۽ پنهنجن انٽرويوز ۾ اڪثر ان جو نالو ڪڍندو رهي ٿو. ظفر ڀائيءَ جو پڙهائيءَ ۾ ماشاء الله ننڍي هوندي کان وٺي ڪو مقابلو ڪري نٿي سگهيو. پاڻ پهرين درجي کان وٺي .B.Sc تائين هر سال فرسٽ ڪلاس فرسٽ آيو. پاڻ بي ايس سي ۾ فزڪس ۽ پوسٽ گريجوئيشن ۾ نيوڪليئر فزڪس سبجيڪٽ کنيائين ۽ اها پڻ عليڳڙهه يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. پاڻ 1954ع ۾ پاڪستان آيو ۽ حيدرآباد جي گورنمينٽ ڪاليج ڦليلي ۾ اچي ليڪچرار ٿيو ۽ پوءِ ٻئي سال سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين. انهن ڏينهن جي وائيس چانسلر علامه آءِ آءِ قاضي صاحب هن نوجوان جي محنت ۽ ذهانت مان





متاثر ٿي ٻن سالن بعد (1957ع ۾) فزڪس ڊپارٽمينٽ جو هيڊ مقرر ڪيو. ان بعد اعليٰ تعليم لاءِ 1958ع کان 1962ع تائين (چار سال) سئٽزرلئنڊ ۾ رهيو جتي هن جرمني ۽ فرينچ زبانن تي عبور حاصل ڪيو. سندن تعليم جو خاص سبجيڪٽ "ائٽم بم" هو. پاڻ پهريون مسلمان هو جنهن کي فيلڊ ۾ "ائٽم بم تي ڪم ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو.

سئٽزرلئنڊ بعد ظفر واپس سنڌ يونيورسٽي آيو ۽ 1965ع تائين وري هيڊ آف ڊپارٽمينٽ ٿي رهيو. ان بعد اسڪاڊرن ليڊر جي رئنڪ سان هوائي فوج (پاڪستان ايئرفورس) ڀرتي ڪيائين جتي ايئروناٽيڪل ڪاليج آف انجنيئرنگ ۾ چوڏهن سال فزڪس ۽ اٽامڪ هٿيارن بابت پڙهايائين. ان دوران پاڻ ونگ ڪمانڊر بہ ٿيو. 1979ع ۾ ايئرفورس مان رٽائرمينٽ وٺڻ بعد قطر جي ملٽري اسڪول ۾ اٺ سال پڙهايائين. ان بعد 1988ع کان 1991ع تائين آمريڪا جي مئريلنڊ ڪاليج ۾ پروفيسر ٿي رهيو. 1992ع کان 1994ع تائين سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ٿي رهيو. اڄ ڪلهه هو باٿ آئلنڊ تي رٽائرڊ زندگي گذاري ٿو. ظفر ڀائيءَ کي لکڻ پڙهڻ جو شوق ننڍپڻ کان آهي. سندس مختلف عنوانن تي مضمون، عملي ۽ معلوماتي خط "ڊان" ۽ "جنگ" اخبارن ۾ اڪثر نظر اچن ٿا. ڪيس شاعريءَ جو پڻ شوق آهي. ڪلهه جي جنگ ۾ آيل سندس نظم جون ڪجهه سٽون آهن:

"گهرائيون مين مثل سمڪ ڊوب ڪر تو ديک
تاريڪيون مين ڪيا هي چمڪ ڊوب ڪر تو ديک
پرواز گر شاهين ڪي طرح ڪر نهين سڪتا
لهرون مين هي ڪس قدر لهڪ ڊوب ڪر تو ديک"

ظفر ڀائي ۽ آپا شيرين کي ٻه پٽ آهن. فرخ 1965ع ۾ ۽ فرحان 1968ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڄائو. فرخ مئٽرڪ طرابلس (لبيا) مان ۽ اڪائونٽس ۾ بي ايس آمريڪا جي يونيورسٽي آف مئري لئنڊ مان ڪئي. ان بعد نيويارڪ يونيورسٽي ۾ بزنيس مئنيجر ٿي ڪم ڪيو ۽ ان نوڪريءَ دوران

ايسٽرن اسڪول آف مئنيجمينٽ مان MBA ڪئي. اڄ ڪلهه پاڻ وال اسٽريٽ جي انويسٽمينٽ بئنڪنگ (نيويارڪ USA) ۾ ڪم ڪري ٿو ۽ پر واري رياست نيوجرسي ۾ رهي ٿو. سندس زال جوئن(JOAN) ”آئرش آمريڪن“ آهي جيڪا نيويارڪ جي چئن وي آءِ پي هوٽلن جي ڪنٽرولر اڪائونٽس آهي. ڪين ۽ ٻار: آمنا (ڌيءُ) ۽ مارڪ نالي پٽ آهي.

آپا شيرين جو ننڍو پٽ فرحان جيڪو هينئر ٽيهن سالن جو آهي، مون ويجهڙائيءَ ۾ وڏي عرصي بعد ڏٺو. ننڍي هوندي هو ڪافي ضدي هوندو هو. (وڏو فرخ بيحد ماٺيڙو هو). فرحان سال کن جو مون ڏٺو. پاڻ ڳالهائڻ ڪجهه دير سان شروع ڪيائين. آپا کي ڏاڍو فڪر هوندو هو. هڪ دفعي جهاز جي ٽرپ هٽي موٽڻ تي فرحان جو پڇيم ته هاڻي ڳالهائي ٿو.

”يلا بابا امان چوي ٿو؟“ مون پڇيو.

”شڪر آهي هاڻ ٽيليويزن جو نالو وٺي ٿو.“ آپا ٻڌايو ۽ پوءِ ان ئي وقت ظفر يائيءَ چيو: ”ان لاءِ فقط هڪ اکر ”ٽي“ چوي ٿو.“

بهرحال فرحان، پوءِ جلد ئي ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ ننڍي هوندي هو جيترو ظفر يائي وانگر ضدي هو اوترو ئي هن وانگر پڙهڻ ۾ هوشيار ثابت ٿيو. پاڻ آمريڪا جي مئري لئنڊ يونيورسٽي مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ آمريڪا جي ڊپارٽمينٽ آف جسٽس ۾ ڪمپيوٽر اسپيشلسٽ جي حيثيت سان ست سال نوڪري ڪئي. اڄ ڪلهه AMRO'ABN بئنڪ ڪراچي ۾ مئنيجر آهي. سندس شادي ڊاڪٽر شهزين شيخ سان ٿي آهي جا امداد علي شيخ (تعليم کاتو) ۽ ڊاڪٽر نيلوفر جي ڌيءُ آهي. ڊاڪٽر نيلوفر شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ڊين آهي. شهزين جو ڏاڏو عبدالغفور شيخ صاحب (جيڪو آپا شيرن جو سڳو چاچو به ٿئي) سنڌ حڪومت ۾ چيف انجنيئر ۽ گدو بئراج جو پروجيڪٽ ڊئريڪٽر ٿي رهيو.

آپا شيرين کان پڇيم ته جن ڏينهن ۾ هن ڳوٺ (شڪارپور) ڇڏي





حيدرآباد يونيورسٽي ۾ اچي داخلا ورتي، انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي ڳوٺن مان ڇوڪرا به گهٽ آيا ٿي. ”توهان کي تعليم لاءِ شوق ۽ همٿ افزائي ڪنهن ڏياري، ماءُ يا پيءُ؟“

”منهنجي ماءُ پيءُ کي ته شوق هو ته آئون ۽ منهنجيون ڀيون پينرون پڙهن“. آپا شيرين ٻڌايو، ”پر مون کي پنهنجو به شوق هو. منهنجيون سوٽون جيڪي حيدرآباد ۾ رهيون ٿي انهن کي اسڪولن ڪاليجن ۾ ويندو ڏسي اسان کي به ڏاڍو شوق ٿيندو هو. هونءَ به اسان جي فئملي شڪارپور جي پڙهيل ڳڙهيل فئملين مان هڪ آهي. منهنجي والد (جناب عبدالرحمان شيخ) بمبئيءَ مان پڙهي وڪالت ڪئي ۽ ڏاڏو سنڌ جي مشهور شخصيت الاهي بخش شيخ هو جيڪو انگريزن جي ڏينهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر هو. منهنجي وڏي چاچي سردار بهادر محمد بخش کي سڄي سنڌ سڃاڻي ٿي خاص ڪري حيدرآباد ۽ خيرپور پاسي جا ماڻهو جتي هن ڪيترائي تعليمي درسگاهه ٺهرايا.“

جناب سردار بهادر محمد بخش سنڌ جي انهن ذهين شاگردن مان آهي جن هميشه اعزازي درجا حاصل ڪيا. پاڻ بي اي ۾ پوزيشن کڻڻ بعد سرڪاري نوڪريءَ ۾ آيو. ڪجهه عرصو SDM رهڻ بعد ڪليڪٽر حيدرآباد ۽ ميرپور خاص ٿي رهيو. 1947ع ۾ رٽائرڊ ٿيو. پاڻ انهن ڏينهن ۾ اليڪٽرڪ ڪمپنيءَ جو چيئرمئن هو. ڪيس هڪ ڌيءُ (هدايت نالي) ۽ هڪ پٽ ٿيو جنهن تي سندس ( ۽ آپا شيرين جن جي ) ڏاڏي جو نالو الاهي بخش آهي. پاڪستان ٺهڻ وقت گهڻا تڻا اسڪول ۽ ڪاليج هندن يا عيسائين جا هئا يا انهن تي ڌارئين ڪلچر جو اثر هو. آپا شيرين جو وڏو چاچو سردار بهادر محمد بخش انهن مان هڪ هو جنهن پنهنجي هڙان پئسا ڏئي سنڌ ۾ تعليم جو واڌارو ڪيو. سندن ٺهرايل تعليمي ادارن مان ڪجهه هي آهن: حيدرآباد جو انجمن حمايت اسلام اسڪول، سردار بهادر محمد بخش ڪاليج، ۽ حيدرآباد ۽ خيرپور ۾ سچل سرمست ڪاليج.

جناب سردار بهادر محمد بخش کان علاوه آپا شيرين جي ٻين چاچن جا نالا هي آهن: ڪريم بخش شيخ جيڪو جهونا ڳڙهه مان پڙهيو ۽ تعليم کاتي ۾ ڊئريڪٽر ٿي رهيو (ڊاڪٽر ممتاز، غلام علي، روشن، شهناز، آفتاب، دلشاد ۽ سعيده سندس ٻار آهن). چاچو رحيم بخش شيخ پڻ جهونا ڳڙهه مان پڙهيو ۽ سيشن جج ٿي رهيو (غلام هادي، علي نواز، نياز حسن، ديدار احمد ۽ اقبال احمد سندس ٻارن جا نالا آهن) ان بعد آپا شيرين جو والد عبدالرحمان شيخ آهي ۽ آخر ۾ سڀ ۾ ننڍو عبدالغفور شيخ آهي. پاڻ بمبئيءَ مان پڙهيو ۽ چيف انجنيئر ٿيو هو. (سندس ٻارن جا نالا هن ريت آهن: گل رشيده، جنهن جي شادي پنهنجي سؤٽ اقبال سان ٿي، سليم گل جنهن جي شادي پنهنجي ڦڦات (غلام محمد ڏاوچ جي ڌيءَ) پروين سان ٿي. آپا شيرين جي ننڍي ڀيڻ ڊاڪٽر شاهين جو مڙس جميل گل، گل حميده، ڊاڪٽر نيلوفر شيخ، جاويد شيخ، اعجاز احمد شيخ، نرگس ۽ سڀ ۾ ننڍيءَ جو نالو زيبا آهي). آپا شيرين کي فقط هڪ ڦڦي دولت بيگم آهي جنهن جي شادي انور شيخ صاحب سان ٿي. سندن ٻارن جا نالا هن ريت آهن: زيب النساء، خورشيد (ڌيءُ) غلام سرور، رضيه (جنهن جي شادي دادو جي ڊاڪٽر گل محمد ڏاوچ جي پاءُ غلام محمد ڏاوچ سان ٿي). ڊاڪٽر سڪندر (ڌيءَ) خورشيد (پٽ).

اڄ ڪلهه آپا شيرين رٽائرمينٽ وٺڻ کان پوءِ اهي ڪم ڪري رهي آهي جيڪي انگريز ڪن ٿا_ يعني سمنڊ جي ڪناري تي ويهي سمنڊ جي لهرن ۽ لڏندڙ لمندڙ جهازن جو لطف وٺن ٿا يا ملڪ جي تعليمي معيار جي سڌاري جو سوچين ٿا، جنهن لاءِ پلي کين ڪيسي مان به ڏيڻو پوي. آپا شيرين جن جي سڄي فئمليءَ کي آمريڪا جي شهريت مليل آهي پر هو هتي پاڪستان ۾ پنهنجن ئي ماڻهن ۾ رهڻ کي ترجيح ڏين ٿا. آمريڪا جي گرين بيلٽ علائقي واري گهر کي هو في الحال تالو هڻي ڪراچي ۾ رهڻ لڳا آهن ۽ ٻئي زال مڙس ڪلفٽن تي ٻارن جو اسڪول هلائي رهيا آهن. اسڪول جو نالو





پنهنجي آمريڪن گهر واري علائقي پٺيان "گرين بيلٽ آمريڪن اسڪول" رکيو اٿن. بهتر کان بهتر تعليم ڏيڻ لاءِ هر ڪلاس ۾ ٿورا ٻار رکيا اٿن. تعليم يافته، محنتي ۽ ٻارن جي نفسيات ڄاڻندڙ ماسترياڻيون ۽ ٻارن لاءِ بهترين تعليم سان گڏ بهترين تربيت ۽ ماحول مهيا ڪيو اٿن. سڄو ڏينهن پاڻ به مغز ماري ڪن ٿا ۽ ٻن سالن کان هي اسڪول علائقي جو بهترين اسڪول مڃيو وڃي ٿو. اسڪول جي بلڊنگ جي ڳري مسواڙ، بجلي ۽ پاڻي جو بل، چوڪيدار ۽ پٽيوالن جا پگهار ۽ ماسترياڻين جي ڳري "پي اسڪيل" هڪ طرف ۽ ٻارن کان ملندڙ فيون ٻئي طرف. حساب ڪتاب ڪرڻ بعد، بقول آپا شيرين جي "هر مهيني ڏهه ٻارهن هزار رپيا پنهنجي ڪيسي مان به ڏيڻا پونٿا". پر هي زال مڙس خوش آهن. شونق جو ڪوملهه ناهي. ونڊر سان گڏ ان مان کين سڪون ملي ٿو.

"اسان کي خوشي آهي ته اسين ٻارن کي بهترين تعليم سان گڏ تربيت به ڏئي رهيا آهيون ۽ اسان جو اسڪول نه فقط پاڪستان جي بهترين اسڪولن جو پر آمريڪا جي اسڪولن جو به مقابلو ڪري سگهي ٿو. اسان کي يقين آهي ته اسان جي اسڪول جا اڄ جا ٻار سڀاڻي جا سٺا شهري ٿي ڏيکاريندا." آپا شيرين ٻڌايو.

آپا شيرين جو واسطو نه فقط ٽيچنگ سان رهيو آهي پر ادب، ريڊيو ۽ ٽي ويءَ سان پڻ. سنڌ جي بهترين رسالن مان "سوجهرو" پڻ هڪ آهي جنهن ۾ هن وڏو حصو ورتو. ٽي وي تي اڄ جيڪو "روشن تارا" پروگرام ڏسون ٿا ان جي شروعات ان ئي نالي سان اڄ کان ٽيهارو سال کن اڳ آپا شيرين ئي ڪئي. پاڻ 1969ع ۾ ٽي وي تان سنڌي پروگرام شروع ڪيا. هڪ "رس رهاڻ" راڳن جو پروگرام جنهن ۾ روبينا، رونا ليليٰ، مائي ڀاڳيءَ جهڙين جڳ مشهور ڳائڻين کي ٽي وي ذريعي متعارف ڪرايو ويو. ٻيو ٻارن جو مٽيون پروگرام "روشن تارا" ۽ ٽيون ڪرنٽ افيئر جو پروگرام هوندو هو جنهن ۾ خاص ڏينهن تي پروگرام هوندا هئا. جيئن ته: عيد، عاشورو، ميلاد وغيره.

سنڌيءَ جو مشهور پروگرام ”شاديءَ جون ريتون رسمون“ پڻ آپا شيرين پهريون دفعو سنڌي ۾ ترتيب ڏنو جيڪو پوءِ اردو ۾ به ڪافي دفعا هليو. هوءَ اٽڪل ڏهه سال ڪن ٽي ويءَ سان وابسته رهي. آپا شيرين فاروقي اڄ ڪلهه ٽيچرس فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊئريڪٽر آهي.

**الطاف شيخ**

ڪراچي 5 ڊسمبر 1998





# مهاڳ

ادب جي دنيا ۾ ٻه وڏا شيخ ٿي گذريا آهن. صديون ڪان انهن جي شهرت ۽ عظمت جو سڪو، دلين تي قائم ۽ دائم آهي. هڪ شيخ سعدي ٻيو شيخ چلي صاحب. شيخ سعدي فارسي زبان جو عظيم اديب، خوبصورت شاعر، بهترين نثر نگار، انسان دوست ۽ انسان نواز بزرگ آهي. ڄمار جو وڏو حصو سير و سياحت ۾ صرف ڪيو ۽ نگر نگر ۽ بستي بستي جي ماڻهن جو مشاهدو هن پنهنجي حڪمت ڀريل حڪايتن جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. سندس اهڙو انمول خزانو هيئين سان هنڊائڻ ۽ ساهه سان سانڍڻ جهڙو آهي. ٻي طرف شيخ چلي جي افسانوي شخصيت به ڪنهن رسمي تعارف جي محتاج ڪونهي. هي صاحب گهمڻ ڦرڻ جو قائل نه آهي. بلڪ ڪنهن به ڪم ڪرڻ جو قائل نه آهي. بس ويٺي ويٺي خواب ڏسڻ جو شوقين آهي. خواب هن جو وکر آهي، خواب هن جي زندگي آهي، هو خوابن جو وڻجارو آهي. خواب ڏسڻ هن جي فطرت آهي. ڏينهن ڏٺي جو به ويٺي ويٺي جاڳندي جا خواب، هوائي قلعن جا خواب. اهي خواب اسين پاڻ به ڏسون ته ٿا، پر ٻڌائيندي شرمايون ٿا. پر حضرت شيخ چلي پنهنجي ساده دليءَ جي سبب پنهنجا سڀ خواب جيئن جو تيئن بيان ڪري ٻڌائي ٿو ۽ اسان انهن خوابن ۾ پنهنجي گهٽيل خواهشن ۽ دٻيل آرزوئن کي اگهاڙو عريان ٿيندو ڏسي ڪلي خوش ٿي، پنهنجي محرومين جو ازالو ڪريون ٿا. اهڙي طرح حقيقت جي حڪايت بيان ڪندڙ شيخ سعدي ۽ خوابن جي خام خياليءَ کي حقيقت سمجهندڙ شيخ چلي اسان جي زندگيءَ تي صدين ڪان اثر انداز ٿيندا رهيا آهن. پر هاڻ هن دور ۾ هڪ ٽيون شيخ پيدا ٿيو آهي. يعني الطاف شيخ.

الطاف شيخ پنهنجي برادريءَ جي بزرگن جي بهترين روايتن جو هڪ حسين امتزاج آهي. هو عالم، اديب، سير و سفر ڪندڙ سياح، سهڻو خواب گر ۽ سنو خواب ساز به آهي. شيخ سعدي سڄي حياتي هلندو رهيو ۽ شيخ چلي سڄي عمر خوابن ۾ بسر ڪئي، پر الطاف شيخ ساگر ساگر، ساحل ساحل، نگر نگر ۽ بندر بندر گهمندو به رهي ٿو ته گهمندي گهمندي خواب به ڏسي ٿو. اهي خواب جهڙا سفر ۽ سفر جهڙا خواب بارياب ٿيندو ڏسي دل واهه واهه ڪرڻ لڳي ٿي. قوم داد مٿان داد ڏيڻ لڳي ٿي. حڪومت انعام ۽ اڪرام ڏئي ٿي. اديب اعزاز ڏين ٿا ۽ انجمنونشامون ملهائڻ ۾ مصروف ٿيو وڃن. الطاف شيخ اسان کي خواب به ته اهڙائي ڏيکاري ٿو. حسين دنيائن جا خواب، اندلث جي ست رنگي سرزمينن جا خواب، حسين گلن ۽ معطر فضائن سان واسيل اجنبي ملڪن جا احوال! ڪوهه قاف جي پرين جي پيار جا خواب، سائنسي ديون، جنن ۽ راڪاسن جي عقل کي اچرج ۾ وجهندڙ ڪارنامن جا خواب! ۽ سڀ کان وڌيڪ امن جا خواب. انسانيت جي اوج جا خواب، محبت ۽ مروت جا خواب، ظلم و ستم کان نجات ۽ استحصال کان آزاديءَ جا خواب، خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ جا خواب، اقتصادي ترقيءَ جا خواب، بهتر دور ۽ روشن مستقبل جا خواب ۽ هي خواب شيخ چليءَ جا خواب نه آهن، جيڪي هڪ ئي ڌڪ سان چڪنا چور ٿيو وڃن! هي خواب حقيقي دنيا جا خواب آهن. انهن خوابن جو تعبير پڻ سڌو ۽ سيبتو آهي. هي اهي عملي خواب آهن جن کي اَوس حقيقت جو لباس پائي پيش ٿيڻو آهي. پوءِ اهو اڄ ٿئي يا سڀاڻي. ان جو دارومدار اسان جي همتن، حوصلن ۽ عملي جدوجهد تي آهي.

سفر، ظفر جو وسيلو آهي ۽ سفرئي عملي اڀياس ڪرڻ جو واحد ذريعو. کوهه جي ڏيڏر کي ڪهڙي خبر ته دنيا ۾ ڪهڙو انقلاب اچي رهيو آهي. بند ڪمري ۾ سڄو سال پڙهڻ کان هڪ ڏينهن کلي فضا ۾ گهارڻ بهتر آهي، چاڪاڻ ته مطالعي ۾ مشاهدي سان وڌيڪ گهرائي اچي ٿي. سفر





شرط آهي. مسافر نواز هر جاءِ تي موجود ملندا، پر شرط اهو آهي ته ڏسڻ واري اک ۽ محسوس ڪرڻ واري دل به پاڻ سان گڏ هجي. نه ته عيسيٰ جو گڏهه مڪي مان موٽي تڏهن به ساڳيو گڏهه!

اڄ ڪلهه سفر ڪرڻ به ايترو سولو ٿي پيو آهي، جيڪو ٿو گهر کان رُسي اهو بريف ڪيس کڻيو وڃيو ولايت ۾ رَسي ۽ واپسي ۾ ٽيپ، ٽي وي ۽ ڊيسڪ ٽاپ ڪانسواءِ هڪ عدد سفرنامو به پاڻ سان کڻيو اچي. (ڪسٽم فري). هڪڙا سفرناما اهي دانشور لکندا آهن جيڪي ڪنهن سيمينار، ڪانفرنس يا ورڪ شاپ ۾ سرڪاري خرچ تي سفر ڪري ايندا آهن ۽ پوءِ ان ملڪ جي خوبصورتي، صفائي، حسب انتظام ۽ تيز رفتار ترقيءَ جو رڪارڊ وڄائيندا آهن. پر اهو ٻڌائڻ ضروري ڪونه سمجهندا آهن ته ايترو سڀ ڪجهه ڇو ٿيو؟ ۽ ڪيئن ٿيو؟ (اها ته خدا کي خبر آهي، بندو بشر، ڇا ڄاڻي؟) اهڙي طرح ڪجهه سفرناما "فرمائشي پروگرام" وانگي خود لکيا نه پر لکرايا ويندا آهن. ڪنهن ملڪ جي بادشاهه، صدر يا خود ساخته ڊڪٽيٽر جي حڪم تي پنهنجي "پسوري" پڌري ڪرڻ لاءِ يا "ڪمپنيءَ جي مشهوريءَ" لاءِ. مون شهنشاهه جو ايران ڏٺو، مائو جو چين ڏٺو يا بُش جو آمريڪا! وڏي صاحب ڪيڏو نه پنهنجي قوم لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. اصل کير جون نهرون پيون وهن! واهه واهه! سبحان الله! لکندڙ کي ان جو "محنتاڻو" به چڱو خاصو ملي ويندو آهي. سفر نامن جو هڪ قسم اهو به آهي جنهن ۾ فقط لکڻ واري جي "مان، مان" هوندي آهي. هو پنهنجي سڄي روئداد لکندو آهي ته ڪيئن ويزا ملي، ڪيئن اسڪالرشپ ملي. ڪهڙين ڇوڪرين سان ڪامياب عشق ٿيو ۽ ڪهڙا ڪهڙا معرڪا ماريائين ۽ ڪٿي ناڪام محبت ۾ خودڪشيءَ جي ناڪام ڪوشش ڪيائين ۽ ڪيئن وصل يار جي حسرت کڻي وطن واپس وريو! ڪجهه سفرناما اڄ جي دور ۾ بيگمات به لکڻ فرمائين ٿيون. سفيرن ۽ وزيرن جون بيگمات "بادشاهه سلامت سان ملاقات جو شرف حاصل ٿيو.

راڻيءَ صاحبہ مون سان کلي ڳالهايو ۽ ٻارن جي خيريت پڇي. شهزاديءَ کي کهڙا ڪپڙا ۽ گهڻن لکن جو هار پيل هئو. شهزادو ڪيڏو نہ سهڻو ۽ ڪيوٽ (Cute) لڳي رهيو هئو. ڪهڙن فلمي اداڪارن، موسيقارن ۽ مصورن سان ملاقات ٿي، وغيره وغيره”. سفرنامنجو هڪ ٻيو بہ قسم آهي، جنهن ۾ ڪجهہ حضرات نائيٽ ڪلبن، ڪئبري ڊانس، قحبہ خانن ۽ ڪال گرلس جي عيش ڪوشين ۽ عياشي جا داستان ڪجهہ سچا ڪجهہ من گهڙت، چٽ چٽي ۽ مٺيون ٻيڙي مزي مزي سان بيان ڪندا آهن ۽ ڊائجسٽن ۾ قسط وار شايعڪرائيندا آهن.

الطاف شيخ جا هن وقت تائين 50 کان مٿي ڇپيل سفرناما مٿي بيان ڪيل انهن سڀني قسمن جي سفرنامن کان الڳ، منفرد ۽ ڌار حيثيت جا حامل آهن. الطاف وڏو ماڻهو آهي ۽ وڏو آفيسر ۽ وڏو پگهار کڻڻ وارو سرندي وارو آهي، پر الاجي ڇو هن کي ”وڏ ماڻهپي“ ڪرڻ ڪانہ آئي. ننڍپڻ جي يارن، دوستن، معمولي ماسترن ۽ دڪاندارن سان ائين ياڪر پائي ۽ انڪساري سان ملندو جو اڳلي کي ڪنهن ڪمتريءَ جو احساس ئي ڪونہ ٿيندو. هو اڻ ڄاتل ديس ۾ اجنبي انسانن جي درميان گهٽين رستن ۽ بازارن ۾ هڪ معصوم ٻار جيان گهمندو ۽ هر شيءِ کي اچرج ۽ حيرت سان ڏسي خوش ٿئي ٿو. هو هر ملڪ جي عام انسانن سان رلي ملي سندن ننڍين ننڍين خوشين ۾ شريڪ ٿي خوشي محسوس ڪري ٿو. سندن گهرن ۾ وڃي هنن جي رهڻي ڪهڻي ۽ اٿڻي ويهڻي جو مشاهدو ڪري ٿو. انهن جي تهذيب ۽ تمدن، سوچ ۽ لوچ، محرومين ۽ مصيبتن، امنگن ۽ آرزوئن جو اپياس ڪري پنهنجي ٻاراڻي صاف گوئي ۽ سچائيءَ سان سچو احوال جيئن جو تيئن، پر دلي همدرديءَ ۽ دردمنديءَ سان پنهنجي ديس واسي دوستن جي آڏو بيان ڪري ٿو. سفر جيڪو هو ڪنهن خواب جيان طئي ڪري ٿو ۽ ان جي روداد، سفرنامو بہ هڪ خواب نامي جي صورت ۾ پڙهندڙ پڙهي ٿو ۽ جڏهن اهو خواب ختم ٿئي ٿو تہ





پڙهندڙ پاڻ ۾ بہ ڪجهہ نوان خواب، ڪجهہ نوان جذبا ۽ ڪجهہ نيون اميدون بيدار ٿيل محسوس ڪري ٿو ۽ پوءِ بي اختيار ٿي الطاف جي ڪنهن ٻئي خواب ڏسڻ جو انتظار ڪري ٿو. اهوئي الطاف شيخ جي ڪاميابيءَ جو راز آهي. محبت پائي من ۾ هن جيڪي رنڊا روڙيا آهن انهن جو ملهہ، ادب جا صارف ڪن يا نہ، پر سندس پڙهڻ وارا ان کي اڻ توريو اگهائيندا ٿا. هن جا ڪتاب گرم گرم کپي وڃن ٿا. هالا جي احمد پاٽ جي پڪوڙن ۽ عارب جي ڪهرن ۽ گانئين کان بہ تڪڙا، جن جو چهرو چهرو ذائقو هو ڪڏهن سنگاپور جي رستن تي ياد ڪري ٿو تہ ڪڏهن ملائيشيا جي هوٽلن ۾. هالا هن جي جنم ڀومي، سنڌ هن جو ديس ۽ پاڪستان هن جو وطن آهي. الطاف جتي ڪٿي پنهنجي گهر کي، پنهنجي ديس ۽ وطن کي ياد ڪري ٿو پيار ۽ پاٻوهہ سان اندر جي اڪير سان! بيشڪ هو اسان جي اوڻاين ۽ گهٽتائين جو ذڪر بہ ڪري ٿو پر پنهنجائپ جي پيار سان. ترقي پاتل قومن جي ڪارنامن کي بيان ڪندي بہ هو پنهنجي قوم لاءِ ڪنهن احساس ڪمتريءَ جو شڪار نہ ٿو ٿئي، نہ ئي اهل وطن جي غيرت کي للڪارڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. الطاف ترقيءَ جا ڪارناما بہ ان ساڳي خوشيءَ سان بيان ڪري ٿو جنهن ۾ بحيثيت هڪ انسان، سڄي دنيا جي انساني برادري برابر جي شريڪ آهي ۽ ساڳئي وقت ترقي ڪرڻ سان گڏ انهن ملڪن ۾ جيڪي معاشي ۽ معاشرتي خرابيون وجود ۾ آيون آهن، انهن کي بيان ڪرڻ ۾ بہ ڪنهن سطحي ۽ اُچاتري خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ جي بدران ڏک، همدردي ۽ دردمندي جا جذبات ظاهر ڪري ٿو ۽ اهل وطن کي انهن جي اڳواٽ تدارڪ ڪرڻ لاءِ تدبيرون سوچڻ لاءِ آماده ڪري ٿو.

الطاف شيخ جا سفرناما سنڌي زبان جو سينگار آهن. هن جي سولي ۽ سڌي زبان ڪيترن ئي نوجوانن کي سنڌي پڙهڻ ۽ سنڌي لکڻ سيکاريو آهي. ريل گاڏيءَ جي هڪ سفر ۾ هڪ نوجوان منهنجي اڳيان اهو اقرار ڪيو تہ

ڪورس جي ڪتابن ڪان سواءِ هن پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڪتاب الطاف شيخ جو پهريون سفرنامو "منهنجو ساگر، منهنجو ساحل" پڙهيو ۽ هاڻي هو الطاف جا سڀ ڪتاب وٺي پڙهندو آهي ۽ ٻين دوستن کي به پڙهائيندو آهي. الطاف لاءِ اهو وڏو اعزاز آهي توڙي جو اسان جي ادب جي پارکن هن جي اها پذيرائي نه ڪئي آهي جنهن جو هو جائز حقدار آهي. 60 کان مٿي هن جا ڪتاب (ڪهاڻيون ۽ سفرناما) شايع ٿي چڪا آهن ۽ اڃا بقول الطاف، هن وٽ سفرنامن جا ڍَڳ پريا پيا آهن. خدا ڪري ته اهي ڍَڳ به جلدي شايع ٿين ۽ ٻيا به گهر جا سڀ ديگڙا ۽ ديگڙيون اهڙن سفرنامن سان پرجي وڃن.

الف ليليٰ جي مشهور داستان ۾ هڪ قصو "سندباد سيلاني جا ست سفر" هڪ نهايت دلچسپ ۽ حيرت انگيز قصو آهي پر من گهڙت ۽ خيالي. هالا جي هن سندباد سيلاني ست سئو کان وڌيڪ سفر ڪيا آهن. دلچسپي ۽ معلومات جي مقابلي ۾ هالا جو هي سندباد سيلاني بغداد جي سندباد سيلانيءَ کي گهڻو پوئتي ڇڏي آيو آهي ۽ اڃا ته هن جا خواب جاري آهن ۽ اڃا ته هن جو قلم روان دوان آهي ۽ شيخ سعدي شيرازي جي قلم جو پاسبان، شيخ چليءَ جي خوابن جو امين ۽ وارث سنڌ جو هي جديد سندباد سيلاني ائين ئي زبان، ادب ۽ قوم جي خدمت ڪندو رهندو.

**پروفيسر حميد شهيد**

هالا نوان — جون 2004ع





# پيش لفظ

هر ماڻهوءَ کي پنهنجو ٻاروتڻ ۽ ان سان وابستا ڳالهيون، واقعا، ڪردار، يادگيريون بيحد عزيز هونديون آهن ۽ اهي سڀ شيون ويتر وڻندڙ تڏهن محسوس ٿينديون آهن جڏهن ماڻهو جي اندر جو ٻار سدائين زنده رهندو آهي. زندگي مسلسل اتفاق ۽ حادثن جو نالو آهي ۽ اهائي زندگيءَ جي خوبصورتي به آهي ۽ ساڳئي وقت الميو به.

عمر جي هر حصي ۾ ماڻهو مختلف نوعيتن جا خواب ڏسي ٿو پر سپني کان حسين خواب ٻاروتڻ جا هوندا آهن. منهنجو ٻاروتڻ جنگشاهي جي هڪ ننڍي ڪوهستاني ڳوٺ نيوات ۾ گذريو ۽ نيوات جي نِين جا نظارا ڪندي دنيا گهمڻ جا خواب ڏسڻ منهنجو معمول هوندو هو. اهڙي ئي خواب ۽ شوق ان زماني ۾ مون کي الطاف شيخ سان متعارف ڪرايو ۽ ائين صرف مون ئي نه پر گذريل ٽن ڏهاڪن کان سنڌ جي ڪيترن ئي نسلن جي نوجوانن سان ائين ٿيو آهي. ڇو ته ان زماني ۾ ماڻهو دنيا رڳو الطاف شيخ جي سفرنامن ذريعي ئي گهمي سگهيو ٿي يا گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ ته عمر جي ان حصي ۾ اهو ۽ ائين ئي ممڪن هو. گهر، ڳوٺ ۽ شهر توڙي ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ جو رومانس، جهاز ۾ چڙهڻ ۽ فضائن ۾ اڏامڻ جو رومانس. اڳتي وڌڻ ۽ پاڻ کان اڳتي دنيا اندر موجودگي جي احساسن جو رومانس. نوان منظر ۽ ماحول ڏسڻ، نوان ماڻهو ۽ زندگيءَ جا نرالا ڍنگ ڏسڻ جو رومانس ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ڪجهه گهڙين لاءِ ئي سهي پر پاڻ کي ان ماحول جو حصو

سمجهڻ جو رومانس. ان زماني ۾ بس ڪنهن ديواني جو خواب لڳندو هو. چنڊ کي ڌرتيءَ تي لاهڻ جي برابر هو ۽ اها خود فريبي ماڻهو رڳو الطا ف شيخ جي سفرنامن جي معرفت ئي ڪري سگهيو ٿي.

شاهه صاحب فرمائي ٿو تہ : ”آيل سامونڊين جي، آهي اڙانگي جُوءِ“ الطاف شيخ اڙانگي جوءِ جي رنگينين، سونهن ۽ سڪن جو پنهنجي دلچسپ انداز سان اهڙو تہ نقشو چٽيو آهي، جو اسان جو هر بيو سنڌي نوجوان ان گليمر ۽ ايڊوينچرس جيون گذارڻ جا سپنا ٿو ڏسي ۽ ائين الطاف شيخ جي سفرنامن ہتو ڪارج ادا ڪيو آهي ۽ هن هڪ سٺي سامونڊي جيان شاهہ جي ان چوڻ تي عمل ڪيو اهي. ”وڪرسو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي.“

ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ الطاف شيخ پنهنجي فيلڊ جو اڪيلو سٺو ليکڪ آهي. سندس مقبوليت جو اندازو سندس ڪتابن جي ڊگهي لسٽ مان لڳائي سگهجي ٿو. خاص طور: وايون وڻجارن جون، بندر بازارون، دنگي منجهہ دريله، جاني تہ جهاز ۾، خبرون ڪيڙائن جون، ارائونڊ دي ورلڊ.

الطاف شيخ جو سنڌي ادب ۾ ڇا مقام آهي ۽ هن جي لکيل سفرنامنجو ادب، فن، ٻولي جي لحاظ کان قد بت ڇا آهي؟ اهو تعين ڪرڻ ادب جي اسڪالرن ۽ نقادن جو ڪم آهي. مان ايترو ڄاڻان ٿي تہ هو سنڌ جو بيحد گهڻو پڙهيو ويندڙ ليکڪ آهي. مان نٿي سمجهان تہ الطاف شيخ کان وڌيڪ ڪنهن ليکڪ کي سنڌي ٻولي جي ڪيترن نسلن جي پڙهندڙن پڙهيو هوندو. هو حقيقي معنيٰ ۾ سنڌ جو پاپولر ليکڪ آهي. سڄي دنيا ۾ پاپولر ليکڪ جي هڪ خاص حيثيت ۽ سڃاڻپ هوندي آهي ۽ اسان وٽ الطاف شيخ هر لحاظ کان ۽ صحيح معنيٰ ۾ پاپولر ليکڪ آهي. نہ رڳو هو پاپولر ليکڪ آهي پر سچ پچ تہ هو ماڻهن ۾ دليل طور مقبول ۽ ڪامياب ليکڪ بہ آهي. سنڌ ۾ ڪهڙو ليکڪ آهي جنهن جا الطاف شيخ جيان ڪتابن جا ايڊيشن بار بار شايع ٿيا هوندا؟ اها هڪ ليکڪ جي ڪاميابي آهي تہ هن جا





ڍاڪا اڳ لکيل سفرناما بہ اڄ تائين ساڳي طرح مقبول آهن ۽ بار بار وري شايع ٿي رهيا آهن.

الطاف شيخ جو سنڌي ادب تي هڪ وڏو ٿورو اهو آهي تہ هن نہ رڳو پنجاهہ کان مٿي سفرنامن جا ڪتاب سنڌي ٻولي کي ڏنا پر ڏنو وجي تہ هن سنڌي ادب کي هڪ مڪمل ۽ ڪامياب صنف سفرنامن جي صورت ۾ ڏني. سنڌي ادب ۾ هن کان اڳي توڙي پوءِ ڪنهن بہ ليکڪ سفرنامن کي هڪ ادبي صنف طور مقبول نہ بڻايو. ان ڳالهہ جي ثابتي ہي کهڙي ٿيندي تہ الطاف شيخ سنڌي ادب ۾ سفرنامن جي سڃاڻپ ۽ علامت جو نالو آهي. مان نٿي پانيان تہ سنڌي تہ ڇا پر اردوءَ ۾ بہ ڪنهن ليکڪ هڪ ئي صنف ۾ ايترا ڪتاب لکيا آهن جيترا اسان جي هن سنڌباد سيلاني لکيا آهن.

دنيا جي ٻين ٻولين ۾ Scrape Book ڇپبا آهن. سنڌي ۾ اهو پهريون اتفاق آهي جيڪو الطاف شيخ هٿان ٿيو آهي. الطاف شيخ ئي سنڌي جو اڪيلو ليکڪ آهي جنهن هر عمر جي پڙهندڙن جو حلقو سڄي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آهي.

ڪيترن ليکڪن لکڻ کان ماڳهين بس ڪري ڇڏي آهي، نہ لکڻ جو نهيل نڪيل ڪارڻ وٽن اهو ئي هوندو آهي تہ واندڪائي ڪانهي ۽ ان ڳالهہ تي اچرج تڏهن ٿيندو آهي جڏهن اهڙا ليکڪ ائين چوندا آهن جن وٽ ادب واندڪائي جي وندر نہ پر اجتماعي قومي مقصدن ماڻڻ جو هڪ سگهارو وسيلو پئي رهيو آهي. شايد اهڙن ليکڪن وٽ پڙهڻ لاءِ بہ واندڪائي نہ هوندي! ان ڏس ۾ الطاف شيخ جو مثال سامهون رکڻ گهرجي جنهن روزانو لکڻ پنهنجو نيم بڻائي ڇڏيو آهي.

سنڌ جي ماڻهن تي الزام آهي تہ اهي پنهنجي مخصوص ماحول کان ٻاهر نہ نڪرندا آهن ۽ پرڏيهہ تہ ڇا پر ڏيهہ ۾ بہ گهڻو سفر نہ ڪندا آهن. الطاف شيخ نہ رڳو عملي طرح پاڻ ان الزام جي ترديد ڪئي پر هن جي

سفرنامن سنڌ جي نوجوانن جي سوچڻ ۽ روين کي تبديل ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هن جي سفرنامن سنڌ جهڙي هڪ ڪنڌائتي سماج جي ماڻهن لاءِ ذهني طور دنيا جا دروازا کوليا. الطاف شيخ جو هر ڪتاب سنڌ لاءِ دنيا ڏانهن کلندڙ هڪ دري آهي جنهن مان مون وانگر سنڌ جي هر باشعور نوجوان جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪئي. الطاف شيخ پنهنجي سفرنامن جي ذريعي سنڌ جي نوجوانن کي جڻ ته آڱر کان جهلي دنيا جي هر ڪنڊ گهمائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن هر ماحول ۾ سنڌ جي شين، ماحول، ڪردار، ماڻهن، جاين، قدرن، ماڻهن ۽ روين کي دنيا جي مختلف قومن سان ڀيٽ ڏئي سنڌ جي ماڻهن کي جائز طرح اهو اعتماد ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته نه رڳو دنيا سنڌ کان گهڻي مختلف ڪونهي پر سنڌ ۾ به پنهنجي نوعيت جون حسناڪيون آهن. جي سنڌ ڪجهه ڳالهين ۾ پٺتي پيل ۽ پسمانده آهي ته گهڻين شين ۾ اها بيحد امير به آهي.

الطاف شيخ سمنڊ جي شور ۽ جهاز جي الارم ۾ ٿري ماءُ جي لولي گونجندي ٻڌي آهي ته اولهه جي ميداني علائقن ۾ شام ويلي شفق جي ڳاڙهاڻ ۾ سنڌ جي پسين ۽ پيرن جا رنگ نکرندي به ڏٺا آهن ته وري اوير ۾ ويجهي کان سج کي به اڀرندي ڏٺو آهي. سچ پچ ته هُن ڦِيٺ هٿ ۾ ڪٽي ڌرتي جي پوري گولي کي ماپي ورتو آهي. سندس مشاهدي جي ڪينواس تي ڇا ڇا نه آيو هوندو! شايد ئي ڪو اهڙو منظر يا ڪو عڪس هوندو، جنهن الطاف شيخ جي شعور ۽ ذهن تي ڪو چٽ نه چٽيو هجي. الطاف شيخ جنهن به ڪاريگر جو ڪو چڱو چٽ ۽ نقش ڏٺو آهي ته اسان سان ان جو ذڪر دل کولي ڪيو اٿس. هو ڪولمبس ته ناهي پر ڪولمبس کان وڌيڪ سفر ڪيو اٿس. هو هڪ اهڙو وڻجارو آهي جنهن وٽ وکر ڍيرئون ڍير آهي، جيڪو ولايت مان وڻج واپار ۽ وڙ جون ٻوريون ۽ خرزينون ڀري اچي ٿو. بنا اگهه پار ڳالهائڻ جي اسان اڳيان کوڙ ڪري، پل ته هو ڪيترو به محصول ۽ قيمت ادا ڪري اسان وٽ





پهچي پر اسان کي وڙ وڙ جو وکر بنا ملهه پيو آڇي.

الطاف شيخ پنهنجي شخصيت ۽ سياءُ ۾ هڪ بيحد سادو ۽ سٻاجهو انسان آهي ۽ سندس شخصيت جيان هن جون لکڻيون ۽ سفرناما ۽ ڳالهيون به ساديون هونديون آهن. هن جي شخصيت توڙي سفرنامن ۾ اجايو ڏيکاءُ، خود پسندي ۽ سطحي رويا نه هوندا آهن. اها ئي ڳالهه هن جي ڪامياب ليکڪ هئڻ جو راز به آهي ته سندس ادبي خوبي ۽ سونهن به. ادب ۾ اجائي ڏيکاءُ ۽ مصنوعي ٻولي کي سطحي شمار ڪيو ويندو آهي ۽ الطاف شيخ جي ٻولي سادي به آهي ته حقيقت پسند به. گهڻا نقاد ان کي سندس ڪمزوري ڳڻائي سگهن ٿا پر مان ان کي هن جي ادبي خوبي سمجهان ٿي.

سموري دنيا جا ليکڪ انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته جيسين لکڻ واري جي پير ۾ چڪر ناهي، جُتي چڙهيل نه اٿس ۽ پنهنجي وِت آهر رولڙا ڪري ڌڪا کائي دنيا جا رنگ نٿو ڏسي تيستائين سندس لکڻي ۾ اهو رَسُ ۽ وَسُ نٿو اچي. جنهن جي تخليق ۾ ضرورت آهي.

ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته تخليقي توڙي تحقيقي ادب جون پاڙون پيرن جي نشانن، ڦيٿن جي ليڪن مان ڦٽي نڪرن ٿيون. تخليقي ادب جون سڀ صنفون اڻ سڌي طرح سفرناما آهن. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي ته سنڌي ۾ الطاف شيخ جي سفرنامن کان سواءِ ٻيا به سٺا سٺا سفرناما لکيا ويا آهن پر انهيءَ صنف کي عوامي سطح تي مقبول بنائڻ ۾ الطاف شيخ جو وڏو هٿ آهي.

الطاف شيخ سنڌ سان بي لوث محبت ڪندڙ شخص ۽ ليکڪ آهي. هن دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ سنڌ کي ڪڏهن به نه وساريو. رڳو وساريو ئي نه پر پنهنجون يادگيريون ۽ تجربا لکي سنڌ جي ماڻهن تائين پهچائڻ پنهنجو قومي ۽ ادبي فرض سمجهيو. هن سنڌ جي اڪثر اديبن جيان پنهنجي پورهئي جي موٽ ۾ سنڌ کان ڪڏهن به ڪجهه نه گهريو ۽ نه وري سنڌ تي

کو احسان جتايا. اهو ئي هن جي ڪمٽمنٽ جو ڪليل ۽ بي ساخته اظهار آهي. مان سچي ۽ ڪميٽڊ ليکڪ کي ئي هڪ وڏو ليکڪ سمجهان ٿي ۽ ان معيار تي الطاف شيخ سئو سيڪڙو پورو لهي ٿو. مان اها راءِ هڪ پڙهندڙ جي حيثيت ۾ ڏيان ٿي ۽ ڪنهن به ليکڪ جو حقيقي نقاد، هن جو پڙهندڙ هوندو / هوندي آهي. مون دنيا جو چڱو حصو گهميو آهي. اتي تعليم خاطر رهي آهيان ۽ مسلسل پرڏيهه ويندي رهندي آهيان پر جيڪو رومانس بالڪپڻ ۾ الطاف شيخ جا سفرناما پڙهندي دنيا بابت سوچيندي محسوس ٿيندو هو، ان جو لطف حقيقت کان به وڌيڪ آهي. ان ڪري دنيا جو وڏو حصو ذاتي طور بار بار گهمڻ جي باوجود مون لاءِ الطاف شيخ جا سفرناما اڄ به ساڳي حيثيت ۾ دلچسپي رکن ٿا ۽ اهو ئي سبب آهي جو الطاف شيخ اڄ به منهنجي پسند جي ليکڪن مان هڪ آهي.





# پکي پکڻ سان به پيار آهي...

ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي اسان کي يورپي ۽ ٻين قومن کان الڳ ڪن ٿيون. يا ڪٿي چئجي ته انهن ۽ اسان جي سوچ ۾ وڏو ۽ واضح فرق ڏيکارين ٿيون. اسان پلي انگريزن يا يورپين کي گاريون ڏيون ته ڪافر آهن ... گدلا آهن ... شرابي آهن، وغيره. ٻين ڳالهين ۾ اسان مسلمان هجڻ جي ناتي پاڻ کي ميان مٺو سمجهون ۽ پنهنجو پاڻ لاءِ فتوائون ڏيندا وتون ته اسان مسلمان آهيون ان ڪري بهتر آهيون۔ پر پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي هرگز نه ڏٺو هوندوسين ته مسلمانن جي گهر ۾ جمڻ ۽ مسلمانن جو نالو هجڻ ڪري مسلمان ته سڏايون ٿا پر Practically اهي ڪم به ڪريون ٿا جيڪي اسلام چيا آهن؟

يا ان معاملي ۾ ڪيترن ايشين کي به اها خوش فهمي آهي ته اسين دنيا ۾ سڀ کان بهتر آهيون، خاص ڪري يورپين سان پاڻ کي ڀيٽيندا وتنداسين. دنيا جا پئي چوي يا حقيقت جا آهي ان تي ڪڏهن غور به نه ڪنداسين. بس اکيون پوري هر ڳالهه ۾ پاڻ کي، پنهنجي ڪتب ۽ پنهنجي ملڪ کي پڏائيندا رهنداسين. ڪيترين ڳالهين ۾ اسان سٺي ڳالهه ان کي سمجهنداسين جيڪا اسان ڪريون ٿا يا جيڪا اسان کي لڳي ٿي. اها هرگز نه جنهن کي دنيا مڃي ٿي. اسان لاءِ ته انصاف به اهو آهي جنهن ۾ اسان جي ڳالهه کي مڃيو وڃي. سٺو ڪم به اهو آهي جيڪو اسان ٿا ڪريون. وتنداسين چوريون ڪندا. ڏيڳا ڊور ته نهيو پر ماڻهو به اغوا ڪندا وتنداسين۔ ويندي عورتن، ٻارن، پوڙهن کي به نه ڇڏينداسين. ته به چونداسين ته اسان جهڙا شريف ماڻهو، اسان جهڙا رحمدل نه هوندا. اسان کان ڪڪ پڇي ٻيٽو نه ٿيندو. هلڪو

ڦلڪو پورهيو بہ نہ پڄندو. ايمانداري سان نوڪري نہ ٿيندي تہ بہ پاڻ کي وڏا محنتي ۽ پورهيت سمجهنداسين.

هڪ يورپين چيو توهان جو ملڪ ترقي نہ ڪري سگهندو.

”ڇو ڀلا؟“ مون وائڙو ٿي پڇيومانس.

” جنهن ملڪ جي اڌ کان وڌيڪ آدم شماري رڌو ڪٽون ويٺي چني تہ ملڪ ترقي ڪيئن ڪندو؟“ هن وراڻيو.

”توهان جو مطلب عورت سان آهي، واقعي اسان وٽ عورت جي تعليم ۽ نوڪريءَ ڪرڻ کي اڃا تائين عيب سمجهيو وڃي ٿو.“ مون وراڻيومانس.

”نہ، آئون عورتن جي ڳالهہ نٿو ڪريان. اهي اسان جي يورپي ملڪن ۾ بہ سئو سيڪڙو ڪم نٿيون ڪن. آئون مردن جي ڳالهہ ٿو ڪريان. توهان وٽ هر ڳوٺ، هر شهر ۾ مرد بہ سست آهن. شام تہ شام پر توهان وٽ صبح جو بہ واندن مردن سان هوٽلون، بازاريون، رستا پريل نظر ايندا. “

” ان جو سبب بي روزگاري آهي“ مون کيس سبب ٻڌايو.

”بيروزگاري ڪٿي ناهي“، هن مون کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ”توهان وٽ تہ وري بہ هيستائين سرڪاري آفيسن ۾ نوڪريون هيون پر اسان جهڙن ملڪن ۾ تہ سالن کان سرڪاري نوڪريون نہ رهيون آهن. هرڪو پرائيويٽ روزگار جي تلاش ۾ رهي ٿو. پوءِ ان جستجو ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون شيون بہ ايجاد ڪريو وڃن جيڪي انسان ذات جي فائدي لاءِ هڪ طرف آهن تہ ڪمائيءَ جو ذريعو ٻئي طرف ثابت ٿين ٿيون. اسان وٽ وڏن ماڻهن جا ٻار بہ نوڪري نہ ملندن تہ ڪو ڌنڌو يا ڪو پورهيو ڪندا. ويندي واڍو، رازو ٿي ڪم ڪرڻ ۾ يا ٻهارو ڪڍي پنگي ٿيڻ ۾ بہ عيب محسوس نہ ڪندا. “

اهي ٽيون ڳالهيون ٻڌجن تہ لڳي ٿو تہ واقعي اسان جي ماڻهن جي





سوچ ڪيترو مختلف آهي. جيتوڻيڪ يورپ جي مقابلي ۾ اسان وٽ موسم بہ ايڏي ظالم ناهي جيتري يورپ جي آهي. سئيڊن ۽ ناروي جهڙن ملڪن ۾ جتي ٿڌ جو درجو ڪاٿو (Minus) ۾ هوندو هو ۽ اسان گرم ڪوٽن ۾ بس جي انتظار ۾ اسٽاپ جي اڏوات ۾ بہ ڏڪندا رهندا هئاسين، اتي سامهون عمارتن تي مڪاني رازن کي سرد هوا ۾ بيهي ڪم ڪندو ڏسي سيوڪاري اسان کي ٿيندي هئي. ان وقت اسان کي احساس ٿيندو هو تہ هنن ملڪن جي ايڏي ٿڌي موسم ۾ ڪم ڪرڻ ڪيڏو ڏکيو آهي جو ٿڌ ۾ هٿ ئي ٺُنڊا ٿيو وڃن. ساڳي طرح يورپ جي مهاڻن کي ڏسندو هوس تہ تعجب لڳندو هو تہ هڪ طرف ٿڌ ۽ اونداهہ، ٻئي طرف هر وقت سخت طوفان ۾ هو ڪم ڪندا هئا. مڇيون ماري موٽندا هئا تہ بيهوشي واري حالت ۾ هوندا هئا. سندن زالون گرم ڪپڙن مٿان پلاسٽڪ جا چوغا پائي ٻيڙيءَ تان مڇيون لاهي صاف پاڻي سان ڌوئي وڪڻڻ لاءِ تيار ڪنديون هيون. مرد رات سمنڊ تي گذاري فَجر مهل موٽندا هئا ۽ بعد ۾ زالون شام جو ڇئين تائين دڪان هلائينديون هيون.

اسان وٽ ان جي مقابلي ۾ جيڪڏهن محنتي آهن تہ پناڻ ۽ افغان. جيڪي ٿڌين جاين جا ٿي ڪري سنڌ جي اونهاري واري نٽهہ اس ۾ بہ رستن تي پٿر پيا ڪٽيندا ۽ ڪنهن بہ پورهئي ڪرڻ ۾ عيب محسوس نہ ڪندا. ويندي موچيءَ جو بہ ڪم ڪندا. جيڪو اسان وٽ شودر جو ڪم سمجهيو وڃي ٿو. سعودي عرب ۾ پنهنجي امير عرب دوست کي هر وقت اهو ئي Convince ڪندو رهيس تہ هو پنهنجي فئڪٽري ۽ ٻئي پورهئي لاءِ جتي فلپين، ڪوريا، انڊونيشيا ۽ سري لنڪا جا ماڻهو ٿو رکي اتي ڪجهہ پاڪستانين کي بہ رکي. آخر ۾ منهنجو چيو مڃيائين ۽ ايئرپورٽ تي خدا حافظ چوڻ وقت اهو بہ مون تي ڇڏيائين تہ پلي ماڻهن جي چونڊ بہ آئون ڪري هن ڏي موڪليان”But“، هن آخر ۾ چيو: ”Send only Pathans“

(فقط پناڻ ئي موڪلجانءِ)

پورهئي ۾ ڏنڌي ڏاڙيءَ ۾، چاهي گهر جي ٻهاريءَ جو ڪم هجي يا ٿانوَ ڪپڙا ڌوئڻ، مالهيءَ جو ڪم هجي يا بورچي ڊرائيور جو. ٽائرن جا پنڪچر ٺاهڻ جو پورهيو هجي يا واڍڪو يا ويلڊنگ جو. اڄ ڪلهه پٺاڻن بعد ٻئي نمبر تي بهاولپور، ملتان، سرگوڌا، اوڪاڙا پاسي جا پاڪستان ۾ ٻوٽي ٻاهرين ملڪن ۾، ڪامياب وڃي رهيا آهن.

بهرحال هتي اها پئي ڳالهه ڪيم ته يورپي يا انگريزجن کي اسان هر وقت ۽ هر ڳالهه ۾ ڏوهاري ٻڌايون ٿا، هر برائي انهن تي ٿاڦيون ٿا، پر ڏٺو وڃي ته هنن جون ڪي ڪي ڳالهيون بيحد نراليون آهن جيڪي در اصل اسان مسلمانن ۾ هجڻ کپن. وقت جي پابندي، سچ ڳالهائڻ، ايمانداري سان ڊيوٽي ڏيڻ، غريب ۽ بيمار جو خيال ڪرڻ، پاڙي واري جي عزت ڪرڻ، ٻارن ۽ ٻڍن جي آرام جو سوچڻ ـ ۽ ٻيون ان قسم جون ڳالهيون يورپين ۾ ڏسي راٽرڊم (هالنڊ) ۾ مون سان گڏ رهندڙ مصري عرب ڪئپٽن ابو حنفي هنن لاءِ چوندو هو: "يارا ڏٺو وڃي ته رڳو ڪلمو سو نٿا پڙهن باقي ٻيون سڀ ڳالهيون هنن جون اهي آهن جيڪي اسان مسلمانن ۾ هجڻ کپن".

وري چوندو هو: "بس يارا لڳي ٿو ته مسلمان سو پنهنجي ملڪ ۾ آهن باقي اسلام هتي يورپ ۾ آهي". غريبن ۽ بيمارن جو خيال ڪرڻ تان ياد آيو ته اسان جي ملڪن کان وڌيڪ خيراتي ڪم، اسڪولن اسپتالن کان مسافر خانا ۽ پوڙهن ۽ هيڪلن ماڻهن لاءِ رهائش گهر مغرب ۾ ملندا. اسان جي ملڪ ۾ ڪنهن رئيس وٽ پئسو ايندو ته هو ڪارون وٺندو. شراب پيئندو. ناچ ۽ گانا ٻڌندو يا ناچ گاني واريءَ کي additional زال يا Keep ڪري رکڻ ۾ فخر محسوس ڪندو ـ هو انهن ڳالهين ذريعي ٻين تي لئه رکڻ جو سوچي ٿو. يورپي يا انگريز (ان معاملي ۾ ويندي هندو به) دولت جي جهجهي اچڻ تي خير خيرات ڪندو. پنهنجي ملڪ ۾ ڪو ضرورت مند نه





ملندس ته اهو اسان جهڙن ملڪن ڏي موڪليندو. اسان جي ملڪ جي اڌ کان وڌيڪ خيراتي ادارن NGOS جي ڪير پيا مدد ڪن؟ ڪئناڊا، انگلنڊ، آمريڪا، جپان! اهي ڏاريان ئي ملڪ ته آهن. اسان ته انهن ادارن ۾ به وڏون نوڪريون وٺي خيرات جو پئسو ضرورتمندن کي ڏيڻ بدران گهوٻيون هڻيو ويٺا آهيون.

نه رڳو انسان ذات لاءِ پر جانور پکين لاءِ به هنن کي خيال ٿئي ٿو. اسان ته ورهاڱي کان اڳ هندن يا پارسين جيڪي گهوڙن ۽ گڏهن جي پيئڻ جا حوض ٺاهيا هئا اهي به ڊاهي ڇڏيا. پارڪ ۽ بينچون ٺاهيائون اهي به ختم ڪري ڇڏيونسين. هتي (يورپ) جي ڪيترن ئي ملڪن جي اخبارن ۾ عوام کي جانورن جي پرگهور لاءِ به اپيل ڪئي ويندي آهي ته پاڻ خيال ڪريو يا فلاڻي فلاڻي اداري کي چندو ڏيو ته اهي ڪجهه ڪن. ڪڏهن گڏهن لاءِ ايندو آهي ته ڪڏهن رڇن لاءِ. هڪ دفعو ته پولڙن لاءِ به آيو جن کي ايشيا جي ڪن ملڪن ۾ ٻچيءَ ۾ رسو ٻڌي، ڏنڊا هڻي ڪرتب ته ڪرايا وڃن ٿا پر ڪين پيٽ پري ڪاڏو نٿو ڏنو وڃي.

هي ڳالهيون لکڻ مهل پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ به واقعا ياد اچي رهيا آهن جيڪي هتي ڏيڻ بي محل نه ٿيندا.

گهڻو اڳ جي ڳالهه آهي اسان جهاز تي جونئر انجنيئر هئاسين، جهاز وڏي مرمت لاءِ يوگوسلاويا آيو هو. اسان کي هڪ ٻه ڏينهن هوٽل ۾ رهائڻ بعد اسان کان پڇيو ويو ته جيڪڏهن اسان چاهيون ته رهائش جو بندوبست پنهنجي پسند تي پاڻهي ڪري سگهون ٿا جنهن لاءِ جهازران ڪمپني رهائش ۽ ماني جا مقرر پئسا روز جي حساب سان ڏئي سگهي ٿي.ان ۾ ڪمپنيءَ جو به فائدو هو. اسان جونئر آفيسرن لاءِ اها بهتر آفر هئي جو هڪ وڏي هوٽل ۾ رهڻ بدران ڪنهن سادي هوٽل ۾ رهي، سادو کائي، ڪافي پئسو بچائي سگهياسين ٿي ـ جنهن مان شاپنگ ۽ گهمڻ ڦرڻ جهڙو عيش

پڻ تي سکيو ٿي. منهنجي ساٿي بنگالي انجنيئر جو هڪ مائٽ ڪيترن سالن کان يوگوسلاويا ۾ رهيل هو جنهن جي رائيڪا شهر ۾ ڪافي ڄاڻ سڃاڻ هئي جتي اسان جي جهاز جي مرمت هلي رهي هئي. هن بندرگاهه جي پر ۾ هڪ سرب مسلمان فئملي وٽ اسان جي رهائش جو بندوبست ڪيو. گهر شهر کان ڪٽي پري هو پر بس اسٽاپ پر ۾ هو ۽ گهر جي مالڪن اسان جي رهائش جا تمام مناسب پئسا تي ورتا. صبح جو چانهه بدران ڪافي ڏيندا هئا. پيئڻ لاءِ ڪير جام هو جيڪو اسان ڪارن فلئڪن ۾ به وجهندا هئاسين ته پاڻيءَ بدران به پيئندا هئاسين. رات جو ڊبل روٽي ۽ سلاد هُو ڏيندا هئا، پاڃي يا مڇي اسان وٽي رڌيندا هئاسين. منجهند جي ماني جهاز تي کائيندا هئاسين. گهر ۾ زال مڙس ۽ سندن ٻه ٻار هئا ۽ ٽي مينهون ۽ هڪ ٻلي.

اسان جي اچڻ ڪانپوءِ ٻي ڏينهن ئي سندن هڪ مينهن ويائي. پنهنجي بنگالي دوست کي چيم: "هونءِ ئي کير جام ڏيندا هئا هاڻ ته اجان به گهڻو ڏيندا."

جهاز تي ڪم دوران ڪيس ٻڌايم ته ڦرڄڻ بعد مينهن جو کير چڱو گهاٽو ٿئي ٿو ۽ اسان وٽ پهرين ڏينهن واري کير ۾ کنڊ ۽ ڦوٽا وجهي ڪاڙهي "پس" (ڪڙ) ناهيو ويندو آهي، ٻئي ۽ ٽئي ڏينهن وارو کير به چڱو گهاٽو ٿئي ٿو ۽ "ٻيهر" سڏجي ٿو. منهنجي بنگالي دوست به ٻڌايو ته هنن وٽ به ان کير (آلوڙو) کي پسند ڪيو وڃي ٿو ۽ اتي به ائين پس (ڪڙ) ناهيو وڃي ٿو.

شام جو جهاز تان موٽڻ بعد هِتان هُتان چڪر هڻي گهر موٽياسين. رستي تي بنگالي دوست چيو ته گهر جي مالڪڻ کي ان کير مان پِس ناهي پاڻ لاءِ به رکيو هوندو. پر گهر پهچڻ تي هُن اسان کي نه ڏنو ۽ نه اسان کي فرج ۾ نظر آيو. بورچيخاني ۾ به ڪي اهڙا آثار نظر نه آيا جنهن مان لڳي ته هنن





کير کي ديڳڙي ۾ ڪاڙهي، ٿالهه ۾ پس ناهي پيالين ۾ وجهي رکيو هجي.

ٻئي ڏينهن به ساڳيو حال! بورچي خاني ۾ پاڻ لاءِ پاڃي ناهيندي اسان ٻنهي خيالن جو اظهار ڪيو ته نئين وياميل مينهن جو کير وڃي ڪيڏانهن ٿو. گهر جا مالڪ زال مڙس پيو چڏين. يا رڳو ٻارن کي ٿا ڏين. يا پاڙي وارن کي ورهايو ڏين؟ اسان کان ته پڇن به نٿا.

ٽئي ڏينهن مون کان وڌيڪ منهنجو بنگالي دوست انجنيئر ناراض ٿي ويو ۽ اسان پڪو پهه ڪيو ته ٻئي ڏينهن جهاز تي وڃڻ کان اڳ گهر جي مائيءَ کان ضرور پڇنداسين_ پر پوءِ چڱو جو نه پڇيوسين جو ٻئي ڏينهن هتي يوگوسلاويا ۾ رهندڙ بنگاليءَ کان معلوم ٿيو ته هتي جا توڙي يورپ جي ڪيترن ملڪن جا ماڻهو ان کير کي پيئڻ خراب ڳالهه ٿا سمجهن. هو ان کير تي ان نئين ڄاول ڦر جو حق ٿا سمجهن. "ان کير ۾ تمام گهڻيون وٽامنز ۽ طاقتون ٿين ٿيون جيڪي نئين ڄاول ڦر لاءِ ضروري آهن". ان ئي ڏينهن هتي رهندڙ هڪ ٻئي يورپي پڻ ٻڌايو. "اهو سڄو کير امانت طور فريزر ۾ رکيو وڃي ٿو ۽ ٿورو ٿورو ڪري نئين ڄاول ڦر کي پياريو وڃي ٿو."

ان ڏينهن شام جو اچي فرج جو مٿيون خانو (فريزر) کوليون ته واقعي ننڍين ننڍين ٿيلهين ۾ اهو کير ڄميو پيو هو. هڪ ڳڳدام ۽ ڪمزور جانور جو ايترو خيال رکڻ هڪ قابل تعريف ڳالهه آهي ۽ يورپين جي اهي سٺائي مڃڻ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

آڙيون. بدڪون ۽ تِلور جهڙا پکي ننڍي هوندي کان ڏسندا اچون پر گهڻو ڪري ڪنل حالت ۾. هتي سئيڊن ۾ اهي پکي نه فقط اڏامندي پر پارڪن ۽ رستن تي واڪ ڪندي يا بس اسٽاپن جي بينچن تي پر ۾ اچي وهندو ڏسي تعجب لڳي ٿو. اسان وٽ ته ڪبوتر يا جهرڪيءَ اڳيان لنگهه ته اها به ڦڙڪو کائي اڏاميو وڃي. انهن کي خبر آهي ته ائين نه ڪرڻ سان هنن جو اڻ وقتائتو موت اچي ويندو. پر هتي سئيڊن ۾ پکين کي به خبر آهي يا گهٽ

۾ گهٽ ڪين محسوس ٿئي ٿو ته انسان ذات سنڌن نالو نٿي وٺي. مڪاني قانون مطابق انهن پکين کي مارڻ يا تنگ ڪرڻ تي حڪومت طرفان سخت سزا ۽ ڏنڊ مقرر ٿيل آهي. هتي جي ملڪن ۾ ماڻهن توڙي جانورن لاءِ نه فقط قاعدا قانون ٺهيل آهن پر انهن تي سختيءَ سان عمل به ٿئي ٿو ۽ غريب توڙي امير لاءِ ساڳيا قاعدا، ساڳيون سختيون، ساڳيا ڏنڊ ۽ ساڳيون سزائون آهن. ان ڪري ڪيترا شڪار جا شوقين به هتي اچيو سڌريو وڃن. پکي پکڻ، بنا ڪنهن خوف جي رستن تي چڳندي خوشي محسوس ڪن ٿا ۽ اسان پڻ ڪين رستن تي ائين هلندو چلندو ڏسي خوش ٿيون ٿا.

هتي (سئيڊن توڙي ناروي ۾) رهي مون محسوس ڪيو آهي ته هتي جا ماڻهو سزا جي ڊپ کان نه پر دل ۾ پکين لاءِ پيار هجڻ ڪري پکين جو ڌيان خيال ڪن ٿا ـ خاص ڪري "مهمان پکين" Migratory Birds جو. ان بابت هتان لکيل سفرنامن ۾ آئون ڪيترين ئي ڳالهيون لکي چڪو آهيان ته هي ماڻهو (ناروي پاسي جا) ڪٽي وائڪنگ ۽ ڦورو غنڊا سڏجن پر اهي سڀ ماضيءَ جون ڳالهيون هيون. هينئر ته سئو سالن کان مٿي ٿي ويا آهن جو ناروي، سئيڊن، فنلئنڊ، ڊئنمارڪ پاڻ ۾ يا ڪنهن ٻئي پاڙيسري ملڪ سان وڙهيا هجن. انسان جو ته هتي وڏو خيال ڪيو وڃي ٿو پر جانورن ۽ پکين سان به همدردي ڪئي وڃي ٿي. اڪثر اخبارن ۾ اشتهار ايندا آهن ته توهان هيترا پئسا خيرات طور ڏئي ايشيا يا آفريڪا جي ڪنهن ملڪ ۾، ڪنهن زخمي گڏهه يا رڇ کي سڄي عمر لاءِ خوراڪ مهيا ڪري سگهو ٿا يا دنيا ۾ پولٽرن سان ٿيندڙ ظلمن کان ڪين نجات ڏياري سگهو ٿا.

اسان جي مٿين فلور واري يوزي نالي پوڙهي عورت "مهمان پکين" جو ته خيال رکندي آهي پر اهي پکي جيڪي سڄو سال هتي ڏوڙ پيا پائين، انهن تان به پئي فدا ٿيندي آهي. سياري جي موسم ۾ جڏهن هتي جا وڻ بلڪل نوڙها ٿي ويندا آهن ۽ جيت جڻيا زمين اندر غائب ٿي ويندا آهن ۽





چوڌاري برف ڄمي ويندي آهي ته هيءَ عورت چارين جون ٿيلهيون ناهي انهن کي چوئڻ ۾ جانورن جهڙي اناج سان پري انهن نوڙهن وڻن جي شاخن سان ٻڌي ڇڏيندي آهي جيئن ننڍڙا پکي انهن ٿيلهين کي ٺونگا هڻي داڻو داڻو ڪري کائين. ڪڏهن ڪڏهن ته آمريڪا جي Nabisco ڪمپني جو چوئڻن (Peanuts) جو وڏو دٻو وٺي ڏيندي آهي ته جنهن يونيورسٽي ۾ آئون وڃان ٿو ان جي پرواري پارڪ ۾ پکين کي ڏيندو وڃان.

هر ائين ڏهين ڏينهن جڏهن اهو چوئڻن جو اڌ ڪلو کن جو دٻو ڪٽي پنهنجي بلڊنگ مان نڪري بس اسٽاپ تي اچي ويهندو آهيان ته پر واري بلڊنگ مان اينڊڙ بنگلاديش جي ڪئپٽن حبيب جو مون سان جهڳڙو هوندو آهي. هن کي يقين ئي نه ايندو آهي ته اسان جي بلڊنگ جي اسي سالن جي امير، بيواهه ۽ جوانيءَ جي ڏينهن جي بي حد خوبصورت عورت اهو تحفو پکين لاءِ موڪليو آهي. هن جو اهو ضد هوندو آهي ته ڪول ته ڪائون. هن کي اهو ئي شڪ هوندو آهي ته اهو آئون پنهنجي ڪائڻ لاءِ يونيورسٽي ڪٽي پيو هلان. پوءِ سڄي ڳالهه ٻڌي چوندو آهي" عجيب ماڻهو آهن هتي جا! خاص ڪري اها تنهنجي بلڊنگ واري پوڙهي!"

" پلا جي Pea Nuts پکين کي ڪارائٽا به اٽس ته پنجن ڪرونن جا ڪليل چو نٿي وٺي ڏئي. پکين لاءِ جهڙا عام چوئڙا تهڙا هي آمريڪن ڪمپني نبيسڪو جا چاليهه ڪرونن جا Roast ٿيل مهانگا، امپورٽيڊ چوئڙا."

"بس هن جو پکين سان پيار آهي." ورائيو مانس.

"صفا ڪا چري تي لڳي! چڱو ڪول ته ڪجهه ڪائون." ڪئپٽن حبيب چوندو هو.

"بس اچي ته ان ۾ ويهي پوءِ ٽا ڪوليون. پوڙهي مٿان دريءَ مان پئي ڏسي. ڇا چوندي ته هوءَ نه پر عجيب پاڻ آهيون جو پکي ته ڪايو وڃون پر پکين

جو ڪاڏو بہ نٿا چڏيون.”

سئيڊن ۾ يڪا ٻہ سال هوس. ٻئي سال بہ جيئن ئي آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي مهيني شروع ٿيڻ سان ٿڌيون هوائون شروع ٿيون تہ گرم ملڪن ڏي ويندڙ اهي پکي هڪ هڪ ٿي هتان ڏکڻ طرف غائب ٿي ويا. يعني ڪي ڏکڻ يورپ جي ملڪن: فرانس، اسپين، اٽلي ڏي، ڪي ميڊيٽرينن سمنڊ جي ٻي پاسي آلجيريا، ٽيونيشا ڏي تہ ڪي اڃا اڳتي هند، سنڌ، پنجاب، بلوچستان ايران ڏي ـ جتي جو سيارو اتر روس، ناروي، سئيڊن جهڙن ملڪن جي اونهاري جهڙو ٿئي ٿو. پکين جي لڏپلاڻ پوري ٿيڻ کان اڳ ان سال سخت برف باري شروع ٿي وئي ۽ ڪجھ پکي لڏڻ کان رهجي ويا. ان ڳالھ جو ڏک انهن پکين کي خبر ناهي ڪيتري حد تائين ٿيو هجي پر اسان جي يوزي انهن لاءِ غمگين گانا ڳائيندي رهي. ويتر هن کي هڪ بدڪ نموني جو زخميل پکي هٿ اچي ويو جنهن جو رات جي وسيل برف ۽ ٿڌي هوا ڪري هڪ پاسو ڪيرو ٿي پيو هو ۽ هو اڏامي نہ سگهڻ ڪري رستي تي پيو هو. يوزي انهي ئي ڏينهن ڪنهن جانورن جي ڊاڪٽر يا خبر ناهي انسانن جي ڊاڪٽر کان هن لاءِ ڪجھ ملم وٺي آئي جيڪو هن کي روز لڳائيندو هو.

هي اهي ئي ڏينهن هئا جن ۾ هر سال يوزي موڪلون گذارڻ پنهنجي اباڻي ملڪ فرانس ويندي هئي. ٻن ڏينهن بعد لفٽ ۾ ملڻ تي مون کانئس حال احوال ڪٽي پڇيو:

”پئرس وڃڻ جو ڇا پروگرام اٿانو؟“

”وڃڻي هيس، ٽڪيٽ بہ وٺي ڇڏي هيم پر هاڻ هي جو ڪم نڪري پيو آهي ان کي ڪير منهن ڏيندو. “Can you be a little bit nice to me?”

آئون سمجهي ويس تہ هن کي ان زخميل بدڪ جو فڪر آهي ۽ ان جي ٿهل ٽڪور جو ڪم منهنجي حوالي ڪرڻ ٿي چاهي. مون ڪيس وڏي دل





۽ خلوص سان هائوڪار ڪئي. آئون تہ اهو چوندس تہ هن جي مهرباني ڇئبي جو هن مون کي اهڙو ماڻهو سمجهيو يا تہ ٿي سگهي ٿو اخبار نہ پڙهندي هجي نہ تہ ضرور اهو سوچي ها تہ ان ماڻهوءَ کي پکين لاءِ ڪهڙو قياس جنهن جي ملڪ جي شهر ڪراچيءَ ۾ روزانو انساني جانيون ضايع ٿيو وڃن، جنهن جي ملڪ ۾ رستن تان ڏينهن ڏٺي جو ماڻهو اغوا ٿيو وڃن.

بهرحال پوڙهي ڏهن ڏينهن لاءِ پئرس هلي وئي ۽ آئون پکيءَ سان همدردي ڪري نہ پر پوڙهيءَ جي ڊپ کان ان پکيءَ کي روزانو وقت تي داڻو کارائيندو رهيس ۽ ڏينهن ۾ ٻہ دفعا ملم هڻندو رهيس. ڪجھ اهو بہ سوچي تہ صدين کان منهنجا سنڌي ڀائر هنن پرديسي پکين کي ماريندا رهيا آهن. گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هڪ سنڌيءَ هن کي مارڻ بدران جيارڻ جي ڪوشش ڪئي. جيتوڻيڪ پوڙهيءَ جي موٽڻ تائين آئون سخت بيزار ٿي چڪو هوس ۽ دل ۾ آيم تہ ڪيس حقيقت کان آگاهہ ڪريان تہ تون پاڻ تہ ويٺي خوار ٿين پر اسان کان بہ ويٺي خذمتون ڪرائين. اها بہ ڪا خبر اٿئي تہ اسان جي ملڪ ۾ پهچڻ سان هنن لڏ پلاڻ ڪندڙ (Migratory) پکين جو ڪهڙو حشر ٿئي ٿو؟ پر پوءِ خيال آيم تہ ڪيس ٻڌائڻ بدران ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ آئون پنهنجن ماڻهن کي ٻڌايان تہ اتر وارن ملڪن ۾ اهڙا بہ نيڪ ماڻهو آهن جن کي نہ فقط انسان ذات سان پر پکي پکڻ سان بہ پيار آهي.

**مالمو – سئيڊن**

1992

جاگيردار آهن، جن کي پنهنجي ڪارخاني يا جاگير سان لڳ جيٽي آهي ... يعني بندرگاهه آهي، جتي اسان جو جهاز وڃي لنگر انداز ٿئي ٿو ۽ فقط ان ڪارخاني جو تيار ٿيل مال يا ان زميندار جو پيدا ٿيل اناج جهاز تي چاڙهڻو پيو ٿي. هيوسٽن ۾ ٽيڪساز رياست جي ته ٻين به ڪيترن علائقن ۾ اسان کي اهڙن پرائيويٽ بندرگاهن ۾ جهاز وٺي وڃڻو پيو.

**مالمو سئڊن**
1992





# آمريڪا ۾ ڪير آهي

اڄ ڪلهه پاڪستاني اخبارن ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ هڪ پاڪستاني واپاريءَ جي ڳالهه هلي رهي آهي ته هن وٽ اسان جا ڪيترائي وڏا سياستدان مهمان ٿي وڃن ٿا ۽ هن جو پاڪستاني سياست تي وڏو اثر آهي. هن جي آمريڪا جي وڏن ماڻهن سان اٿڻي ويهڻي آهي، ڇو جو هو آمريڪا جي امير ترين ماڻهن مان هڪ آهي. سندس شاهوڪار هجڻ لاءِ، شايد ثبوت طور ان ڳالهه تي زور ڏنو پيو وڃي ته هو هر وقت نئين ماڊل جي ڪارن ۾ گهمندو نظر اچي ٿو.

اسان جي ماڻهن جي ڪن ڳالهين مان، سندن بيوقوفي جي حد تائين، گهٽ ڄاڻ ظاهر ٿئي ٿي ۽ اهي ئي ڳالهيون آهن جن تي اڪثر ڌاريان ماڻهو کلن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن اسين عجيب نڙڪو ڳالهين مان به متاثر ٿيو وڃون. مٿي ذڪر ڪيل همراهه کي آئون به سڃاڻان ٿو. هو اسان غريبن لاءِ ڪٿي امير هجي جو هو آمريڪا ۾ رهي ٿو جتي سندس سنو ڏنڊو هلي ٿو. ان ۾ به ڪو شڪ ناهي ته هن وٽ اڌ درجن نئين ماڊل جون ڪارون آهن، پر يارو سچ پڇو ته آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ اهڙي ماڻهوءَ کي ته ڪير ڪنگهي به ڪو نه ٿو.

آمريڪا (USA) ته اهو ملڪ آهي جتي ان ماڻهوءَ کي به امير نٿو چئي سگهجي جنهن کي پنهنجو هوائي جهاز هجي. آمريڪا ۾ البت ان ماڻهوءَ کي امير چئي سگهون ٿا، جنهن کي هوائي جهاز سان گڏ پنهنجو ذاتي هوائي اڏو به هجي. يقين ڪريو آمريڪا ۾ اهڙا به امير، ڪارخانيدار ۽

# ڪاش مون وٽ ڪو جواب هُجي...

نه فقط انگلنڊ ۾ پر فرانس، جرمني ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ۾ اسان جي ملڪ جا ڪيترائي ماڻهو رهن ٿا. انهن ۾ نوي سيڪڙو اهڙا آهن جن کي يورپ يا آمريڪا جهڙيون حالتون پنهنجي ملڪ پاڪستان ۾ ملن ته اڄ ئي پنهنجي ملڪ موٽي اچن. ويندي اُهي پاڪستاني جن جون زالون يورپي آهن.

۽ اهي حالتون يا ماحول (Conditions سهولتون) جن جو مٿي اشارو ڪيو اٿم ڪي خاص Extraordinary به نه آهن. بس اهي نارمل قسم جون جيڪي اسلامي معاشري ۾ هجڻ کپن: حق حلال جي روزي ڪمائڻ جو بندوبست، انصاف، جان ۽ مال جي سلامتي، عزت جي رهائش وغيره.

اسان جا ڪيترائي هم وطن ولايت ۾ خوش هوندي به، پنهنجي وطن کي ساريندا رهن ٿا. پنهنجي ملڪ جي معمولي ترقي به هنن لاءِ وڏي خوشي آهي ۽ وطن بابت غلط ڳالهه ٻڌڻ تي اداس ۽ غمگين ٿيو وڃن.

"پاڪستان ۾ ڏنڌي ڌاڙيءَ جون پر امن حالتون هجن ته آئون جيڪر هتي سڄو بزنيس Windup ڪري هليو وڃان." سئيڊن ۾ پنجويهه سالن کان رهندڙ مسعود ضيغم هڪ ڏينهن پنهنجي اندر جو حال مون سان اوريندي چيو جيتوڻيڪ سندس زال سئيڊن جي آهي. اسان پاڪستان جهڙي "اسلامي" ماحول ۾ رهي نماز نٿا پڙهون پر هوءَ سئيڊن جهڙي يورپي ملڪ ۾ رهي پنج وقت نماز باقاعدگيءَ سان پڙهي ٿي. پنهنجي مادري زبان سئيڊش کان سواءِ انگريزي ۽ پنجابي لس ئي لس (Fluent) ڳالهائي ٿي. شلوار ۽ چولو پائي فخر محسوس ڪري ٿي.





"مون ۽ منهنجي ڏيءُ سڄي عمر ڪراچيءَ ۾ ٻارن کي پاڙهيو". ڪئناڊا جي اتراهين شهر سينٽ جان ۾ رهندڙ هڪ پاڪستاني ڪرسچن ماسترياڻيءَ مون کي ٻڌايو. "مون ڪراچي نٿي ڇڏڻ چاهي، پر گذريل سال جي مذهبي هنگامن ۾ عيسائين کي ايذو تنگ ڪيو ويو جو مجبور ٿي اسان کي ملڪ ڇڏڻو پيو."

مئٿلڊا جهڙيون محنتي، هوشيار ۽ ايمانداري سان پڙهائڻ واريون سادگيءَ ۾ زندگي بسر ڪرڻ واريون ماسترياڻيون. اسان جي ملڪ ۾ ڏينهون ڏينهن گهٽبيون وڃن. هن کي اڄ به پنهنجو وطن ۽ پنهنجا شاگرد، جن ۾ گهڻائي مسلمان جي آهي، ياد ٿا اچن.

لنڊن جي ٻهراڙيءَ واري علائقي ۾ ڊبل روٽيون ۽ بسڪيٽ وڪڻي گذر ڪرڻ واري مجتبا حسين جي پڻ ساڳي ڪهاڻي آهي. هو غربت ۽ ڏکن ۾ به پنهنجي اباڻي وطن ۾ خوش هو. ٻه سال اڳ پنجاب جي ان شهر ۾ جتي هي سالن کان رهيل هو ، سندس پٽ ۽ پياءُ کي ڪجهه ڪٽر سني ماري ويا.

"ڇا اسلام اسان کي اهو سبق ڏئي ٿو ته هڪ ٻئي کي قتل ڪريون؟" هن ڏک مان مون کان سوال ڪيو. "سعودي عرب، ملائيشيا، ڪويت، بنگلاديش پڻ مسلمان ملڪ آهن. اتي ته ڪير به مذهب جي نالي ۾ قتل نٿو ڪري. سني شيعا ته ڇا پر عيسائي، ٻڌ، سک ۽ هندو به امن سان رهيا پيا آهن. مڪي ۽ مديني کي ڇڏي سعودي عرب جي باقي وڏن شهرن ۾ انيڪ هندو، سري لنڪا جا ٻڌ ۽ فلپين جا ڪرسچن رهيا پيا آهن اتي ته ڪو به عرب اسلام جي نالي ۾ انهن کي نٿو ماري پوءِ پاڪستان ۾ اهو ويڌن ڇو آهي؟"هن غم ۽ غصي مان مون کان وري پڇيو.

Akunet نالي ڪراچي جي آغا خان ميڊيڪل ڪاليج جي گريجوئيٽ انهن پاڪستاني ڊاڪٽرنجو انٽرنيٽ تي Network آهي جيڪي هتي آمريڪا ۾ بيحد سنين نوڪرين تي آهن ۽ خوشحال زندگي

گذارين ٿا. اڄ ڪلهه هو Internet تي پنهنجا مسئلا هڪٻئي کي ٻڌائين ٿا ۽ Discuss ڪن ٿا ۽ انهن مان هڪ اهو به آهي ته آيا آمريڪا ۾ هميشه لاءِ رهي پئجي يا پنهنجي وطن موٽي هلجي. هو اڄ جي حالتن جي روشني ۾ پنهنجا پنهنجا خيال ۽ معلوماتي رايا هڪٻئي تائين پهچائي رهيا آهن.

”پاڪستان موٽي هلڻ يا آمريڪا ۾ ٿي رهي پوڻ“ جي سوال تي هڪ جو خيال پڙهي پنهنجي ملڪ جي افسوسناڪ تصوير سامهون اچي ٿي. هن آمريڪا ۾ رهي پوڻ جي حق ۾ دليل ڏنا آهن.

”آئون آمريڪا ۾ ان ڪري رهڻ چاهيان ٿو جو آمريڪا جو ماحول ۽ سوسائٽي اسان جي پاڪستاني سوسائٽي کان ڪيترين ئي ڳالهين ۾ وڌيڪ اسلامي آهي.“

آمريڪا ۾ رهندڙ هن پاڪستاني ڊاڪٽران بابت هن ريت وضاحت ڪئي آهي:

آمريڪا ۾ ماڻهو گهڻو ڪري سچ ڳالهائين ٿا.

هو ان تي ئي يقين رکن ٿا ته ٻيو به سچ چئي رهيو آهي.

ماڻهن کي قانون لاءِ عزت آهي ۽ ملڪ جو قانون غريب توڙي امير لاءِ ساڳيو آهي.

قانون کي قائم رکندڙ ايجنسيون پنهنجن شهرن جي حفاظت ڪن ٿيون.

واپار وڙي ۾ ٺڳي يا دولاب ناهي. هڪ ٻئي سان مقابلو صاف ۽ ڪليل نموني جو هلي ٿو.

ٻارن جو خيال رکيو وڃي ٿو ۽ هنن جي بنيادي تعليم لاءِ حڪومت طرفان خاطري مليل آهي.

انصاف نه فقط ملي ٿو پر جهٽ پٽ ملي ٿو.

ملڪ ۾ ڊيموڪرئسي آهي. مذهبي اقليتن جو به خيال رکيو وڃي ٿو ۽ کين مڪمل آزادي مليل آهي.





هتي جي حڪمران طبقي پنهنجي ٻارن لاءِ خاص ڪوٽا نه رکي آهي.

غريب توڙي امير جو ٻار برابر آهي. جيڪو محنت ڪري ٿو ان کي ڪاليج ۾ داخلا ملي ٿي ۽ جيڪو پاڻ کي قابل ثابت ڪري ٿو ان کي نوڪري ملي ٿي.

محنتي ۽ ايماندار ماڻهوءَ کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو.

هتي آمريڪا ۾ محنت ۽ پورهيو ڪري توهان به امير ٿي سگهو ٿا ۽ اهڙا ڪئين مثال نظر اچن ٿا جن ۾ غريب به وڏا ماڻهو ٿي ويا ۽ کين پنهنجي اصليت تي به فخر قائم آهي.

آمريڪا ۾ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ جي اجازت آهي.

هر ماڻهو آزاد آهي ته هو پنهنجي دين ڌرم تي هلي ۽ هن کي ڪنهن به ڳالهه جو اجايو خوف خطرو نٿو رهي....

”آمريڪا ۾ اهڙين سٺين ڳالهين جي لسٽ تمام وڏي آهي. توهان کي انهن مان ڪا ڳالهه چا پنهنجي ملڪ پاڪستان ۾ نظر اچي ٿي...؟“

آخر وارو اهو سوال هن پاڪستان ۾ رهندڙ اسان کان ڪيو آهي.

ڪاش مون وٽ يا ڪنهن ٻئي پاڪستانيءَ وٽ ان جو ڪو جواب هجي!

**ڪراچي_1995**

# تيستائين گڏ باءِ

ملائيشيا جي ماڻهن کي ڪٽي کو جت چوي_ خير هاڻ ته هو تعليم توڙي ٽيڪنالاجيءَ ۾ جپان ۽ ڪوريا جو مقابلو تا ڪن، پر جنهن زماني تائين جت يا جهنگل جا ماڻهو (Orang Hutan) سمجهيا وياتي، ان وقت به منجهن هڪ سني ڳالهه يا ڪٽي چئجي ته رسم هئي (۽ اج به اها قائم آهي) ته هو ملڻ ملائڻ ۾ گهٽ وقت ضايع نتا ڪن. شاديءَ تي به جيئن جيئن مهمان ايندو ويندو آهي ماني اڳيان رکندا ويندا اٿس. ماني کائي گهوٽ ڪنوار جو منهن ڏسي، ڏالريا به تحفي طور يا منهن ڏسڻي خاطر رکي، رمندو رهندو آهي. نڪاح هڪ ڏينهن اڳ ڪجهه مائٽن اڳيان ڪري ڇڏيندا آهن.

اسان وٽ شادين تي مهمان پيا گڏ ٿيندا ۽ پوءِ رات جا ٻارهن، ٻارهن ۽ هڪ به ٿي ويندو. پهرين آيل کي ڪارون پارڪ ڪرڻ لاءِ جاءِ ملي ويندي آهي پوءِ جا آيل ڪار بيهارڻ لاءِ پيا خوار ٿيندا آهن. پوءِ جي شاديءَ ۾ عورتن ۽ مردن لاءِ وهڻ جو بندوبست الڳ هوندو آهي ته وڃڻ وقت مرد پنهنجيون زالون ڳولڻ ۾ خوار هوندا آهن. ماني کائڻ بعد سڀ هڪ وقت اٿين پڇڻ جي ڪندا آهن جڻ رومن سلطنت جا قيد خانا پيچي جنگي سپاهي (POW) پيچي رهيا هجن ۽ جيڪا ماني رات جو ٻارهين بجي Serve ٿئي اها در اصل صبح جو ستين وڳي رڌڻ شروع ٿئي ٿي ۽ پوءِ اها ماني Cook ٿيڻ کانپوءِ ٿانڊن تي به ست اٺ ڪلاڪ رکي آهي جيئن مهمانن کي گرم ملي، چاهي رات جو يارهين ٻارهين يا هڪ ڪارائي وڃي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ماني سا گرم ملي ٿي پر سائنس جا چار درجا پڙهڻ واري کي به اها خبر

books.sindhsalamat.com



## هڪ ڪارٽون

هڪ امريڪن هڪ جپاني ڇوڪريءَ کي پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، جيڪا شايد ٻڌائي رهي اٿس ته ”پيچي پاسو ڪر جو منهنجو مڙس خطرناڪ ماڻهو آهي“. آمريڪن هن تي پنهنجي لءِ رکي رهيو آهي ته هوهن جي ٻئاءِ فرينڊ کي ٽونگي سان اڏائي ڇڏيندو.. ۽ جپاني ڇوڪريءَ جو ٻئاءِ فرينڊ هڪ عام جپاني ڇوڪرو نه پر ڇهه فٽ ٽن انچن جو قداور سومو پهلوان آهي جيڪو مٿان اچي ڪڙڪيو آهي.




www.sindhsalamat.com

هوندي ته اهي ٻوڙ مڇيون ڪيتريون هائيجينڪ هونديون! باهه تي رڌجي رڌجي انهن جون پروٽين ۽ وٽامنون ئي نڪري چڪيون هونديون.

بهرحال هن وقت ڳالهه ”وقت“ جي پئي هلي ته اسان وٽ وقت ڪافي ضايع ٿئي ٿو. شادين مرادين تي ته ڇا پر دوستن يارن وٽ چانهه تي يا ماني تي وڃ ته آڌي رات ته هر صورت ۾ ٿيو وڃي، پر ڪيترا دفعا صبح جا ٻه ٽي ۽ چار به ٿيو وڃن. ڪنهن محفل مان جلدي اٿڻ جو نالو وٺڻ تي ميزبان ”رسيو“ وڃي ”يار ويهو ته صحيح اهڙي به ڪهڙي جلدي آهي، ٻيا به ته ويٺا آهن.“ هو اٿڻ واري مهمان کي چوندو آهي.

ڪراچيءَ ۾ دوستن جي هڪ اهڙي محفل ۾ اسان جو سکر جو يار عاشق حسين شاهه به هو. ڪلاڪ اڌ ويهي سگريٽ وسائي اٿي کڙو ٿيو. ميزبان پڇيس! ”شاهه صاحب ڪيڏانهن؟“

”پنجن منٽن ۾ اچان ٿو“ آرام سان چئي نڪري ويو. نه موڪلائڻ چوڪلائڻ نه خدا حافظ نه ميزبان جون گلائون ڏوراپا. سڀني سمجهيو واش روم مان ٿيو ٿو اچي.

پنج منٽن جا ڏهه ٿي ويا تنهنجو ڪلاڪ، پوءِ ٻه ڪلاڪ. آخر تائين شاهه صاحب نه موٽيو. ٽئي چوٿين ڏينهن رستي تي مليو. پڇيومانس ته ان رات ڪيڏانهن هليو ويو هئين؟

”يار ڪم ياد اچي ويو حيدر آباد هليو ويس.“ عاشق ڏاڍو آرام سان ٻڌايو.

دل ۾ سوچيم عاشق جي اها ”پنجن منٽن ۾ اچان ٿو“ واري اٽڪل سٺي! نه مهمانن کي شڪ، نه ميزبان کي ڄاڻ ته همراهه ڀڄو پيو وڃي. في الحال ته آئون به اهو نسخو آزمائي رهيو آهيان. دعوتن مان جلدي اٿڻ لاءِ. جيسين هي مضمون ڇپجي پوءِ ڏٺو ويندو يا وري عاشق شاهه تي نظر رکبي ته ٻيو ڪهڙو ٿو نسخو ايجاد ڪري.

جيئن عاشق شاهه پنجن منٽن جو چئي گم ٿي ويندو آهي تيئن

books.sindhsalamat.com



هڪ ٻيو همراهه به اڄ کان ويهارو سال اڳ گم ٿي ويو هو. 1973ع کان وٺي 1980ع تائين جهاز جي نوڪريءَ ڪري اسان جو جپان ڏاڍو وڃڻ ٿيندو هو. ٽوڪيو، يوڪوهاما پاسي ڪجهه ظفر شيخ ۽ اشفاق ميمڻ جهڙا ماڻهو هميشه لاءِ رهيل هئا. ته ڪي سائين غلام علي الانا، اقبال ترڪ، رسول بخش راهوءَ جهڙا گهمڻ، سرڪاري دورن يا ڪن اهم ڪورسن لاءِ جپان ايندا رهيا ٿي ـ جن سان پڻ ملاقات ٿيندي هئي.

منهنجو جهاز ٽوڪيو يا يوڪوهاما جي بندرگاهه ۾ لنگر انداز ٿيندو هو ته ظفر شيخ وٽ پهچندو هوس. گهر ننڍو هوس. (پهرين ته سڄي گهر ۾ ڪمرو ئي هڪ هوندو هو پوءِ ٻن ڪمرن وارو گهر ورتائين، يعني هڪ بيڊ روم، هڪ ڊرائنگ روم وارو).

ظفر جو گهر ننڍو هو پر دل وڏي هيس، ان ڪري مون جهڙا هن وٽ هر وقت مهمان هوندا هئا. پوءِ پٽ تي ليٽيا پيا هوندا هئاسين. وطن کان آيل مهمان ته ايندا هئس پر اتي ٽوڪيو ۾ رهندڙ به ڦري گري اچي هن وٽان نڪرندا هئا. خاص ڪري اقبال سولنگي ۽ جان محمد ڪيريو ته هر وقت موجود هوندا هئا، ٽيون آئون.

ظفر آفيس مان اچي پٽاٽا چليندو هو پوءِ بصر جون ڳٽيل ڳنڍيون ڪٽي ڪاتر ڪري تيل ذري ۾ داڳ ڪري پٽاٽا رڌيندو هو. آخر ۾ ٿانو ڌوئڻ منهنجو ڪم هو. ڊبل روٽي ڪڏهن جان محمد ڪيريو آڻيندو هو ته ڪڏهن اقبال سولنگي. ان ڏينهن جان محمد به هٿين خالي پهتو ته اقبال به. هنن کي ان ڏينهن ان ٻوڙ رڌڻ واري عياشيءَ جي پروگرام جي خبر نه هئي. ظفر هاڻ ٻوڙ رڌيو هو. پٽاٽا بصر به ان جا هئا. آئون مهمان جو درجو رکيو ويٺو هوس ۽ مون کي هيڏنهن هوڏانهن ڊبل روٽيءَ پنيان ظفر موڪلڻ نٿي چاهيو ته متان گم نه ٿي وڃان. جان محمد به ڪجهه حد کان وڌيڪ سنجيده چهرو ٺاهيو ويٺو هو ان ڪري ڊبل روٽي آڻڻ جي فال اقبال جي نڪتي. هونءَ به اقبال اسان ۾ ننڍو

www.sindhsalamat.com

هو.

اقبال گهڻو ئي چيو ته يار آئون ته ماني کائي آيو آهيان. هاڻ شام جو ڪٽي ڏسنداسين پر ظفر چيس ته يار اسان نه ڪاڏي آهي. سئو يين (Yen) ٽيبل تان کڻي وچ ننڍي ڊبل روٽي وٺي اچ.

اقبال اٽيو ڊبل روٽي آڻڻ لاءِ. اسان پليٽن ۾ پٽاٽن جي گرم گرم پاڇي وجهي ويٺا خوشبوءِ سونگهيون. ويٺا خوشبوءِ سونگهيون! پرديس ۾، بڪ ۾ ۽ جپان جهڙي مهانگي ملڪ ۾، اسان جهڙن جونئر ملازمن لاءِ اها پاڇي ست رڇيءَ کان گهٽ نه هئي. اقبال جو نه هي پتو نه هو پتو. انتظار ڪري نيٺ راتوڪا بچيل چانور ديگڙيءَ تان ڪرچي لاهي آياسين. ڪجھ گذريل ٻن ٽن ڏينهن جي ڊبل روٽين جا ٽڪرا ۽ ڪَنا پيا هئا انهن سان پليٽون ۽ ديگڙو صاف ڪيوسين. اقبال شام تائين نه آيو سو نه آيو. ان رات اسان جو جهاز ٽوڪيو جي بندرگاھ مان لنگر کڻي جپان جي هڪ ڏورانهين بندرگاھ (بلڪل ڪوريا جي پرسان) شمونوسيڪي هليو ويو.

ان بعد ٻه هڪ ٻه دفعو جپان اچڻ ٿيو پر ڏورانهن بندرگاهن ۾ هئاسين. ٽوڪيو پاسي اچڻ ٿيو ٿي ته ايڏا جهاز جا ڪم نڪتا ٿي جو وڏ ۾ وڏ ظفر سان مختصر ملاقات ٿي سگهي ٿي. پوءِ يڪا اٺ نو سال ملائيشيا ۾ رهڻ ٿيو. ان بعد سئيڊن، ڊئنمارڪ ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ۾. پوءِ ڪويت، سعودي عرب ۽ پاڪستان ۾ نڪاڻو ٿيو.

ظفر شيخ سان خط و ڪتابت هجڻ ڪري ان جي خبر پئي پي ته هو اڄ ڪلهه جرمني ۾ سفير آهي ۽ ان کان اڳ ڪويت جي سفارت خاني ۾ هو باقي ٻين جي ڪا خبر نه.رات ڪراچيءَ جي هڪ هوٽل آواري ٽاورز ۾ اسان جي دوست شريف بلوچ (تعليم کاتي جي سيڪريٽري) جي ڌيءُ جي شادي تي دادوءَ وارو يوسف ميمڻ مليو. يوسف ٻڌايو ته هو گذريل ويهه پنجويهه سالن کان اسلام آباد ۾ رهي ٿو. خبر ناهي ڪيئن منهنجي دماغ ۾ اقبال سولنگي





اچي ويو جيڪو ٻڌائيندو هو ته هو اسلام آباد ۾ عيساڻي صاحب جي آفيس کان هتي ٽوڪيو آيو هو. يوسف ميمڻ کي چيم ته هڪ همراھ اسان سان گڏ ٽوڪيو ۾ هوندو هو اقبال سولنگي، تون سڃاڻين؟

”ها، بلڪل چڱي طرح. هينئر ترس ته اجهو ته هن شاديءَ ۾ آيو.“

”يار هن کي ڏٺي ويهن سالن کان مٿي ٿي ويا آهن. ٿي سگهي ٿو آئون سڃاڻي نه سگهان. اچي ته مونسان ملائجانس. پر اڄ ڪلهه آهي ڪٿي؟“ مون پڇيو مانس.

”اڄ ڪلهه هتي ڪراچيءَ ۾ ئي آهي ۽ ايڪسائيز کاتي ۾ ڊئريڪٽر جنرل آهي“. يوسف ٻڌايو.

ڏهين تائين انتظار ڪيم. اجا اڌ مهمان به نه آيا هئا. وڏيڪ ترسڻ نٿي چاهيم. ميزبان شريف ۽ ڀاڄائي عشرت کي عاشق شاھ وارو پنجن منٽن جو بهانو ڏئي اچي گهران نڪتس. ٻئي ڏينهن يعني ڪالهه ايڪسائيز کاتي جو نمبر هٿ ڪري نيٺ اقبال جو پتو ڪيديم.

”ابا تون آهين ڪٿي؟“ هن جيئن ئي هيلو ڪيو ته مون سوال ڪيومانس.

”هتي آهيان. توهان ڪير؟“ وڏي رعب سان هن پڇيو.

”توهان ڪير کي پوءِ ٿا ڏسون. هي جو تون ڊبل روٽي وٺڻ لاءِ سئو يين کڻي نڪتين سو اڃا ٿو موٽين؟ روپنگي يا گنزا هليو وئين يا سائوٿ آمريڪا؟“

بهرحال هو به جهٽ سڃاڻي ويو. پڇيومانس، ”اهو ٻڌاءِ ته هي گذريلويهه سال تون ڪٿي هئين. ظفر، جان محمد ڪيريو، الاٿا صاحب ۽ ٻين جي ته خبر پوندي رهي ٿي پر تون ڪهڙي دنيا ۾ هئين؟

پر هوڏانهن اقبال رڳو کلندو رهيو. ”منهنجي آفيس بئرڪ نمبر 64 ۾ آهي، اچ ته روبرو خبرون ڪيون. گذريل ويهه سالن جو احوال فون تي ته نه

ڪري سگهبو”. اقبال چيو.

اقبال بابت مون شايد ڪنهن اخبار يارسالي ۾ ڪجهه لکيو ناهي پرهن وٽ تنهن زماني ۾ به ڳالهين جا ڳِٽ هئا. ڏسجي ته هو لکڻ لائق ڪهڙا ۽ ڪيترا قصا تو ٻڌائي. تل دين گڏ باءِ.

ڪراچي _ 1998





# ناٽو ڪنواري ڇوڪريءَ مثل آهي

اسان جي ملڪ جي ڪرنسي ”ناڻي جو اگهه“ ڏينهون ڏينهن ڪرندو رهي ٿو. ايڪانامي ۽ ڪامرس جا ڄاڻو سمجهي سگهن ٿا ته اها ڪيڏي خراب ۽ خطرناڪ ڳالهه آهي. اسان پلي ورلڊ بئنڪ، آءِ ايم ايف ۽ آمريڪا تي ڏوهه مڙهي هنن کي گاريون ڏيون، پر اسان جو به ته ڏوهه آهي. اسان انهن کان قرض ئي ڇو ٿا ڪٽون. ڪورياجي هڪ سرڪاري ڪاموري مون کي چيو (بلڪ ٺوڪ طور چيو)، ”قرض ته اسين ۽ ٻيا ملڪ به ڪٽن ٿا، پر پوءِ اسان ان قرض کي واپار وڙي، انڊسٽري ۽ چڱن ڪمن ۾ لڳائي هڪ طرف پنهنجي ملڪ جي بيروزگارن کي ڌنڌي ڌاڙيءَ سان لڳايون ٿا ته ٻئي طرف ايترو ڪمائي وٺون ٿا جو ورلڊ بئنڪ يا (آءِ ايم ايف) وارن کي سندن مور ۽ وياج ڏيڻ بعد به اسان کي بچت ٿيو وڃي. توهان وٽ قرض جا پئسا عوام جي ڀلي خاطر استعمال ٿيڻ بدران سرڪاري ڪامورا، سياستدان ۽ ٻيا چند مٿاهين طبقي جا ماڻهو پنهنجي عياشيءَ تي استعمال ڪن ٿا.“

هن مون کي اسان جي هڪ وزير جو مثال ڏنو جيڪو لنڊن جي هڪ اعليٰ اسٽور تان پنهنجي زال سان گڏ لکين رپين جي خريداري ڪري رهيو هو. هو لنڊن ۾ سرڪاري دوري تي آيو هو. ”هڪ سعودي عرب جو شهزادو يا برونائي جي حاڪم جو پائٽيو پاڻيجو پلي ائين خريداري ڪري پر اسان جهڙن غريب ۽ اوڌر تي هلندڙ ملڪن جي سياستدانن ۽ ڪامورن کي ائين ڪرڻ هرگز نه جڳائي..“ هن ٻڌايو.

”اسان جي روپئي جو اگهه ڏينهون ڏينهن ڇو گهٽبو وڃي؟“ مون هڪ ڪامرس جي ڄاڻوءَ کان پڇيو.

”دراصل ڳالهه هيءَ آهي ته حڪومت ڳالهه ته ڪري ٿي پر پنهنجي عياشيءَ کي نٿي گهٽائي. اسان وٽ سرڪاري آفيسر يا وزير ۽ سياستدان تي

اڇڻ معنيٰ عوام جي خدمت ڪرڻ ناهي پر عياشي ڪرڻ آهي. پوءِ ملڪ جي خزاني ۾ ناڻو نہ آهي تہ بہ قرض کڻي عيش ڪيو وڃي ٿو. (بنا ان سوچ جي تہ اهو ڪيئن لاهبو) يا نوٽن مٿان نوٽ ڇاپيا وڃن ٿا. ڏهين رپئي جي پني جي شيٽ تي پنجاهہ هزار هزار رپئي وارا نوٽ ڇپجي سگهن ٿا. اهو ڪم "ڪم خرچ بالا نشين" سمجهيو وڃي ٿو. پوءِ اها ڳالهہ لڪي نٿي، هر هڪ کي خبر پئجيو وڃي تہ ملڪ جي بئنڪن ۾ ايترو سون ناهي جيترا نوٽ ڇپجن پيا. پوءِ ماڻهو نوٽ بدران سون وٺن ٿا يا ڪنهن اهڙي ملڪ جا نوٽ وٺي رکن ٿا جنهن جي ساک آهي ۽ پوءِ ڏينهون ڏينهن رپئي جو اگهہ وڃي ڪرندو. ٻين لفظن ۾ رپئي مان ماڻهن جو ويساهہ گهٽجيو وڃي."

ڏٺو وڃي تہ ڏکڻ آمريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن جي اها حالت ٿي چڪي آهي. ملڪ جو پنهنجو سڪو رکڻ بدران اتي جا ماڻهو آمريڪي ڊالر، برٽش، پائونڊ يا جرمن مارڪ رکن ٿا. جنهن وٽ بہ چار پئسا گڏ ٿين ٿا اهو پهرينءَ واندڪائيءَ ۾ اهي مٿائي ڊالر وٺيو اچي. ڏينهون ڏينهن ڊالر جو وڃي اگهہ چڙهندو.

"در اصل اهو ڊالر جو اگهہ نٿو چڙهي." هوائي جهاز ۾ مون سان سفر ڪندي هانگ ڪانگ جي هڪ چيني واپاريءَ مون کي ٻڌايو" پر ان ملڪ جي ڪرنسي جو اگهہ پيو ڪري، مثال طور آمريڪا ۾ ٽن ڊالرن ۾ آئيسڪريم جو هڪ ليٽر (ڪلو گرام) ملي ٿو ۽ اڄ ڪلهہ توهان جي ملڪ پاڪستان ۾ هڪ آمريڪي ڊالر ٽيهن رپين جو آهي پر پنج سال اڳ جڏهن آمريڪي ڊالر ارڙهين رپئي جو هو تہ بہ آمريڪا ۾ آئسڪريم جو ليٽر ٽن ڊالرن ۾ مليو ٿي. يعني آمريڪا جو ڊالر نٿو وڌي يا گهٽي ڪو معمولي چڙهندو هجي پر جيڪو ڪري پيو اهو توهان جي ملڪ جو ناڻو (روپيو) پيو ڪري. ٻين لفظن ۾ شين جا اگهہ ايترو نہ پيا ڪرن پر ناڻي جو قدر پيو ڪري. سعودي عرب ۾ سڄي ڪڪڙ ڇهن ريالن ۾ اڄ کان ڏهہ سال اڳ ملي ٿو. اڄ بہ ايتري ۾ ئي ملي رهي آهي ۽





ٿي سگهي ٿو ايندڙ ڏهن سالن ۾ اهو ئي اگهہ رهي، پر پاڪستان جهڙا ملڪ جن جي ايڪانامي ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي وڃي ۽ وڃي ٿو رپئي جو اگهہ ڪرندو. انهن لاءِ سعودي عرب جي هر شيءِ ڏينهون ڏينهن مهانگي محسوس ٿيندي."

اسان جو غريب حاجي جيڪو ايڪانامڪ جي اصولن کان اڻ واقف آهي اهو پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي حڪومت کي ڏوهي چوڻ بدران سعودي عرب جي دڪاندار تي ٺي چوهہ چندي ٿو تہ نياڳا عرب ڏينهون ڏينهن وڃن مهانگائي ڪندا.

۽ اها مهانگائي ايتري تہ وڌندي وڃي جو اسان جي ڳوٺن جا ماڻهو بہ رپيا مٽايو وٺن ڊالرن ۾ اڪائونٽ کولرائيندا. سپر هاءِ وي تي هن دفعي پنڪچر ٿيل ٽائر ٺهرايم تہ مستريءَ في پنڪچر جا ويهہ روپيا گهريا.

"شهر ۾ تہ پنڌرهن ٿا وٺن." مون چيومانس.

"اسان بہ پنڌرهن وٺندا هئاسين. ٽيو ڏينهن کان ويهہ ڪيا اٿئون."
پير اگهاڙي ڏاڙهي وڌيل ۽ تيل ۾ ڪارا ٿيل ڪپڙن ۾ ملبوس مستريءَ بيڙيءَ جو ڪش هڻي چيو.

"ڇو ڀلا..؟ مون تعجب مان سبب پڇيو.

"ڇو ڀلا!" هن جواب ڏيڻ بدران پهرين منهنجو سوال اهڙي نموني سان ورجايو ڄڻ ڇئي رهيو هجي تہ صفا ڪو ڄٽ آهين. پوءِ مون کي مٿي کانپيرن تائين غور سان ڏسي چيو، "گذريل ٻن مهينن ۾ ڊالر جو اگهہ پنجويهن کان وڃي اٺاويهہ ٿيو آهي پنڪچر جا پئسا نہ وڌائيندا سين تہ پيو چا."

آئون اهو ٻڌي في الحال حيرت ۾ پئجي ويس. مون تہ شايد ائين وقت پاس ڪرڻ لاءِ کڻي سوال ڪيو. مون کي اها ڄاڻ هئي يا نہ تہ ڊالر جو اگهہ ٽي رپيا چڙهي ويو آهي. (يا اسان جي پياري رپئي جو اگهہ ڪري پيو آهي) پر

اها ڄاڻ نه هيم ته اسان جي رپئي جو مان ۾ قدر ايڏو ڪري پيو آهي جو نه فقط مٿين ليول جا واپاري ڪارخانيدار ۾ معاشيات جا ڄاڻو سمجهي ويا آهن پر هڪ عام اڻ پڙهيل ماڻهو، جيڪو شهر ۾ آبادي کان ڏور ويٺو آهي اهو به واقف ٿي ويو آهي. اها هڪ بيحد ڳنڀير Situation آهي. هي ائين آهي جيئن ڪنهن عورت جي رنڊي هجڻ جي خبر فقط هن جي يارن ۾ اوڙي پاڙي جي چند ماڻهن تائين محدود هجي، پوءِ هن جي ڪرتوتن جي خبر ايتريقدر عام ٿي وڃي جو شهر جي ننڍي وڏي کي پئجي وڃي ته فلاڻي عورت جيتوڻيڪ پاڻ کي وڏين چادرن ۾ ڍڪي شريف ٿي ٿي هلي پر آهي ڪانه. جڏهن ناڻي جو اگهه به هڪ وار ڪِرڻ لڳي ٿو ته ڪرندو رهي ٿو. روس ڪيڏو طاقتور ملڪ آهي. سرڪار يطرح هو روبل جي ڪٽي ڪهڙي به قيمت رکن ٿا پر عام مارڪيٽ ۾ ٽَڪو به نٿو لهي.

ڏکڻ آمريڪا جي هڪ ملڪ (Peru) جو مثال اکين اڳيان آهي. هن ملڪ جي ڪرنسي (سڪو) وڃي ٿو ڪرندو. ملڪ جي حاڪمن ۽ آفيسرن کي ڪو خيال ناهي. وڃن پنهنجا گهر پريندا ۽ عيش ڪندا ۽ نوٽ مٿان نوٽ ڇپيندا. بقول ڪنهن جي پيرو (Peru) ملڪ جي ڪرنسي (نوٽ) واهيات پني پور آهن (They are useless paper pieces).

انڊونيشيا وانگر پيرو جا به ڊالر ۾ سوين نوٽ ملن ٿا. هوٽل ۾ هڪ رات جي رهائش جي مسواڙ لاءِ ٽي چار بنڊل نوٽن جا ڏيڻا پيا. ظاهر آهي ملڪ جي ڪرنسي ڪِرڻ ڪري مهانگائي ٿئي ٿي .... ڊالر جو اگهه چڙهي ٿو ۽ جيترو چڙهي ٿو اوترو عوام ان کي خريد ڪري ٿو، جو هن جو پنهنجي ملڪ جي ڪرنسيءَ مان وشواس نڪرندو وڃي ۽ پوءِ اهڙي ملڪ جو نوٽ ڪو فقير به نٿو وٺي.

ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ منهنجو جهازي دوست پيرو (ڏکڻ آمريڪا) کان موٽيو. هن ٻڌايو ته اتي جي پئسن جو اگهه ايترو ڪري پيو آهي جو نوٽ ڪاڪوسن ۾ نظر اچن ٿا. پيرو جي گاديءَ جو شهر ليما آهي پر هنن جو جهاز





پيرو جي هڪ بندرگاهه Callao (ڪايائو) ويو هو. (اسپيني زبان ۾ ڊبل ايل کي واءِ اچاريو وڃي ٿو. سو لکبو ڪالائو آهي پر پڙهبو ۽ سڏبو ڪايائو آهي). هنن جو جهاز ڪايائو بندرگاهه ۾ ڪافي ڏينهن هو. سامان لاهڻ بعد جهاز جي مرمت ٿيڻي هئي جنهن لاءِ جهاز کي ڊراءِ ڊاڪ (خشڪ گوديءَ) ۾ وٺي ويا. جهاز جڏهن ڊراءِ ڊاڪ ۾ هوندو آهي ته پاڻيءَ جي هار وير تي منع ڪئي ويندي آهي. باٿ روم يا ٽوائليٽ لاءِ جهاز تان هيٺ لهي ڪناري جا ڪاڪوس استعمال ڪرڻا پوندا آهن، پر لڳي ٿو ته جهاز تي ڪم ڪندڙ مزورن مان ڪنهن کي اهڙي ته امرجنسي درپيش آئي جو هو جهاز تان هيٺ لهڻ بدران جهاز جي ئي ڪاڪوس ۾ گهڙي ويو. صفائي لاءِ پاڻي نه هجڻ ڪري هو نوٽن سان اگهي آيو. هونءَ به ناڻي جو اگهه ڪرڻ ڪري پيروءَ ۾ ايڏي ته مهانگائي وڌي وئي آهي جو ٽئاليٽ پيپر جي هڪ رول خريد ڪرڻ لاءِ جيترا نوٽ ڏيڻا پون ٿا اهي جي هڪ ٻئي سان ڳنڍجن ته ذري گهٽ اڌ رول جيترو پنو ته ٿي وڃي.

هينئر حيدرآباد ڪراچي سپر هاءِ وي تي ڪارن جي ٽائرن جا پنڪچر ٺاهڻ واري همراهه جي واتان اهو ٻڌي ته مهيني ۾ ٽي دفعا ڊالر جو اگهه چڙهي چڪو آهي (جيڪو در اصل اسان جي رپئي جو ملهه ڪرڻ سمجهڻ کپي) جو سوچي پيرو جهڙا ملڪ ڌيان ۾ اچي رهيا آهن جن جي ناڻي (ڪرنسي) جو قدر ڏينهون ڏينهن چڙهڻ ۾ بهتر ٿيڻ بدران ڪري رهيو آهي جنهن لاءِ (يعني ڪرنسي لاءِ) ٽوڪيو جي شپ يارڊ جو فائننس ڊئريڪٽر اسان جهڙن ملڪن کان آيل سرڪاري نمائندن کي هميشه اهو چوندو هو ته:

‘Once you loosen a currency, it is gone forever _ like virginity.’

(مالمو_ سئيڊن 1992)

# زلزلا ڪيئن اچن ٿا ؟

ڌرتيءَ جي چوڌاري وڏين ڇپن جا تهه جڏهن چر پر ڪن ٿا ته ڌرتيءَ جو اهو حصو ڏڏيو وڃي. ان ڪان سواءِ ڌرتيءَ اندر پيدا ٿيندڙ گرمي جڏهن زمين ڦاڙي ٻرندڙ جبل (Volcano) جي صورت ۾ ٻاهر نڪري ٿي ته اوسي پاسي جي زمين جا مٿيان تهه لڏيو وڃن ۽ عمارتون ۽ وڻ ٽڻ اچيو ڦهڪو ڪن.

بهرحال اهو مٿيون سبب ته ٿيو سائنسي. جپانين جي پراڻين روايتن Legend مطابق زلزلا ٻلي مهاندي واري مڇي (Catfish) جي ڪري اچن ٿا، جيڪا زمين اندر گپ ۾ رهي ٿي. مڇيءَ کي هيڏانهن هوڏانهن ڦٿڪڻ کان بچائڻ لاءِ جپاني عقيدي مطابق ڪاشيما ۾ رهندڙ تاڪيميڪا ڙُوچي ديوتا هن جي مٿان وڏو پٿر ڪُپائي رکي ٿو ۽ جيستائين مڇي هڪ نندي هنڌ سوگهي آهي ڌرتي نٿي لڏي. جيئن ئي ڪاشيما ديوتا ڍر ٿو ڏئي يا ٿورو آرام ٿو ڪري ته مڇي ڦٿڪڻ لڳي ٿي ۽ ڌرتي لوڏن ۾ اچيو وڃي.

جپانيءَ ۾ هيءَ مڇي نامازو سڏجي ٿي. هونءَ ڪئٽ فش جو نالو سندس ٻليءَ جهڙين مڇن ڪري پيو آهي. ڪئٽ فِش کائڻ کان گريز ڪئي وڃي ٿي _ خاص ڪري گهٽي مقدار ۾ کائڻ کان. اهو ان ڪري جو هن ۾ پارو (Mercury) موجود رهي ٿو، جيڪو صحت لاءِ هاڃيڪار آهي ۽ انسان جو نروس سسٽم تباه ڪريو ڇڏي.





# پڇ لوڏي زلزلو آڻ

مينهوگيءَ جي موسم ڪنهن کي نٿي وڻي. ڪولمبو، بمبئي ۽ مدراس پاسي ته سانوڻي Monsoon جو اثر مئي کان ئي شروع ٿيو وڃي. اسان وٽ جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهيني ۾ ٿئي ٿو پر اهو به ٿورو. ڪنهن سال به چار سٺا وسڪارا ٿي ويندا ڪنهن سال ته ٻنهه نه. ڪڪر ايندا، گڏ ٿيندا وري رمندا رهندا. ڪلڪتي، ممبئي، ملائيشيا ۽ انڊونيشيا وانگر نه ته روز روز مينهن! ايتري مينهن کانپوءِ ماڻهو بيزار ٿي پوندا هوندا. پر هتي اسين سنڌ جا رهاڪو مصرين، عربن، راجستانين وانگر مينهن جا سڪايل آهيون. ڪراچيءَ ۾ وري به حيدرآباد، خيرپور، سکر کان وڌيڪ جهڙ به رهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته انهن مهينن ۾ ڏينهن جا ڏينهن لاڳيتو جهڙ ٻرهي ٿو. ايتريقدر جو اسين جهازن وارا چوندا آهيون ته جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهيني ۾ ڪراچي جهڙو يورپ ٿيو وڃي، يعني جهڙ ڦڙ لڳو پيو آهي.

چون ٿا ته گذريل سال هتي ڪراچيءَ ۾ ڏاڍو مينهن وسيو هو. آئون ٻاهر هوس ۽ مينهوڳيءَ جي منڊ مان مزو وٺي نه سگهيس. ان کان سال اڳ ته صفا نه وسيو هو، سو ان سال چڱو جو ٻاهر هوس. هن سال هتي ڪراچيءَ ۾ آهيان. هن سال ڏاڍي گرمي ٿي آهي. آئون رڳو ڪونه ٿو چوان ٻيا به چون ٿا. بلڪ چون ئي ٻيا پيا. آئون ته خاموش آهيان. مون کي ته چوڻ به نه کپي ۽ هونءَ به اهڙا رمارڪ ڏيڻ کان گريز ڪندو آهيان. مون وانگر جيڪڏهن ڪو ٻاهر رهي ٿو ته ان کي به ان تي عمل ڪرڻ کپي نه ته ٻيا اجايو ٺوڪيندس: "وڏو آيو آهي ولايتن مان رهي اچڻ وارو! ڄائو نپنو هتي سنڌ جي ريگستان ۾، هاڻ وري وڏو انگريز ٿي گرميءَ جي دانهن ٿو ڪري."

سو يارو هن سال اپريل کان وٺي سخت گرمي شروع ٿي وئي آهي.

مئي ۽ جون ۾ ته گرمي ڏينهون ڏينهن وڌ رهي. ويتر پاڻيءَ جي به کوٽ رهي. بجلي ته نه فقط هتي ڪراچيءَ ۾ وڃي ٿي پر وزيراعظمن ۽ وزيراعلائن جي ڳوٺ لاڙڪاڻي، نئين جتوئي، سنڌڙي، ڀيٽي ۽ خيرپور ۾ به وڃي ٿي. بلڪ اهو حال سڄي پاڪستان جو ٿي ويو آهي. ان جو ڀي ٽڪا افسوس جپانين کي ضرور آهي- يعني بجلي وڃڻ جو، جو هنن جا اليڪٽرڪ گهڙيال پاڪستان ۾ ٺٺا وڪامي سگهن.

بهرحال هن سال ڏاڍي گرمي ٿي آهي ۽ اڃا هلي رهي آهي. جولاءِ جو مهينو به شروع ٿي ويو آهي پر مينهن جو نالو نشان ناهي. اخبارن ۾ پيو اچي ته مينهن لاءِ دعائون گهريون پيون وڃن جيئن مينهن وسي ته حب نديءَ ۾ پاڻي گڏ ٿئي ۽ ڪراچي وارن کي وڌيڪ پاڻي ملي. ٽيو ڏينهن اسلام آباد کان ڪراچي پئي آيس. پائليٽ پيٽارو جو ڪاليجي دوست ڪئپٽن بلال حيدر رانا هو. اسلام آباد ۾ رهيل به ان وٽ هوس. فلائيٽ شام جو ڇهين بجي ڌاري هئي. منجهند ڪانڌري ذري بئگ ٺاهي هلڻ جو پروگرام پڇانس ۽ منهنجو زور ته ايئرپورٽ تي سوير پهچجي، گهٽ ۾ گهٽ ڀ ڪلاڪ ڪن.

"ادا تون اجائي اون ٿو ڪرين،" بلال سمجهايو. هتان "آئي 10" کان اسلام آباد ايئرپورٽ آهي ئي ڪيترو پري. ڀلا توکي ڊرائيور سوير ڇڏي پوءِ مون کي اچي ڪڍندو جيئن آئون ڪلاڪ کن وڌيڪ سمهي سگهان جو مون کي ڪراچي بعد هوائي جهاز کي ڪوپن هيگن وٺي وڃڻو آهي."

مون سمجهيو طوفانن جو اثر رڳو اسان وارن پاڻيءَ جي جهازن تي ٿئي ٿو پر اڄ هتي به آندا ٿي نڪتا. چانهه ته ڇا بسڪيٽ کائڻ تي به دل نٿي چيو. جهاز اهڙن ته Air. Pockets ۾ ڦاسي پيو جو اسان جا رڳو ابڙاڪ هئا. پٺيان ڪجهه مسافرن ته الٽيون به پئي ڪيون. بلال مون سان خبرون جاري رکيون. "خبرن کي ڇڏ، تون جهاز کي ڏس. هن بلنديءَ تان ٿا جي ٽٽون ته چيتيون چيتيون ٿي ويندا سين". پر ڪيس ائين چئي به نه سگهان ته جهاز ڏي





ڌيان ڌر. ائين چوڻ سان پڪ هيم ته اهو ئي چوندو ته ٻارهن سالن کان پيو جهاز هلايان اڄ نئين مان ته پائليٽ نه ٿيو آهيان.

"هاڻ پنهنجي ساڄي پاسي شيخوپوره آهي. هيٺ ڏاڍو منهن پيو وسي. پٺيان لاهور ۾ به سخت مينهن هو. اڄ لڳي چاليهه منٽن تي نوابشاهه پهچنداسين اتي به سخت مينهن آهي. هي ڪڪر ڪراچي تائين پنهنجو ساٿ ڏيندا". هو ٻڌائيندو هليو.

پوري نائين بجي جهاز هيٺ ڪراچي ايئرپورٽ جو رخ رکيو. دل ۾ چيم سڄو سفر خواريءَ ۾ گذريو پر اهو آهي ته ڪراچي پهچي مينهن جو مزو نصيب ٿيندو. جهاز ڪڪرن کان هيٺ لهي ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿو، خبر پئي ته سڄي ملڪ ۾ مينهن آهي پر ڪراچيءَ ۾ نه آهي ۽ نه هو.

اها ته ٿي ٽيو ڏينهن جي ڳالهه. ڪالهه صبح کان سخت گرمي گهُٽ، رُڳهه ۽ گهميل موسم هلي هلي شام جو سخت گهاٽا ڪڪر گڏ ٿي ويا ۽ ويو آسمان ڪارو ٿيندو. ڄاڻ ته مينهن وٺو. آئون هاڪس بي واري پاسي هوس جتان بيهي اولهه ڏي (بلوچستان پاسي) نظر ٿي ڪيم ته پري پري تائين ڪڪر ئي ڪڪر هئا ۽ اوڀر پاسي ڪلفٽن ڏي ڏٺم ته اوڏانهن به ڪڪر ئي ڪڪر سڄي آسمان تي ڪار ۽ اونداهه انڌوڪار ٿي ويو ته به مينهن جي هڪ ڦڙي به نه. سامهون ڪلفٽن ڏي نهار ڪرڻ سان رستي تي اسان کي پي اين ايس سي آفيس PIC ٽاور ۽ ٻيون عمارتون به نظر نه پئي آيون لڳو پئي ته مينهن وسڻ شروع ٿي ويو آهي ۽ چند منٽن ۾ هتي به شروع ٿي ويندو. ڪلفٽن پاسي کان وسندو اچي. مائي ڪولاچي روڊ ، ٽاور، ويسٽ وهارف کان ٿيندو هيڏانهن هاڪس بي ۽ سئنڊس پٽ تي به وسڻ شروع ٿيندو. اڌ ڪلاڪ گذري ويو پر هڪ ڦڙي به نه. آخر ٽيليفون کڻي ڊفينس سوسائٽيءَ ۾ رهندڙ ڪئپٽن رشيدابڙي جو نمبر ملايو.

"ڪر خبر، مينهن پوي پيو توهان ڏي؟" مون پڇيومانس.

”نہ نہ! اڃا تہ آسرو ناهي.“ هن آرام سان وراڻيو.

” اڃا آسرو ناهي معنيٰ اڃا ويجهڙائيءَ ۾ ڪا اميد ناهي“ مون سوچيو. هو ڪو جادوگر ناهي پر پاڻي جي جهاز جو ڪئپٽن هجڻ ڪري هن جي سڄي عمر موسمن کي جانچڻ، سمجهڻ ۽ پرکڻ ۾ گذري آهي_ جنهن جي آڌار تي جهاز کي سلامتي سان هلائڻ هن جو ڪم آهي.

”يار هيڏي ڪار لڳي پئي آهي. سڄو آسمان ڪڪرن سان لس ٿي پيو آهي پوءِ بہ مينهن نہ پيو وسي!“ مون پنهنجا دليل ڏنا.

”ڳالهہ ٻڌ“ ڪئپٽن رشيد ها يا نہ ۾ جواب ڏيڻ بدران مون کي ٽيڪنيڪلي سمجهائڻ چاهيو. ”هوا جو رخ ڪهڙو آهي؟“ هن پڇيو.

ڪارڊ ليس فون ڪٽي ٻاهر نڪري جائزو ورتم. پنيان بلوچستان واري پاسي کان هوا لڳي رهي هئي. سخت جهڙ هجڻ ڪري سج تہ نظر نہ پئي آيو پر جنهن طرف نماز پڙهجي ٿي معنيٰ ڪعبو ان پاسي ٿيو. ”ويسٽ جي هوا آهي“ مون طرف جو اندازو لڳائڻ سان ڪئپٽن رشيد کي چيو.

”پوءِ پلا مينهن ڪيئن پوندو..؟“

”ڇو پلا..؟“ مون سوال ڪيو.

”بس اهو تہ قدرت جو قانون آهي. هر ڳالهہ لاءِ قدرت جا قانون Set ٿيل آهن. مينهن فقط ۽ فقط تڏهن وسندو جڏهن نارٿ ايسٽ (اتر_اوڀر) جي هوا لڳندي.“

”يار ڏاڍي ٻڌائي! اسان انجنيئر ماڻهو هاڻ اهو ٻئو طرف ڪيئن سڃاڻون؟“

”چڱو ڳالهہ ٻڌ.“ مون کي منجهيل ڏسي وري رشيد چيو. ”مينهن وسڻ جي آسان نشاني ٿو ٻڌايئين: جڏهن واڇوڙي وانگر مٿي مٿي آسمان ڏي اڏامڻ لڳي، جڏهن سي گل، ڪٻرين، ڪانگن، جهرڪين کي بوبڪن جي ڳيرن وانگر بولاٽيون پائيندو ڏسين ۽ هو سڌو اڏامڻ بدران نشئين وانگر هيٺ





مٿي ٿيندا رهن تہ سمجهي وڃجانءِ تہ مينهن آيو ڪي آيو ۽ اتر_ اوڀر جي هوا پئي لڳي.“

مون ڪان ٺهڪ نڪري ويو. ”واهہ جي نشاني ٻڌائي.“ مون چيومانس.

پکي ڪٽي هتي جا هجن يا ملائيشيا جي جهنگلن جا يا سمنڊ تي ترندڙ ۽ اڏامندڙ، سندن اهو انداز Behavior ساڳيو ٿو رهي. هي مينهن تہ سانوڻيءَ جا آهن سوانهن جي وسڻ لاءِ اسان وٽ هڪڙو هوا ئي طرف Wind Direction رهي ٿو تہ ڍاڪا، چٽاگانگ، ڪلڪتي، ڪولمبو ۾ ٻيو آهي. وري سياري جي مينهن وسڻ، ڪڪر گڏ ٿيڻ ۽ لڙي وڃڻ جو پئٽرن سانوڻيءَ جي مينهن کان اسان وٽ ٻيو ٿو ٿئي. ويندي گهيري ۾ آيل ايراضي (Covered Area) بہ مختلف ٿئي ٿي. سانوڻي جي مينهن لاءِ تہ ائين بہ چيو وڃي ٿو تہ ڍڳيءَ جي هڪ سڱ تي وسي ٻي تي نہ وسي. (ڇو جو ڪڪر ايترا گهاٽا، ننڍا ۽ هيٺاهان ٿين ٿا جو هڪ واضح ليڪ اندر وسن ٿا). پر مينهن وسڻ کان اڳ پکين جو Behavior (چال) جتي ڪٿي ساڳي آهي. قدرت پکين، جانورن، جيتن ۾ ڪي ڪي ڳالهيون اهڙيون رکيون آهن،جو هو انهن ذريعي ڪي ڪي شيون اسان انسان کان بهتر سمجهن ٿا.

چون ٿا تہ جهاز ٻڏڻ جي اڳواٽ خبر ڪوئن کي پوي ٿي. هو ماڻهن کان بہ اڳ رسين ذريعي جهاز ڇڏي ڀڄڻ لڳندا آهن. ڪيڪڙي (Crab) کي ڪٽي ڪاٺ جي پيتيءَ ۾ بند ڪريو تہ بہ هن کي سمنڊ جي وير چڙهڻ ۽ لهڻ جي خبر پوندي رهي ٿي ۽ هو High Tide ۽ Low Tide مطابق ننڊ ڪري ٿو، جاڳي ٿو ۽ پنهنجي جنسي زندگي گذاري ٿو.

1923 ع ۾ جيڪو ٽوڪيو ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ زلزلو آيو هو ان ۾ ڏيڍ لک کن ماڻهو مري ويا هئا. جپان ۾ اهو عام عقيدو آهي تہ ان قسم جا وڏا ۽ خوفناڪ زلزلا هر ستر سالن بعد اچن ٿا. هن وقت 1993 ع جو سال

شروع ٿيڻ وارو آهي ۽ جپان جي گادي واري شهر ۾ ماڻهن جي دماغ ۾ يا ڪٿي چئجي ته سندن تحت شعور ۾ هڪ قسم جو خوف (Nervousness) آهي. ڪيترا ان ڪوجنا ۾ لڳا پيا آهن ته آيا ٻلي مهاندي واري مڇي، (ڪئٽ_فش) بي چين ٿي رهي آهي يا نه.

ڏٺو ويو آهي ته جنهن وقت Cat_fish پريشان ٿي پنهنجو پڇ زور زور سان وڄٽي وانگر، لوڏي ٿي ته جپان ۾ زلزلو اچي ٿو. اها جپان جي روايت (Legend) آهي. 1980ع ۾ جپان حڪومت جي موسمي کاتي ان Legend جي ڪوجنا شروع ڪئي. موسمي کاتي ٻلي مهاندي مڇين جو ست سال اڀياس ڪيو. مڇين جي پڇ لوڏڻ تي جپان ۾ لڳندڙ ننڍي پيماني جو زلزلو درج ڪيو ويو تي جنهن جهڙا زلزلا جپان ۾ هر سال ڪيترائي اچن ٿا. موسمي کاتي گهڻي ئي ڪوشش ڪئي پر آخر تائين هو ان ڳجهارت کي سلي نه سگهيا. هو زلزلن جو الزام نه ته هن مڇيءَ تي هٽي سگهيا آهن نه وري ڪيس ان ڏوهه کان ڇوٽڪارو ڏئي سگهيا آهن. ڇو ته سواءِ ڪجهه جي باقي زلزلا ان وقت ئي آيا جڏهن هن مڇيءَ پڇ تي لوڏيو.

**مالمو سئيڊن/ 93_1992**



# ديئر از نو چئائس!

سڳا جو فنڪشن اٽينڊ ڪندي ڪئين سال ٿي ويا هئا. گذريل ٻه ڏهاڪا سالن جا ٻاهر هوس. خاص ڪري فنڪشن وارن ڏينهن ۾ پاڪستان اچڻ نه پئي ٿيو، ۽ هن فنڪشن ۾ ته مون کي به ايوارڊ ملي رهيو هو. هڪ ڏينهن اڳ ۾ سڳا جي سيڪريٽري مظهر ميمڻ فون ڪري ٻڌايو ته بخش علي لاکي توهان جي اچڻ جي تاڪيد ڪئي آهي.

اهو ٻڌي خوشي ٿيم_ ان ڳالهه جي ته ڪنهن ته منهنجي ادبي خدمتن کي Recognition ڏني. دل ئي دل ۾ چيم : ”وري به شاباس هجي ههڙن ادارن کي جن جي مالي حالت به ڪا خاص ناهي ته به اسان جهڙن سنڌي اديبن، شاعرن، ڳائڻ ۽ ٻين فنڪارن جي همت افزائي ڪندا وتن جيڪو ڪم حڪومت کي ڪرڻ کپي.“

ڪنهن سنڌيءَ کي ڪو انعام اڪرام يا اوارڊ ڏيڻ وقت حڪومت نه فقط غريب ۽ مسڪين ٿيو پوي پر ڪنجوس پڻ.

مون جهڙا ٻيا به ڪيترائي سنڌي سوچيندا هوندا. آئون به سوچيان ٿو ته گذريل ٽيهن سالن ۾ مون پنجاهه ڪن ڪتاب ۽ سوين اخباري ڪالم لکيا هوندا پر سرڪار طرفان ڪا به مڃتا نه ملي آهي_ شايد ان ڪري جو اهي سنڌيءَ ۾ لکيااٿم. دراصل ان جو احساس مون کي شايد ايترو نه ٿئي ها جيڪڏهن ٻاهر جي دنيا جي خبر نه هجيم ها ۽ سڄي عمر ڳوٺ ۾ فقط علي نواز وفائي جي هفتيوار اخبار ”آزاد“ پڙهي گذاري ڇڏيان ها.

لنڊن، دبئي، ويندي سئيڊن ۽ سعودي عرب ۾ پاڪستانين جون ڪيترين ئي ادبي محفلون ٿينديون آهن. مشاعرا ٿيندا آهن. پر اهي سڀ اڙدو جا ئي ٿيندا آهن. ڪو خاص اعتراض نه اٿم. اسان جا اڙدو ڳالهائيندڙ

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

پاڪستاني جتي ڪٿي ڪيترائي آهن (سنڌي جيڪڏهن گهٽا آهن ته فقط مديني جي اوس پاس ۾، جتي هو کجيءَ جي باغن ۾ هارپو ڪن ٿا). ان کان علاوه اڙدو پاڪستان جي قومي زبان آهي، چاڻ اٿم. پر اها به ڄاڻ اٿم ته سنڌي به ته هڪ زبان آهي. قديم زبان آهي. پاڪستان جي ڌرتيءَ جي واحد زبان آهي جيڪا ڳالهائڻ سان گڏ لکي ۽ پڙهي به وڃي ٿي ۽ يونيورسٽين ۾ پي ايڇ ڊي ليول تائين آهي. ان ڪري ان جي ڪجهه ته اهميت هئڻ گهرجي. ڏک فقط اهو ٿيندو اٿم جڏهن اسان جا اڙدو جا شاعر اديب حڪومت طرفان مليل اوارڊن ۽ عزتن جي ڳالهه ڪندا آهن. حڪومت طرفان مليل دعوتن ۽ انعامن جي ڳالهه ڪري پنهنجي ڌاڪ وهاريندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن مون تي تعجب ڪائيندا آهن (۽ دل ئي دل ۾ ڪلندا به هوندا) ته آئون ڪهڙو اديب آهيان جنهن ڪي ڪو پني پور سرٽيفڪيٽ طور به نه آهي. پڙهندڙ ڪٽي هزارين هجن جن جو مون کي بي انتها پيار مليو هجي، پر اهي به ته سنڌي ٿيا. ان ڪري ان ليکڪ جي اهميت ڇو مڃي وڃي.

سعودي عرب جي هڪ شهر ينبو (ينبع) ۾ پاڪستانين جي هڪ اهڙي ادبي محفل ٿي جنهن ۾ منهنجي هڪ دوست پنهجي هڪ ٻئي اديب دوست سان منهنجي ڄاڻ ڪرائيندي چيو:

”يہ بهت بڑا رائيٹر هي.“

”اچا! مين ني ان کو ڪبهي آفيشل ڊيليگيشن ۾ نهين ديکا...“ هن چگي مڙس وراڻيو.

ايترو چوڻ تي پهرين هڪدم چيس: ”سائين سندهي ڪا اديب هي.“

”اچا. يي بات ڪرين“

يعني سنڌيءَ جو اديب ٿيڻ بذات خود گناهہ جو ڪم آهي ۽ پوءِ هن





کي پنهنجي ڳالهہ جو هڪدم احساس ٿيو ۽ شڪي ٿي سوري چوڻ وارو هو ته مون چيو مانس:

”بلڪل صحيح چوين ٿو.“

ان وقت مون کي هاٿي ۽ ڪوئي جي ڪهاڻي دل تي هُري آئي، جنهن ۾ ڪوئو پهريون دفعو هاٿي جهڙي آفت کي ڏسي وائڙو ٿي ويو. جيتوڻيڪ اهو هاٿي اڃا ٻچو هو. ڪوئي تعجب مان ان هاٿيءَ جي ٻچي کان عمر جو پڇيو:

”آئون نون مهينن جو آهيان.“ هاٿيءَ جي ٻچي چيو ۽ پوءِ هڪدم ڪوئي کانپڇيو:

”۽ تون؟“

ڪوئي مٺو ڪنهندي(خبر ناهي ڪيئن ڪنهيائين) چيو:

”آهيان ته آئون به نون مهينن جو پر بيمار شيمار رهان ٿو.“

سو ان وانگر آهيون ته اسين به اديب، ڪتاب ۽ ڪالم به گهٽائي لکيا اٿئون، پڙهندڙن جو به وڏو حلقو آهي، پر ڪوئي چواڻي ”بيمار شيمار رهون ٿا“. ٻين لفظن ۾ ”سنڌيءَ“ جا اديب آهيون. ان ڪري نه ڪنهن کي خبر پوي ٿي ۽ نه ڪو ڄاڻي سڃاڻي ٿو. ڄڻ نڌڻڪا هجون. ڌڪاريل هجون. ان ڪري ته مون وانگر ڪئين سنڌي اديب، شاعر، فنڪار، آرٽسٽ خاموشيءَ جي زندگي گذاري رهيا آهن. حڪومت يا قومي اخبارن طرفان هنن لاءِ ڪو انعام اڪرام، ڪا مڃوتي يا ڳالهه ناهي. انهن غريبن جي مرڻ وقت حڪومت پرگهور نٿي لهي. عبرت، عوامي آواز ۽ ڪاوش جهڙيون سنڌي اخبارون اهڙن غريب سنڌي اديبن، فنڪارن جي لاءِ اڪثر رڙيون ڪنديون رهن ٿيون، پوءِ مڙيئي ڪن جا ڀاڳ ڀلا هوندا آهن ته موت جي ڪنڌيءَ وٽ پهچڻ تي، وقت جي حڪومت رپيا ويهہ پنجويهہ هزار ڪڍي ڏيندي آهي. شايد نظر ڏنيڻ خاطر. ته هو پنهنجو علاج ڪرائين. نه ته اختياريءَ وارن کي ته سنڌي اديب،

شاعر يا فنڪار جي خبر ئي مرڻ وقت پوندي آهي جڏهن عزيز شيخ ان جي Life_Sketch ڊان اخبار ۾ لکندو آهي.

سو اهڙي صورت ۾ سيناريو (Scenario) ۾ سگا طرفان سونو ٻلو ملڻ وڏي ڳالهه سمجهان ٿو. توڙي ڪٽي چاندي يا ٽامي جو ملي ها يا ڪٺي ڪا شيلڊ يا سرٽيفڪيٽ ملي ها ته به ان کي آئون وڏو اعزاز سمجهان ها ۽ ان رات مون وانگر ٻين سنڌي اديبن ۽ فنڪارن پڻ ائين سمجهيو هوندو.

مون کي " حاجي محمد صادق ميمڻ گولڊ ميڊل ايوارڊ" ڏنو ويو جيڪو پڪ اشفاق ميمڻ ۽ سندس ڀائر ڀينرن طرفان پنهنجي والد مرحوم جناب محمد صادق جي ياد تازي رکڻ لاءِ آهي. مرحوم جون سماجي ۽ تعليمي خذمتون قابل داد آهن. پاڻ جنهن زماني ۾ ۽ جن حالتن ۾ رهي نه فقط پٽن کي پر ڌيئرن کي به تعليم جهڙي زيور سان آراسته ڪيو. ان لاءِ ڪيس جس هجي ۽ اڄ جي سنڌي پيءُ لاءِ مثال آهي. هي اهو وقت هو جڏهن سنڌي مسلمانن ۾ عورتن جو اسڪول يا ڪاليج وڃڻ عيب سمجهيو ويو ٿي.

مرحوم جي زندگيءَ جو احوال (آتم ڪهاڻي) "تان کي ڏونگر ڏوريان" ڪتاب پڙهڻ وٽان آهي. هن ڪتاب لاءِ آئون اڪثر سنڌي ماڻهن کي پڙهڻ لاءِ چوندو رهان ٿو. مرحوم محمد صادق ميمڻ صاحب وانگر ٻين به ڪجهه سنڌين جا نالا ان ڏس ۾ ڳڻائي سگهجن ٿا جن غربت هوندي، تڪليفن ۾ رهندي پنهنجي اولاد کي (پٽن توڙي نياڻين) کي، نه فقط پڙهايو پر ستو انسان ٿي رهڻ جي تربيت ڏني.

سگا جو فنڪشن آرٽس ڪائونسل جي کليل آڊيٽوريم ۾ ٿي گذريو. آرٽس ڪائونسل مولانا دين محمد وفائي روڊ تي آهي جيڪو رستو پاڪستان چوڪ وڃيو ملي جتي وفائي پرنٽنگ پريس آهي ۽ اڃا تائين دين محمد وفائي صاحب جو فرزند علي نواز وفائي پنهنجي مرحوم پيءُ جي ورثي، يعني ادب جي خذمت ڪندو اچي. ان وقت جي نڪرندڙ طاقتور هفتيوار





"آزاد" اخبار، هاڻي جي حساب سان لولي لنگڙي ئي سهي، پر ڪڍندو اچي. نماز ۽ روزو پڻ پنهنجي مرحوم پيءُ (دين محمد وفائي) وانگر پابنديءَ سان رکي ٿو يا نه. اها خبر نه اٿم پر ڪيس اهڙيون دعائون ۽ نسخا ضرور آهن جن ذريعي هو سياست ۾ نه هوندي به وزير يا مشير ٿيو وڃي. سرڪاري ڪامورو نه هجڻ جي باوجود به وڏا وڏا بيوروڪريٽ به سندس حڪم مڃين ٿا. زمين جا ڪٽي به ايڪڙ به نه هجنس پر وڏا وڏا زميندار، جاگيردار پري پري کان ڪهي اچي ساڻس صلاح مشورو ڪن ٿا. ڪنهن جو مريد ناهي پر سنڌ جي هر هڪ پير، نندي توڙي وڏي جي اصل نسل کان واقف آهي. سندس چڱاين توڙي مناين جي جاڻ رکي ٿو. پاڻ آڪسفورڊ يا هارورڊ يونيورسٽين مان پڙهيل نه آهي پر پنهنجن پٽن کي بزنيس ائڊمنسٽريشن، مئرين انجنيرنگ ۽ چارٽرڊ اڪائونٽنسي جهڙن ڏکين سبجيڪٽن ۾ اعليٰ تعليم ڏياري آهي. سنڌي، مهاجر، پنجابي، سڀني سان عليڪ سليڪ ۽ دوستي ياري اٿس. سندس وڏو پٽ آصف آمريڪا ۾ آهي جنهن جي آمريڪن زال آهي. ٻيو پٽ اعجاز ڪئناڊا جي شهر وئنڪوئر ۾ ڪم ڪري ٿو جنهن جي زال اڙدوءَ جي مشهور اديب غلام عباس جي ڏيءُ آهي. ٽيون نمبر پٽ سليم بئنڪنگ ۾ آهي. ويسٽ انڊيز (جتي جا ڪرڪيٽ رانديگر مشهور آهن) ۽ ميامي (فلوريڊا) ۾ ڪيترا سال نوڪري ڪرڻ بعد هاڻ سندس بدلي ڪراچيءَ ۾ ٿي آهي ۽ ميٽرو پول هوٽل واري ANZ گرنڊليز بئنڪ جو مئنيجر آهي. سندس شادي سکر جي هڪ سنڌي فئملي ڊاڪٽر عمر شيخ جي ڏيءُ سان ٿي آهي. ان ڪانپوءِ هڪ ڏيءُ انيتا نالي آهي ۽ ٻه پٽ عامر ۽ اِٿنين آهن. عامر هينئر منيلا مان MBA ڪرڻ سان گڏهڪ فلپينو ڇوڪريءَ سان شادي ڪري آيو آهي.

علي نواز وفائي جي پٽ سليم وفائيءَ کي هڪ ڏينهن چيم ته توهان ڀائرن مان ڪنهن هڪ کي پيءُ ۽ ڏاڏي جو شوق، ادب ۽ جرنلزم هلائڻ کپي، پر هن دلچسپي ٻنهه نه ڏيکاري. هو ايڪانامڪس ۽ ڪامرس،

بئنڪنگ ۽ فائنانس جو شاگرد ۽ ماهر رهيو آهي. منهنجي پيو دفعو چونڊ تي وراڻيائين:

”سائين هي ايڪانامڪس جو دور آهي. اسان کي پهرين معاشي طور مضبوط ٿيڻ کپي پوءِ اهي شوق ڪرڻ کپن.“

بهرحال لڳي ٿو ته ايندڙ دور ۾ اخباري دنيا جا بادشاهه قاضي فئمليون (عبرت، ڪاوش) وارا ئي رهنداءِ نون ۾ پليجو فئملي، يوسف شاهين ۽ عوامي آواز وارا رهن. پريس ۽ ڇپائي ۾ روشني، سنڌيڪا ۽ نيو فيلڊس وارا ئي سڀ ڪجهه رهن ۽ هاڻ انڊس (امير ابڙو) اڳتي وڌي رهيو آهي.

سالن ڪانپوءِ آرٽس ڪائونسل ۾ ڪنهن فنڪشن ڏسڻ جو موقعو مليو جيتوڻيڪ منهنجو آرٽس ڪائونسل سان تمام پراڻو تعلق آهي. آئون هن اداري جو ستر جي ڏهاڪي کان لائيف ميمبر آهيان. پر ڪڏهن به ان جي فنڪشن جي خبر وقت تي نه پوندي آهي جو ڪٿي اٽينڊ ڪجي. فنڪشن تي ويندو آهي پوءِ ٻئي ڏينهن ان جي خبر اخبار ۾ پڙهبي آهي ۽ ان دعوت جو دعوتنامو هفتي بعد ملندو آهي. عجيب ناني ڪنڙو آهي. هيءُ اسان جي آرٽس ڪائونسل ٻا! ساليانی اليڪشن ٿيڻ تي قدسيه اڪبر، ابراهيم نفيس کان ياور مهدي تائين جا فون ايندا ته مهرباني ڪري اسان کي ووٽ اچي ڏيو. پنهنجن دوستن کي به وٺي اچو ۽ انهن کي به اسان لاءِ ووٽ ڏياري اسان کي ڪامياب ڪرايو. اسان سچا خادم آهيون. گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن کان اهو سلسلو هلندو اچي. اليڪشن جي وقت منهنجو هميشه ساڻن جهيڙو هوندو آهي ته توهان صحيح وقت تي ڇو نٿا اطلاع ڪريو. ڪو به ڳائڻ وڄائڻ جو فنڪشن ٿئي ٿو ته ڏارين کي ته اطلاع پهچيو وڃي باقي اسان لائيف ميمبرن کي خبر ئي نٿا ڏيو.

محترمه قدسيه اڪبر معافي وٺي آئينده ان تي عمل ڪرڻ جو وعدو





ڪندي آهي ۽ سلطانا صديقي ۽ عبدالڪريم بلوچ (ٽي وي جو جنرل مئنيجر) صلح ڪرائيندو آهي. وري سڄو سال ساڳيا لاتون ساڳيا چگهه. ناني رڌڻ واري ڏهتا ڪائڻ وارا. هڪ ٻه دفعو ته ائين ٿيو ته ڪوريا ۽ روس جي ڪنهن رياست جا ٽروپي (ڳائڻ وڄائڻ وارا) آيا جن جا دعوتناما مون کي ۽ منهنجي ٻين ڪجهه ميمبر دوستن کي مليا، پر فنڪشن تي وڃڻ کان هفتو پوءِ! ڪميٽي ميمبرن سان ڳالهه ڪيم ته وراڻيائون ته ان ۾ سنڌن نه پر پوسٽ وارن جو ڏوهه آهي. پر چڱو جو دعوتناما لفافن سميت موجود هئا جن تي پوسٽ ڪرڻ واري تاريخ به چٽي طرح نظر اچي رهي هئي ته اهي ان فنڪشن کان ٽي ڏينهن پوءِ پوسٽ ڪيا ويا هئا. يعني سياستدان ته ڇڏيو پر آرٽس ڪائونسل جنهن کي هلائڻ وارا اسان جا اديب، شاعر، آرٽسٽ ۽ فنڪار آهن انهن وٽ به ڊانڊلي متي پئي آهي. انهن کي به ووٽ کپي باقي ايمانداريءَ سان ڪمناهي ڪرڻو. هاڻ اڄهو ته آرٽس ڪائونسل جي ساليانی اليڪشن جو هفتو آيو. اڄهو ته ياور مهدي جي پرسنل سيڪريٽري صاحبه جو فون آيو:

”آپ الطاف صاحب هين؟ ياور مهدي صاحب ني ووٽ ديني کي ليئي عرض کيا هي.“

”ڀائي ڇو ووٽ ڏيون؟ ڪهڙي خوشيءَ ۾؟“ مهنجو جواب هوندو آهي.

پر پوءِ آرٽس ڪائونسل پهچي محسوس ٿيندو آهي ته بهتر اهو ئي آهي ته انهن کي ئي ووٽ ڏجي جو There is no choice. ٻين ۾ ته اهڙو به حال نظر نٿو اچي.

**1994 ڪراچي**

# THERE IS ALWAYS A PLACE ON THE TOP

**(ڊاڪٽر صالح ميمڻ سان ڳالهه ٻولهه)**

جڳهه: بالٽيمور شهر (آمريڪا) سال 1974.

ٽئڪسي واري چارلس اسٽريٽ، CIVIC سينٽر ۽ بالٽيمور اسٽريٽ وٽان ڦيرائي مٿي هاپڪن اسپتال جي سامهون ”شيرٽن اِن هوٽل“ اڳيان اچي لاٿو. شيرٽن اِن هوٽل منجهه گهڙي رسيپشن تان ڪمري نمبر ٽي سئو چار جو پڇيم جتي ڪراچي کان ويجهڙائيءَ ۾ آيل سنڌ جو مشهورر ڊاڪٽر ۽ پروفيسر محمد صالح ميمڻ رهيل هو. پروفيسر ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ صاحب انهن ذهين ۽ اتم شاگردن ۽ پروفيسرن مان آهي جن تعليم توڙي نوڪريءَ دوران پنهنجو نالو روشن ڪيو. لڳاتار محنت، شوق ۽ ايمانداريءَ جي اصولن کي پنهنجو ڪري، اعليٰعهدن تي رهيو.

ڊاڪٽر صاحب جو اصلوڪو ڳوٺ ڏيپلو (ضلعو ٿرپارڪر) آهي. پاڻ سن 1943ع ۾ هاءِ اسڪول ميرپور خاص مان مئٽرڪ ڪئي ۽ ڪراچيءَ جي ڏيارام ڄيٺمل (D.J) سائنس ڪاليج مان انٽر 1945ع ۾ ڪئي ۽ سڄي سنڌ ۾ ٻيو نمبر آيو. تن ڏينهن ۾ ڊاڪٽريءَ لاءِ بمبئي جي گرانٽ ميڊيڪل ڪاليج ۾ سنڌ لاءِ فقط ست سيٽون هونديون هيون ۽ پنجن سالن جو ڪورس هو. (ڊاڪٽر صالح سان گڏ ٻيا ڇهه ڊاڪٽر هي هئا: رسول بخش بلوچ، ڊاڪٽر لاسي، ڊاڪٽر ڪٿوريا، ڊاڪٽر پنجواڻي، ڊاڪٽر شوداساڻي ۽ هڪ پارسي ڊاڪٽر منولا. ڪراچيءَ وارو ڊوميڊيڪل ڪاليج به 1945ع ۾ ڪراچيءَ جا وڻ اچي وسايا ۽ باقي ٽي سال ڪراچيءَ مان پڙهي، ڊاڪٽريءَ جي ڊگري فرسٽ ڪلاس فرسٽ نمبر سان حاصل ڪئي. ان بعد ايم آر سي پي





گلاسگو، ايڊنبرا ۽ لنڊن مان ورتي. اهڙي طرح ايف آءِ آر سي پي ايڊنبرا مان ڊي سي ايچ انگلنڊ مان ۽ پاڪستان مان ايف سي پي ايس حاصل ڪئي.

نوڪريءَ جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر صالح ميمڻ جو تعلق ڪجھ عرصي کان سنڌ جي ٻن جهونن ميڊيڪل ڪاليجن ايل ايم سي ۽ ڊي ايم سي سان هلندو اچي. اڄ ڪلهه يونائيٽيڊ نئشن UNO جي ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن WHO طرفان ڪجهه عرصي لاءِ آمريڪا آيل آهي. هتي رهي پاڻ آمريڪا جي مختلف ميڊيڪل ڪاليجن ۽ اسپتالن جو جائزو ۽ دورو ڪندو. ان سلسلي ۾ هي شهر بالٽيمور آمريڪا جو ٽيون شهر آهي. هتي جي هاپڪن اسپتال سندس رهائش واري جاءِ شيرٽن اِن کان تمام ويجهو آهي.

ان ڏينهن سيءُ به پنهنجي اوج تي هو، پر هوٽل اندران چڱيءَ طرح گرم رکيل ٿي ڏٺي (عربن طرفان تيل تي لڳايل بندش جي باوجود). پاڻ سان آندل ٽيپ رڪارڊر پٽ تي رکي اوور ڪوٽ لاٿم. (افسوس جو ان ٽيپ رڪارڊ ڊاڪٽر صاحب جي انٽرويو دوران ساٿ نه ڏنو ۽ ڳالهه ٻول چڱي طرح ٽيپ ٿي نه سگهي. ان ڪري هتي پڙهندڙ ڊاڪٽر صاحب جون فقط اهي ڳالهيون پڙهي سگهندا جيڪي منهنجي يادداشت ۽ ذهن جي گٽل ربل تي ٽيپ ٿي سگهيون آهن.) ان وقت سامهون هوٽل جي گهڙيال ۾ وقت ڏٺم، پورا اٺ ٿيا هئا. دل ئي دل ۾ پنهنجي پٺي ٺپريم ته ٺهرايل وقت تي پورو پهتو آهيان. جيتوڻيڪ اهو سڀ اتفاقي هو نه ته ههڙي سيءُ ۾ فورٽ مئڪنري (جتي اسان جو جهاز بيٺل هو) کان ڊائون ٽائون ايترو سوير صبح ساڻ اچڻ کان حاتم طائيءَ وارو ڪو به سوال سرانجام ڏيڻ سولو ڪم هو. بهرحال آئون ته وقت تي پهچي ويس پر ڪمري تي پهچڻ کان اڳ ڪيئن چئجي ته ڊاڪٽر صاحب به انٽرويو جي تياري ۾ هوندو يا ننڊ منجهه. سو پاسي کان رکيل فون کڻي سندن ڪمري جو نمبر گهمايم ۽ فون تي ساڻس ڳالهائي خوشي ٿي ته نه فقط پاڻ جاڳي رهيو هو پر ان ئي ڳالهه لاءِ پاڻ به اوسيئڙي ۾ هو. آئون ڏاڪا

ٽپي تي ماڙ تي پهتس.

بالٽيمور اسپتالن جو شهر آهي هونءَ اسپتالون ته آمريڪا جي هر شهر ۾ سرس آهن پر هتي مڙيئي پاڪستاني ڊاڪٽر گهڻا آهن. جن سان اسان جهازين جي چڱي خاصي ڏيٺ ويٺ ۽ خبر چار رهي ٿي. بالٽيمور ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ ته ننڍو پاڪستان هجي. جتي پٺاڻ، پنجابي، ملتاني، بوهري، بهاولپوري، اسان جي ملڪ جي هر پاسي جو ڊاڪٽر، فارماسسٽ يا ڪمپائونڊر ملندو. جن سان گڏ اسان جي جهاز جي عملي جي سني ڪمپني رهي ٿي. هتي رهندڙ ڊاڪٽرن ۾ هڪ سنڌي ڊاڪٽرياڻي پڻ آهي. لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽر نسرين قاضي هتي ڪيترن سالن کان نوڪري ڪري رهي آهي. پاڻ ايل ايم سي جي گرئجيوئيٽ آهي. ويڪ ايند تي ملڻ لاءِ مون هڪ ڏينهن ڪيس فون ڪيو:

”آئون چنچر تي شايد وقت ڪڍي نه سگهان. باقي سياڻ اتان لنگهندي ٿيندي ويندس. در اصل منهنجو هڪ پروفيسر هتي آيل آهي. ان سان چنچر تي ملڻ جو پروگرام رکيو اٿم.“

”ڪهڙو پروفيسر..؟“ مون ائين ئي پڇيو. ڄڻ آئون آمريڪا جا سڀ پروفيسر سڃاڻان.

”تون خبر ناهي سڃاڻين يا نه. هو منهنجو ايل ايم سي ۾ پروفيسر هو. نالو اٿس ڊاڪٽر صالح ميمڻ.“ ڊاڪٽر نسرين قاضيءَ ٻڌايو.

”ڪمال ٿي ڪرين. آئون چو نه سڃاڻيندس“. مون وراڻيومانس. ”ڇا منهنجوان ڌرتيءَ سان تعلق ناهي جنهن سان هو تعلق رکي ٿو.“

”ڇا تنهنجي پهرين جي ملاقات آهي..؟“ هن پڇيو.

”اها ڪا اهم ڳالهه ناهي. بس روحن جا رشتا هئڻ کپن.“ مون ڪلندي چيو. خوشي ان لاءِ به ٿيم ته ڪيترن ڏينهن کان اهو ارادو هوم ته ڪنهن اهڙي سنڌي ڊاڪٽر کان انٽرويو ورتو وڃي جنهن جو سنڌ ۽ ولائت سان





گهڻو واسطو هجي. جيڪو ديس پرديس پڙهندڙ، رهندڙ ۽ نوڪريون ڪندڙ هم وطن ڊاڪٽرن جي حالتن، مسئلن ۽ مونجهارن کان واقف هجي ۽ ساڳي وقت سندس ادب سان به چاهه/واسطو هجي ۽ اها ڳالهه ٻولهه نه فقط ڊاڪٽرن ۽ ان پورهئي سان تعلق رکندڙن لاءِ دلچسپ ثابت ٿي سگهي پر هڪ عام ماڻهو به ان مان معلومات ۽ لطف حاصل ڪري سگهي.

ڊاڪٽر نسرين سان ان انٽرويو بابت مون صلاح ڪئي جنهن ٻئي ڏينهن اچي ٻڌايو ته ڊاڪٽر صالح پاڻ به ملڻ چاهي ٿو ۽ آئون ساڻس فلاڻي فون نمبر تي ڳالهائي سگهان ٿو.

مون اوڏي مهل ئي ڊاڪٽر صالح صاحب کي جهاز تان ئي فون ڪيو. ڊاڪٽر صاحب وڏي حب ۽ اُڪير مان ڪيڪار ڪئي ۽ ڪندو ئي رهيو. سنڌين ۽ عربن جي ڪيڪار به ڪيڪارن جهڙي ٿئي ٿي، پوءِ چاهي پنهنجي ديس ۾ ڪو هجي يا پرائي ديس ۾! اڳلو چاهيندو ته جي ممڪن هجي ته دل چيري پنهنجي حب ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪريان.

”بابا انٽرويو وري چاجا، تون اچ ته سهي ته خبرون چارون ڪريون.“

ڊاڪٽر جي حب منهنجي همت افزائي ڪئي ۽ ملڻ جو وقت ورتومانس.

”سياڻي واشنگٽن وڃڻو اٿم. پر هاڻ شام جو ئي ٿي ايندس. تون صبح ساڻ اچ ته ڪچهري به ڪريون ته نيرن به گڏ ڪريون.“

نيرن جي دعوت به عجيب سنڌي رسم آهي. دنيا جي مختلف ملڪن ۽ قومن ۾ رات جي ماني Dinner ۽ شام جي چانهه ته عام ڳالهه آهي يا ڪيترن هنڌن تي سهوليت کي مد نظر رکي منجهند جي ماني Lunch به هلي ٿي پر نيرن جي دعوت سنڌين کان علاوه فقط عربن ۽ يونانين ۾ عام آهي. ٿي سگهي ٿو اهو اسان جي پراڻين تهذيبن جو هڪ ٻئي تي اثر هجي ۽ اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي. ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ گهڙيس،

پاڻ پهرين نيرن لاءِ ڊائننگ هال ۾ وٺي آيو. اول طعام پوءِ ڪلام!

ڊاڪٽر وٽ ايندي وقت ٽئڪسيءَ ۾ ڪجهه سوال بنا ڪنهن ترتيب جي پني تي لکيا هئم. نيرن بعد ڪمري تي پهچي ڪانئس اهي پڇڻ شروع ڪيم، جي هن ريت هئا:

سوال: سائين ائين چو آهي جو پاڪستان جا گهڻا ڊاڪٽر انگلنڊ ۾ ئي نوڪري ڪرڻ چاهين ٿا ۽ هتي آمريڪا ۾ نه؟

ڊاڪٽر صالح: نه هاڻ ائين ڪونهي. اڳ ۾ البت اسان جا گهڻا ڊاڪٽر رڳو انگلنڊ ويندا هئا، جنهن جا ٻه سبب هئا. هڪ ته نوڪري ڪرڻ، ٻيو MRCP ۽ FRCS جهڙيون ڊگريون حاصل ڪرڻ، جيڪي اسان وٽ پاڪستان ۾ قبول ڪيون وينديون هيون. پوسٽ گرئجوئيٽ اتي ڪري وري جڏهن هو وطن موٽي ايندا هئا ته انهن کي پاڪستان ۾ به نوڪريون ملي سگهنديون هيون ۽ Reciprocal Recognition هوندي هئي، جنهن ڪري اسان جون Qualifications انگلنڊ ۾ به مڃيون وڃون ٿي. اسان جا ڊاڪٽر انگلنڊ ۾ ويندا هئا ته بنا ڪنهن ٻئي امتحان ڏيڻ جي کين نوڪري ملي ويندي هئي ۽ ان ڪري دائمي رجسٽريشن هوندي هئي، سو اتي ماڻهو رهي يا پنهنجي ملڪ ۾ اچي نوڪري ڪري. هاڻ ٻن ٽن سالن کان جڏهن کان پاڪستان ڪامن ويلٿ مان نڪري ويو آهي ته هڪ ٻئي جون ڊگريون نٿيون مڃيون وڃن. يعني Reciprocal Recognition ختم ٿي وئي آهي. اسان جي ڪا به ڊگري هاڻ انگلنڊ ۾ نٿي مڃي وڃي. يعني ڪو به اسان جو ڊاڪٽر پاڪستاني ڊگريءَ سان انگلنڊ ۾ دائمي رجسٽريشن هيٺ رهي نٿو سگهي. هن کي فقط عارضي طور رجسٽريشن ملي سگهي ٿي. نتيجي طور اسان جي ڊاڪٽرن کي ڇهين ڇهين مهيني وري وري اپلاءِ ڪرڻو پوي ٿو پوءِ ڪڏهن ملي ٿي ڪڏهن نٿي ملين. سٺي اسپتال ۾ نوڪري به نٿي ملين. ٻي ڳالهه اها ته اسان وٽ به پوسٽ گريجوئيٽ ڪاليج ٿي ويا آهن ۽ ٻاهر وڃي





فقط ڊگري حاصل ڪرڻ جو شوق صفا گهٽجي ويو آهي ۽ ٽيون ته ECMGF امتحان جي ڪري پهرين آمريڪا وڃڻ ڏکيو هو پر هاڻ اهو امتحان هرڪو گهر ويٺي پاس ڪري ٿو وٺي. اهو امتحان ڪراچيءَ ۾ سال ۾ ٻه دفعا ٿئي ٿو ۽ پاس مارڪون پنجهتر سيڪڙو آهن. امتحان پاس ڪرڻ ڪانپوءِ اهو ڊاڪٽر سڌو آمريڪا ۾ نوڪريءَ لاءِ اپلاءِ ڪري سگهي ٿو ۽ ڪيس هڪدم آمريڪا کان ورندي ملي ٿي ته فلاڻي اسپتال ۾ جاءِ آهي. هيترا يا هيترا پئسا ملندا ۽ فلاڻي تاريخ نوڪريءَ تي اچي چڙهو.

”تنهنجي معنيٰ اها ٿي ته هتي USA ۾ هنن لاءِ انگلنڊ کان وڌيڪ مزو آهي جو نوڪري به مليووڃين، پگهار به وڏو آهي (ڇو ته ECMGF امتحان پاس ڪرڻ سان هنن آمريڪا جو امتحان پاس ڪيو.) ان بعد State Faculty امتحان پاس ڪرڻ تي کين Emigrant ٿي رهڻ جو به موقعو مليو وڃي. وڌيڪ پڙهي وطن موٽڻ تي به فائدو اٿن جو ڪافي پئسو ڪمايو وٺن. ان ڪري هاڻ جيڪي اسان جا ڇوڪرا ٻاهر اچن ٿا تن مان گهڻا آمريڪا جو رخ رکن ٿا، انگلنڊ تمام گهٽ وڃن ٿا. هونءَ به اڄ ڪلهه انگلنڊ جو درجو تعليم ۽ پئسي جي لحاظ کان، ويندي Technology توڙي Qualification جي لحاظ کان هر صورت ۾ آمريڪا کان گهٽ آهي.

هاڻ پاڻ، سن ٻاهتر کان هتي آمريڪا ۾ ڪجهه سختيون عائد ڪيون ويون آهن. هتي جيڪي ڊاڪٽر آهن اهي ٽن ڀاڱن ۾ آهن. هڪ سياح Tourist ان ۾ جيڪي ڊاڪٽر اچن ٿا، انهن کي جيڪڏهن ڪا اسپتال قبول ۽ Sponsor ڪري ته پوءِ انهن کيEmigrant Visa ملي سگهي ٿي پر انهن لاءِ به ECMGF امتحان پاس ڪرڻ ضروري آهي. ٻيو قسم انهن ڊاڪٽرن جو آهي جيڪي ڪراچيءَ مان سي ايم جي ايف جو امتحان ڏيو ٿا اچن. ( ۽جن لاءِ هتي نوڪري اڳ واٽ مقرر ٿيو وڃي). انهن کي

Exchange Visitor چئجي ٿو. سن 1972ع کان اڳ ايڪسچينج وزيٽر کي پنج سال آمريڪا ۾ گذارڻ بعد پاڻ مرادو شهريت ۽ اميگرنٽ ويزا ملي ويندي هئي پر هاڻي اميگرنٽ ويزا نٿا ڏين جيستائين هو پنج ڇهه سال هتي رهي پوءِ به سال پنهنجي ملڪ موٽي وڃي ۽ پوءِ جي انهن ٻن سالن ڪانپوءِ هن واپس آمريڪا ۾ اچڻ جي سگهه ساري ته اميگرنٽ ويزا ملي ويندس. اسان جي ڇوڪرن لاءِ جيڪي پهرين پنج سال ڪم ڪري اميگرنٽ ويزا تي هتي آمريڪا جا ٿي ويندا هئا ۽ چوندا هئا ته پاڪستان ۾ وڃڻ اجايو آهي يا ڪهڙو مزو آهي انهن لاءِ ٿوري اها ڏکيائي آهي جو ڪين جلدي اميگرنٽ ويزا نٿي ملي، پر اسان لاءِ، يعني ملڪ ۽ قوم لاءِ اهو فائدو آهي ته هو گهٽ ۾ گهٽ به سال پنهنجي وطن اچن ٿا ۽ ٻاهران حاصل ڪيل لياقت ۽ قابليت مان پنهنجي ملڪ کي به فيضياب ڪن ٿا.

سوال: ٻاهر نوڪري ڪرڻ کي سٺي ڳالهه ٿا سمجهو يا نه..؟

ڊاڪٽر صالح: بلڪل نه. ٻاهر نوڪري ڪرڻ مان ڪو خاص فائدو ناهي. جيستائين ماڻهو جوان آهي تيستائين فقط ٻاهر وڃڻ جو شوق ٿئي ٿو. ان ڳالهه بابت غور ڪرڻو آهي ته اسان جي ملڪجو Brain_Drain جو ٿو ٿئي.

يعني، قابل ماڻهو ولايت جو هليا وڃن ٿا. يا ولايت مان وڏيڪ تعليم ۽ ڏات حاصل ڪري موٽي پنهنجي ملڪ جو نٿا اچن؟ منهنجي خيال ۾ ته انهن کي اهڙي سٺي نوڪري اسان جهڙي غريب ايشيائي يا آفريڪي ملڪن ۾ نٿي ملي. (جنهن لاءِ ڪجهه هنن کي پڻ پنهنجي قوم ۽ ملڪ لاءِ قرباني ڏيڻ کپي ۽ گهٽ پگهار تي ترسڻ کپي) ۽ ٻي خاص ڳالهه اها آهي ته ولائت کان جڏهن اسان جا ڊاڪٽر اعليٰ تعليم حاصل ڪري موٽن ٿا ته ڪين وڏن پگهارن واريون نوڪريون نٿيون ملن پر Professional_Work جا موقعا به نٿا ملن. جيئن مثال طور ڪو نيورو سرجري ڪري آيو آهي يا





ڪارڊالاجي، نيفرولاجي وغيره ۾ مهارت ڪري واپس ٿو اچي (ڇاڪاڻ ته آمريڪا ۾ هر SUB_Speciality ۾ مهارت ڪئي وڃي ٿي) ته هن کي اهو ڪم ڪرڻ جو موقعو نٿو ملي جنهن ۾ هو خاص علميت يا قابليت حاصل ڪري آيو آهي. پوءِ اهڙي صورت ۾ هن لاءِ Professional_ Frustration ٿي ۽ اها نا اميدي ۽ بي چيني گهٽ پگهار Financial_ Starvation کان وڌيڪ ڏکي ۽ عذاب واري آهي. پوءِ ڇا ٿو ٿئي جو هو منجهيو پوي ۽ هن جي دل پنهنجي وطن ۾ نٿي لڳي. اها بدقسمتي نه فقط اسان جي ملڪ سان آهي پر اسان جهڙن ڪيترن ئي ايشيائي ۽ آفريڪي ملڪن سان آهي. بلڪهڪن يورپي ملڪن سان پڻ!

تصوير جو ٻيو رخ اهو آهي ته آمريڪا ۾ ڊاڪٽريءَ جو قدر آهي. ڊاڪٽر پئسا ڪوڙ ڪمائين ٿا. پر ڪجهه عرصي ڪانپوءِ هڪ اهڙي حد اچي ٿي جو هنن لاءِ ولائت ۾ رهڻ زهر ٿيو پوي. ڇو جو رڳو پئسو به ته زندگي ناهي. جيسين ڪو جوان آهي، چڙو آهي ته هن کي ڪو فڪر نه آهي. پر جيڪا پنهنجائي ، دلي خوشي ۽ هڪٻئي جو خيال ۽ لطيف جذبا آهن سي پنهنجي ديس کان سواءِ ٻاهر ڪٿي آهن؟ ولائت ۾، خاص ڪري اهڙن ملڪن ۾ جتي زندگي مشين جيئن آهي، هميشه لاءِ رهڻ، سائين ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ٻه چار سال ڪمائڻ لاءِ ته صحيح آهي. جيسين اولاد ننڍو آهي. ٻار وڏا ٿيا خاص ڪري نياڻي ٻار ته پوءِ زندگي سورن ۾. ننڊ ۽ سڪون ٻئي چٽ. هر وقت اهو وهم اڏوهيءَ وانگر ڪائيندو رهي ٿو ته ڪهڙي سوسائٽي / ماحول اپنائجي. آمريڪا ۾ رهي اولاد، ڇوڪرو توڙي ڇوڪري واپس پنهنجي وطن جي ماڻهن سان Adjust نٿو ٿي سگهي ۽ ساڳي وقت نه آمريڪن يا يورپي ٿي سگهي ٿو، چاهي اسان جا ٻار ڪٿي ڪيترو به انگريزي سکن. هو ڀلي ڪٿي مغربي آداب ۽ نمونا سکن، ڊانسون ڪن ته به هتي جي ماڻهن جي برابري نٿا ڪري سگهن. يا ٻين لفظن ۾ ڪو به مشرقي (چاهي مسلمان هجي يا هندو، سک)

برداشت ڪري نہ سگهندو تہ هتي جي رسم رواج ۽ سوسائٽي موجب سندس ڌيءَ جوان ٿيڻ تي ڌارئين ڇوڪر سان اڪيلي Dating (ميل ملاقات) ڪري ۽ مشرقي حياءَ و شرم جون حدون اورانگهي. ان ڳالهہ جو هتي رهندڙ هر پاڪستانيءَ کي احساس آهي ۽ شايد ئي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ هجي جو هتي رهڻ پسند ڪندو هجي. هر هڪ سمجهو ۽ سياڻو اهو ئي سوچي ٿو تہ ولائت ۾ ڪٽي ڪيترين بہ سهوليتون هجن تہ بہ ست اٺ سال ڪن ڏڪا ڪائي سگهي، ڪمائي، پنهنجي وطن ورڻ سڦل ڪم آهي. هتي ولائت ۾ جيڪي بہ ڊاڪٽر رهن ٿا تن مان ڪنهن کي بہ هتي جي ماحول، سوسائٽي يا ملڪ سان دلچسپي ناهي. هرڪو پنهنجي وطن کي ساري ٿو. ڪيترن پنهنجي وطن خاطر قرباني ڏني آهي ۽ منجهن ڪس ڪائڻ جو جذبو تمام گهٽو آهي ۽ هونءَ بہ ولايت ۾ هميشہ لاءِ رهڻ ۾ نہ اسان کي فائدو آهي ۽ نہ هنن کي، سواءِ چند انهن جي جن هتي اچي شاديون ڪيون آهن ۽ هو ڏسن ٿا تہ سندن آمريڪن يا يورپين زالون پاڪستان ۾ رهي اتي جي ماحول سان ٺهراءُ ڪري نہ سگهنديون_ اهي مجبور ٿي ڦاسي پيا آهن. باقي اهي ڊاڪٽر جن اڃا شادي نہ ڪئي آهي يا پنهنجين پاڪستاني زالن سان آهن تن مان ڪنهن کي بہ هتي آمريڪا ۾ رهائش اختيار ڪرڻ جو ارادو ناهي. اهو مان توهان کي ٻڌائي ڇڏيان. اهو ضرور آهي تہ حالتن ڪان مجبور ٿي ڪجهہ عرصي لاءِ هتي آمريڪا يا يورپ جي ملڪن ۾ نوڪري ڪري رهيا آهن پر هنن جي دل تہ پنهنجي جهانگين ۽ سانگين کي ڏاڍو ساري ٿي.

سوال: ٻڌڻ ۾ اهو اچي ٿو تہ ايل ايم سي جي تعليم جو معيار ٻاهر گهٽ ليکيو وڃي ٿو_ خاص ڪري انگلنڊ ۽ اسڪاٽلنڊ ۾. ان بابت توهان جو ڇا خيال آهي..؟

ڊاڪٽر صالح: نہ. مونکي اها خبر ناهي. ائين منهنجي خيال ۾ هرگز نہ آهي. پاڻ LMC جا شاگرد (جن سانگهٽ ۾ گهٽ آئون ملندو اچان)





انگلنڊ توڙي اسڪاٽلنڊ ۾ جن جن اسپتالن ۾ هو ڪم ڪن ٿا. (يا هتي آمريڪا ۾ ٻن ٽن اسپتالن ۾ جن ۾ هنن چند ڏينهن ۾ وڃي سگهيو آهيان) اتان تہ اهو ئي معلوم ٿيو اٿم تہ LMC جا ڊاڪٽر تمام محنت، شوق ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن. باقي هونءَ اسٽئنڊرڊ جي لحاظ ڪان ڊو، ايل ايم سي ۽ ٻيا سپ ڪاليج هڪ جهڙا آهن.

هونءَ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انگلنڊ ۾ اتي جا گورا اسان جي ننڍي کنڊ جي ماڻهن کي گهٽ سمجهن ٿا. پوءِ چاهي هندستاني ڊاڪٽر هجي يا سلوني، پاڪستاني هجي يا بنگلاديشي ۽ ساڳي وقت ان ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ هر ماڻهوءَ ۾ ڪجهہ تعليمي لاهيون چاڙهيون پڻ ٿين ٿيون، پر اها هڪ الڳ ڳالهہ آهي. جيسين ٻاهر اچي ڪم ڪرڻ جو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ سپ پاڪستاني محنت ڪن ٿا. هينئر بہ آمريڪا ۾ ٿامس جيفرسن اسپتال فلاڊيلفيا ۾ ڪراچي جو ڊاڪٽر بهاؤالدين شيخ مليو ۽ بہ لاهور جا هئا ۽ هڪ ايل ايم سي جو نذير عادل ميمڻ، انهن ڇوڪرن سان نہ فقط منهنجي گپ شپ ٿي پر مان سندن ڪم جون رپورٽون بہ ڏٺيون ۽ جيڪي ڪورس لکي ڏنا اٿن اهي پڙهيم ۽ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. اسپتال وارن کي بہ هنن لاءِ ڏاڍو سٺو خيال آهي ۽ ٻين هنڌن تي بہ ائين ڏٺو اٿم تہ اسان جا پاڪستاني سٺو ڪم ڪري رهيا آهن.

سوال: تنهنجي معنيٰ اها ڳالهہ غلط آهي. ڇڳو سائين ٻلا ان بابت توهان جي ڇا راءِ آهي تہ اسان جي ملڪ ڪان جيڪي ڊاڪٽر انگلنڊ وڃن ٿا انهن کي سٺي ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري نٿي ملي؟

ڊاڪٽر صالح : اها ڳالهہRacial_Discrimination ۾ اچي ٿي. انگريزن جي اها ئي ڪوشش رهي ٿي تہ ڪارن کي (جن ۾ اسين ننڍي کنڊ جا، جئميڪا ۽ ٻين آفريڪن ملڪن جا ڊاڪٽر پڻ اچي وڃن ٿا) سٺي جڳهہ يا وڏي اسپتال ۾ نوڪريون نٿا ڏين. اهو اڳ ۾ بہ هوندو هو، پر اسان جي

ڏينهن جو معيار مختلف هو. خاص ڪري ٻوليءَ جو. هاڻ هيئن ٿا ڪن جو نئين آيل ڊاڪٽر کي ڇهه مهينا ڪن Pre Clinical Attachment ۾ ٿا رکن. اتي هن جي چڪاس ٿا ڪن ته هن کي انگريزي ڪيتري اچي ٿي ۽ تعليمي معيار ڪيترو اٿس. ان موجب هو کيس نوڪري ڏين ٿا. اسان جي زماني ۾ ائين نه هو. ۽ هينئر اها جيڪا ڳالهه آهي سا سڄي ننڍي ڪنڊ سان لاڳو آهي ۽ فقط اسان جي ڇوڪرن سان نه آهي. پاڻ اسان جا ڇوڪرا ٻين جي مقابلي ۾ سنو نالو پيدا ڪن پيا.

سوال : هتي آمريڪا ۾ توهان جي ڪهڙن ڊاڪٽرن سان ملاقات ٿي آهي جي توهان جا ايل ايم سي ۾ شاگرد هئا.

ڊاڪٽر صالح: منهنجو اجا هڪ ٻن شهرن ۾ وڃڻ مس ٿيو آهي جتي ڪجهه ڊاڪٽر مليا آهن. مثال طور ڊاڪٽر عسڪر قلباڻي ۽ سندس زال فهيم صديقي. ڪيشو داس پاهوجا. بهاؤالدين شيخ ۽ سندس زال ياسمين خميساني، نسرين قاضي، اعجاز آرائين، پروين علوي، نسيم علوي ۽ سندس مڙس ڊاڪٽر صمد ۽ ڊاڪٽر بلال. ڊاڪٽر نذير عادل ميمڻ. عبدالمجيد ميمڻ. ڊاڪٽر قاضي وغيره وغيره. سڀ خوش آهن. سڀ محنت سان پنهنجو ۽ پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪري رهيا آهن.

سوال: ڄامشورو واري ڪاليج جا ڊاڪٽر ٻاهرن ملڪن ۾ تمام گهٽ نظر اچن ٿا. توهان جي نظرن ۾ ان جو ڪارڻ ڇا آهي؟ هوم سڪنيس؟ پاسپورٽ ۽ نوڪري ملڻ جي مشڪلات؟ يا ڪو ٻيو ...؟

ڊاڪٽر صالح: ائين نه آهي. ايل ايم سي جا تمام گهڻا ڊاڪٽر ولائت ۾ آهن. البت ائين ضرور آهي ته سنڌي تمام گهٽ آهن.

سوال: چيو وڃي ٿو ته اسان جهڙي غريب ملڪن لاءِ ايترا سارا ميڊيڪل ڪاليج حد کان وڌيڪ هيچ آهي اهو ئي خوف آهي ته اڳتي گهٽ بجيت ڪري ڪاليج صحيح طرح هلي نه سگهن ۽ غلط پلاننگ ڪري





ڊاڪٽرن لاءِ هڪدم نوڪريون مهيا ٿي نه سگهن.

ڊاڪٽر صالح: ان بابت بنا سوچ جي هڪدم ڪو جواب نٿو ڏئي سگهجي.

سوال: توهان پنهنجي پروفيشن مان خوش آهيو يا نه؟

ڊاڪٽر صالح: آئون بلڪل خوش آهيان. مون ڊاڪٽريءَ کي هڪ آرٽ ڪري ورتو آهي. هر هڪ جو زندگيءَ ڏي پنهنجو پنهنجو رخ، روش ۽ پهچ هوندي آهي. جيڪڏهن آئون ان کي آرٽ سمجهڻ ڇڏي ڏيان ته پوءِ مون لاءِ هي ڌنڌو ورچاٽڻو ٿي سگهي ٿو.

سوال : اڄ جي شاگرد ۽ توهان جي ڏينهن جي شاگرد (ميڊيڪل اسٽوڊنٽ) ۾ ڪو فرق...؟

ڊاڪٽر صالح: اڄ جو شاگرد وڌيڪ ذهين، هوشيار ۽ سمجهو آهي. اڄ ڪلهه جي شاگردن جي ذهني ارتقا اسان کان وڌيڪ آهي. هنن ۾ شوق همٿ ۽ جستجو وڌيڪ آهي:

سوال : پر چيو وڃي ٿو ته توهان جي ڏينهن ۾ شاگرد پنهنجي استاد جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا، پر اڄ ڪلهه شاگرد ۽ استاد جي وچ ۾ اهو ويڇو / رشتو نه رهيو آهي.

ڊاڪٽر صالح: ان بابت آئون ڏاڍو Conservative آهيان. استاد پنهنجي لاءِ عزت پاڻ ٿو پيدا ڪري ۽ اڄ به ڪري سگهي ٿو ۽ ڪيترا عزت جي نگاهه سان ڏٺا وڃن ٿا. اهو برابر آهي ته اڳ ۾ شاگردن تي استادن جو دٻ ويٺل هو. دٻ ۽ عزت ۾ فرق آهي. دٻ اڳ وڌيڪ هوندو هو ڇاڪاڻ ته هڪ ته اڳ ۾ جيڪي استاد هوندا هئا سي آدرشي ۽ اتم هوندا هئا. يعني سڀ خاصيتون جيڪي استاد ۾ چئجن سي هنن ۾ موجود هيون. تنهن ڪري عزت سان گڏ دٻ به هوندو هو. استاد ۽ شاگرد جو ويڇو وڌيڪ هوندو هو. هاڻ ائين هرگز ناهي. "استاد_شاگرد" جو ويڇو تمام گهٽ ٿي ويو آهي. دوستاڻو

ماحول وڌيڪ آهي، پر مون کي پڪ آهي تہ جيڪڏهن ڪو استاد آئيڊيل آهي ۽ سٺو هلي ٿو تہ اڄ بہ شاگردن طرفان هن کي عزت ملي ٿي. جيڪڏهن ڪو استاد ٻاراڻي طبيعت جو آهي۔ بي پرواهہ ۽ ڏنگو ٿي هلي ٿو تہ پوءِ شاگردن طرفان عزت نہ ملڻ ڪري فقط شاگردن تي ئي ڏوهہ ٽاڪي ٿو. اهو ضرور آهي تہ اڄ جو شاگرد اڳ وانگر نہ هر استاد کان ڊڄي ٿو ۽ نہ هن کي پنهنجو Ideal سمجهي ٿو، پر جيڪڏهن ڪو استاد چڱيڙو آهي، قرب سان هلي ٿو تہ هو اڄ بہ پنهنجي لاءِ عزت پيدا ڪري سگهي ٿو. مون کي اهو پنهنجو تجربو آهي. منهنجو اهو پنهنجو رايو آهي. ٿي سگهي ٿو آئون ان ۾ غلط هجان.

سوال: توهان هڪ استاد ۽ وڏي جي حيثيت ۾ ڇا ٿا چاهيو تہ اڄ جي شاگردن کي ڪيئن هلڻ کپي. خاص ڪري ميڊيڪل جي شاگرد کي سياست ۽ ٻين ڪمن ۾ ڀرو وٺڻ کپي يا نہ؟

ڊاڪٽر صالح: شاگرد لاءِ هر ڳالهہ ۾ ڀرو وٺڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ جو هاڻ ڪو اهو زمانو ناهي جنهن ۾ شاگرد کي دنيا کان الڳ ٿلڳ ٿي رهڻ گهرجي، پر هنن کي گهڻو شوق پنهنجي پڙهائي ۽ ڌنڌي سان هئڻ کپي، ٻيون ڳالهيون پوءِ آهن ڇو تہ شاگردي وارو زمانو اهو ٿو ٿئي جنهن ۾ هو جيڪي بہ ڪجهہ سکندو اهو ڪيس زندگيءَ ۾ ڪم ايندو. ايم بي بي ايس يا ڊاڪٽري ٻين ڊگرين کان مختلف آهي. شاگرد جيڪڏهن فقط ڊگري حاصل ڪئي پر هن ۾ اها اهليت ڪانهي ڪا جوسياڻي هو پرئڪٽس ڪري مقابلي ۾ اچي سگهي تہ هو نہ برابر آهي. ان ڪري ڊاڪٽري شاگرد لاءِ ضروري آهي تہ هو گهڻو شوق پنهنجي پڙهائي ۾ رکي ۽ ڊاڪٽري کي آرٽ جيان سمجهي، چڱي ريت محنت ڪري ۽ سکي. ان بعد هو باقي ٽائيم پنهنجو پاڻ کي زماني ۽ ماحول سان ضرور آشنا رکندو رهي جو ان کان سواءِ تہ ڪم نہ هلي سگهندو. ائين بہ ڪونہ ٿو ٿئي تہ ماڳهين ڪتابن جو ڪينئون ٿي ٽيبل اڳيان وينو هجي ۽ اها بہ خبر نہ پوي تہ دنيا ۾ ڇا پيو وهي واپري. ساڳي وقت





هيڪاندوActive ٿي پاڻ کي سياست يا ٻي ڪنهن ڌاريئن ڳالهہ ۾ رڌل نہ رکجي جيڪا هن جي ڌنڌي ۽ پڙهائيءَ ۾ رنڊڪ ثابت ٿئي.

سوال: هتي ٻاهرين ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ پاڪستاني شاگردن لاءِ ڪا نصيحت؟

ڊاڪٽر صالح: هنن کي کپي تہ جيترو ٿي سگهي علم پرائين. پرئڪٽيڪل تجربو حاصل ڪن ۽ هر وقت اهو سوچين تہ جيڪو علم هتي پرائين تنهن جو فائدو موٽي اچي پنهنجي ملڪ ۽ قوم کي بہ رسائين. هتي آمريڪا ۾ يا ڌاريئن ملڪن ۾ هميشہ لاءِ رهائش اختيار ڪرڻ مان ڪو فائدو ڪونهي ڇو جو اهو وقت ايندو جڏهن هو ڪجهہ عرصو وڌيڪ رهندا، اولاد وڏو ٿيندن، پوءِ جڏهن هنن جي هن ڌاريئن ۽ پرائي ماحول سان سازگاري نہ ٿيندي تڏهن هو هتي اوپرو محسوس ڪندا.

سوال: توهان جي شخصيت بابت ڪجهہ ذاتي سوال. وندر جو وقت ڪيئن گذاريو ٿا؟

ڊاڪٽر صالح: سنڌي رسالا ۽ ڪتاب پڙهندو آهيان. ڪجهہ لکندو بہ آهيان. ادب سان دل اٿم.

سوال: ادب ۾ ڇا پسند ڪريو ٿا؟

ڊاڪٽر صالح: افسانا نگاري.

سوال: توهان جا پسنديده سنڌي ليکڪ ڪهڙا آهن.

ڊاڪٽر صالح: امر جليل، طارق اشرف، سراج، موهن ڪلپنا، گوبند مالهي، آغا سليم، جمال ابڙو، نسيم کرل، نجم عباسي، ثميره زرين، سحر امداد ۽ تاج بلوچ.

هتي پڙهندڙن لاءِ اها ڳالهہ عجب جوڳي هجي تہ ڊاڪٽر صالح صاحب مصروف هوندي بہ لکڻ پڙهڻ لاءِ وقت ڪڍندو رهي ٿو. سنڌن ڪيترائي ليک فرضي نالن سان سهڻي، سوجهرو، هلال پاڪستان ۽ ٻين

رسالن ۾ وقت بہ وقت ڇپبا رهيا آهن. ۽ بقول ڊاڪٽر صاحب:

".....اسان جو واسطو ڪيترن ئي قسمن جي ماڻهن سان روزانو پوي ٿو. ڪيترين ئي سچيون ڳالهيون افسانن جي روپ ۾ مون لکيون آهن جيڪي ٻين لاءِ عبرت جو مثال ٿي سگهن ٿيون ۽ منهنجي خيال ۾ تہ اسان جا ڊاڪٽر جي چاهين تہ هنن کي ڪهاڻيون لکڻ لاءِ ڪيترو ئي مواد روزانو ملي سگهي ٿو. ڪيترين ڳالهيون اهڙيون آهن جن مان ٻين کي سبق پڻ ملي ٿو ساڳي وقت انهن ڳالهين کي فوڪس ۾ رکي سماج جي سڌاري لاءِ ڪجهہ ڪري سگهجي ٿو. مثال طور: ويجهڙائيءَ ۾ هڪ رسالي ۾ ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو هڪ افسانو ڇپيو آهي. هن جيڪي ڪجهہ لکيو آهي هڪ حقيقت لکي آهي. بلڪل ٺوس حقيقت. ان مسئلي کي نظر انداز ڪرڻ بدران حل ڪرڻ گهرجي. جو مغربي سوسائٽي وانگر اسان وٽ بہ اهو مسئلو پيدا ٿي رهيو آهي. ليکڪ ان مسئلي کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ ان ڳالهہ کي افساني جي شڪل ڏني آهي جنهن ۾ ٻڌايل آهي تہ هڪ ڇوڪر ۽ ڇوڪري عشق ۾ آهن. ڇوڪرو هن کي برغلائي ٿو پر ڇوڪري هن جي ڳالهہ نٿي مڃي. ڇوڪري سٺي خاندان جي آهي پر منجهيل آهي. هوءَ چوي ٿي تہ ائين ڪيئن ٿيندو. اٿڻ ويهڻ، گهمڻ ڦرڻ تہ ٺيڪ آهي پر هوءَ شادي کان اڳ سيڪس لاءِ ڪا رغبت نٿي ڏيکاري پر هو ڏڍاريندو رهيس ٿو تہ ڪا پرواهہ نہ ڪر. شادي تہ هونءَ بہ ڪنداسين. ان ۾ گهبرائڻجي ڪهڙي ضرورت آهي. بهرحال ڇوڪرو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ٿو وڃي، پر جيئن تہ ڇوڪريءَ کي ان ڳالهہ جي دل ۾ Negative Attitude آهي سو مجبور ٿي فقط اهو سوچي ٿي تہ انڪار ڪيئن ڪريان؟ ڇوڪري جي چوڻ تي هن جي ڳالهہ تہ مڃي ٿي پر هوءَ خود لطف نٿي وٺي ۽ نہ ان بابت ڄاڻ اٿس. ڪجهہ ڏينهن بعد ڇوڪرو هن معصوم ڇوڪريءَ کي ڇڏي وري ٻيءَ جي پٺيان وڃي ٿو لڳي. اها ٻي ڇوڪري ان ڳالهہ جي تجربيڪار آهي ۽ هن جوان کي سڀ نشا ٿي وٺرائي.





پڇاڙيءَ ۾ ڇوڪرو ان سان شادي ڪري ٿو. نتيجي طور هوءَ پهرين ڇوڪري جيڪا بيحد شريف آهي ان پنهنجي عصمت بہ وڃائي، سماج جي نظرن ۾ بہ ڏڻي ٿي ۽ ويتر پيٽ سان ٿي ٿي پوي....

ان ڪهاڻيءَ ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ اڄ ڪلهہ جي نوجوان تي جنسيات جي ايتري Attraction آهي جو هو غلط فيصلا ڪري ويهن ٿا ۽ هڪ سٺي ۽ خراب ڇوڪريءَ ۾ فرق نٿا ڪريو سگهن. بهرحال اڄڪلهہ جي سماج جي اها هڪ تلخ حقيقت آهي جا ڊاڪٽر نجم عباسيءَ پيش ڪئي آهي. جتوڻيڪ هن ڪجهہ اهڙا اگهاڙا لفظ ۽ جملا استعمال ڪيا آهن جن جي پڙهڻ سان ماڻهو Un_Comfortable محسوس ڪري ٿو ۽ ساڳي وقت اسان جي سنڌي پڙهندڙ جي گهڻائي ايتري Mature_Minded ناهي ۽ نہ ماحول اهڙو آهي جو اهڙين ڳالهين کي آساني سان هضم ڪري سگهجي، پر جيستائين حقيقت جو سوال آهي تہ اها پنهنجي جڳهہ تي آهي. اهڙي طرح ڊاڪٽر ابراهيم خليل ۽ ٻين ڪيترن ڊاڪٽرن روز مرهہ جي زندگي ۾ ٻڌايل يا پيش آيل واقعا بيان ڪيا آهن. پر هڪ ڳالهہ جا ڊاڪٽر کي خيال ۾ رکڻ کپي تہ هو انڪهاڻيءَ کي اهڙي نموني سان ڦيرائي لکي جو ڪهاڻي جي سچن ڪردارن کي ان بابت شڪ بہ نہ پوي تہ اها ڪهاڻي هنن بابت آهي. جو تہ لکڻ واري جو مقصد مسئلي بابت پڙهندڙن کي آگاهہ ڪرڻو آهي ۽ نہ ڪردارن کي عيان ڪرڻ."

سوال: سنڌيءَ کان علاوه ڪنهن ٻي زبان جي ادب سان دلچسپي؟

ڊاڪٽر صالح: ڪنهن حد تائين انگريزي ادب سان دلچسپي آهي ۽ ان جو آدرشي اديب سموسٽ ماهم اٿم. توهان کي خبر آهي تہ سمرسٽ ماهم اديب ڪيئن ٿيو؟ سمرسٽ ماهم لنڊن جي سينٽ ٿامس اسپتال ۾ ڊاڪٽري پڙهندو هو، هن کي آخري سال ۾ هڪ ڇوڪريءَ سان پيار ٿي ويو. هن کي شاديءَ جي آڇ ڪيائين. ڇوڪريءَ گهمڻ ڦرڻ جو خيال ڏيکاريو. سمرسٽ

ماهر مائيءَ کي چيو تہ تون ڪجهہ ترس تہ آئون پئسو ڏوڪڙ ڪمائي وٺان تہ پوءِ اها وڏي ڳالهہ ناهي.

ان بعد هن پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري پهريون ڪتاب ليزا آف لئمبٿ Lisa of Lambeth لکيو، جنهن ۾ هن ڊاڪٽري شاگرد جي حيثيت ۾ ليزا نالي ڇوڪريءَ جي آڪاٽي لکي. هن لئمبيٿ علائقي ۾ Domicilary– Midwifery جي سلسلي ۾ ليزا ڇوڪريءَ جو ويم ڪيو هو، جنهن ۾ هوءَ مري ويئي. هن سچي اها ڳالهہ ٻار ڪيرائڻ جي لکي تہ هن کي ٻار ڪيئن ٿيو. پاڻ ڪير هئي. ڪيئن هن عشق ڪيو ۽ دوکو کاڌو، وغيره. ان زماني جي ادبي نقادن ۽ پبلشر ان ڪتاب کي پسند ڪيو ۽ ڇپيو ويو. سمرسٽ کي چڱا ڏوڪڙ مليا پر بدقسمتي سان جڏهن هو پنهنجي گرل فرينڊ وٽ پهتو تہ خبر پيس تہ هن ڪنهن ٻي سان شادي ڪري ڇڏي. ان ڳالهہ سندس دل تي گهرو اثر ڪيو. تنهن ڪانپوءِ توهان ڏسندائو تہ سمرسٽ جي لکٽي تمام طنزيہ آهي ۽ عورت جي ڏاڍو خلاف آهي. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻين مان ان جي جهلڪ ايندي. هي ئي عظيم طنزيہ اديب آهي جنهن هي Unfortunate لفظ عورت لاءِ چيا آهن:

"She is an animal who menstruates once a month, prachurates once a year and have sex whenever she wants"

(عورت اهو جانور آهي جنهن کي هر مهيني حيض اچي ٿو، هر سال ڦرڙئي ٿي ۽ جڏهن دل چاهيس ٿي همبستري ڪري ٿي.)

سمرسٽ ماهم ڪانسواءِ ٿامس هارڊي، ڊي ايڇ لارينس پڻ منهنجا پسنديده اديب آهن.

سوال: هونءَ اها عجيب ڳالهہ آهي تہ توهان ڊاڪٽر ٿي ڪري ادب سان ايڏو شوق رکو ٿا ۽ مطالعي کان علاوه لکڻ لاءِ بہ وقت ڪيو ٿا.





ڊاڪٽر صالح: سنڌيءَ ۾ تہ گهٽا ڊاڪٽر اديب آهن جيڪي لکي رهيا آهن ۽ ڪيترا اهڙا پڻ آهن جن ۾ ذات، ڏانءُ ۽ ادبي لياقتون آهن پر هو انهن کي ڪتب نٿا آڻين. مشغول نہ هجڻ جي باوجود پاڻ کي مشغول تصور ڪن ٿا. ٿورو يا گهڻو مشغول تہ هر انسان آهي پر ان هوندي بہ شوق ۽ ونڊر لاءِ هرڪو وقت ڪڍي سگهي ٿو. پوءِ ڪو لکڻ پڙهڻ لاءِ وقت نٿو ڪڍي تہ ٻي ڪنهن ڳالهہ لاءِ تہ ضرور ڪڍندو هوندو.

سوال : ٿرپارڪر ضلعو خوش نصيب آهي جنهن سان توهان تعلق رکو ٿا، پر مون ٻڌو آهي تہ پاڪستان ۾ دادو ۽ ٺٽي بعد اهو ضلعو بدنصيب آهي جنهن کي طبي سهوليتون نہ برابر آهن ۽ اتي تمام گهٽ ڊاڪٽر آهن.

ڊاڪٽر صالح: ڊاڪٽر بہ چڱا آهن پر ٿرپارڪر سان سڀ کان وڏي بدقسمتي ٽرانسپورٽ آهي. ان ڪري هي ضلعو ٻاهر نڪري تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيو پئي رهيو آهي ۽ ساڳي وقت طبي سهولتون بہ رستن نہ هجڻ (يا ڏکين هجڻ) ڪري گهٽ مهيا آهن.

سوال: هتي آمريڪا ۾ توهان کي ڪائڻ پيئڻ جي ڪهڙي شيءِ وڌيڪ پسند آهي ؟

ڊاڪٽر صالح: ان طرف ڪو خاص لاڙو ناهي. رکو سکو جيڪي مليو صحيح آهي. وڌن طعامن ۽ سٽين ڪاڌن کان اوپاريل ۽ سادا وڌيڪ پسند اٿم جي جلد هضم آهن. ٻين لفظن ۾ جنهن کي سنڌيءَ ۾ ڇتو چئجي تنهن سان شوق نہ اٿم. ها البت ڪاڌي کان وڌيڪ ڪاڌي جو ماحول مون کي وڻندو آهي. يعني سني جڳهہ هجي. سنو ۽ وڻندڙ ماحول هجي جتي سڪون سان ويهي سگهجي پوءِ ڪائڻ ۾ ڪٽي چا بہ هجي.

سوال: ڇا توهان کي اهو احساس آهي تہ توهان جي لکڻين جي ضرورت آهي. يعني ڪي ليکڪ ڪڏهن اهو سوچيندا آهن تہ هو نور نچوئي، وقت وڃائي لکي تہ رهيا آهن پر خبر ناهي ماڻهو پڙهن بہ ٿا يا نہ.

ڊاڪٽر صالح: منهنجو لکڻ يا نہ لکڻ، ماڻهن کي پسند آهي يا نہ ... اهو چوڻ ڏکيو آهي پر خطن مان اندازو لڳايو اٿم تہ ان موضوع (بيمارين ۽ ان جا حل) تي لکڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. پوءِ اهو چاهي آئون لکان يا ڪو ٻيو لکي ۽ جيتوڻيڪ ان قسم جا جواب ڪو بيماري يا مسئلي جو مڪمل حل نٿا ٿي سگهن (جو ڪن ڪن بيمارين لاءِ روبرو چڪاس ۽ تفصيل معلوم ڪرڻ ضروري آهي) پر ان هوندي بہ گهٽ ۾ گهٽ پڙهندڙن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ آٿت ۽ ڄاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي. خاص ڪري جنسيات جي معاملي ۾ اسان جو نوجوان سخت منجهيل آهي ۽ ان لاءِ ڪنهن سلجهيل ادب ۽ معلومات جي ڄاڻ ضروري آهي ۽ اهو عنوان اخبار جي ڪالم کان وڌيڪ آهي جنهن لاءِ ڪنهن ڊاڪٽر کي گهرجي تہ ان بابت لکي. هر زبان ۾ ان قسم جا معلوماتي ڪتاب ملندا پر اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو بہ اهڙو ڪتاب ناهي جنهن مان جنسياتي معلومات اسان جو نوجوان حاصل ڪري سگهي. جيڪي ڪجهہ آهن سي بہ پراڻن هندي ۽ اڙدو ڪتابن جا ترجما آهن جن ۾ ڪيترين ئي ڳالهين غلط ۽ Out_Dated آهن.

سوال: يورپ ۽ آمريڪا جي ڀيٽ ۾ اسان جي ملڪ ۾ جنسي بيماريون Veneral Diseases گهٽيون آهن يا نفسياتي؟

ڊاڪٽر صالح: اسان وٽ نفسياتي بيمار گهڻا آهن. ڪنهن نوجوان کي گهڻا احتلام ايندا (ڇاڪاڻ تہ اها عمر ئي اهڙي آهي) تہ هو گهٻرائجي ويندو تہ ڪٿي جريان تہ نہ ٿي پيو آهي. ويتر اخباري اشتهارن ۾ ابتيون سبتيون ڳالهيون پڙهي وڌيڪ نفسياتي بيمار ٿي پوندو ۽ فڪر ۾ ڳرندو رهندو. اهڙي طرح ٻيا مردن ۽ عورتن جا انيڪ نفسياتي مسئلا پيدا ٿي پيا آهن جي فقط جنسيات جي معلومات کان اڻ واقف ۽ اڻڄاڻ هجڻ جي پيداوار آهن.

سوال: چين ۽ ڪوريا ۾ طب Homeopathy تي زور آهي. سنڌ





۾ ڪيترين ئي ڦڪين، ستين،جڙين ٻوٽين، خاڪا، معجونن ۽ نسخا خمير اسان جا حڪيم استعمال ڪندا اچن جن کي جيڪر همٿائڻ کپي. توهان جو طب بابت ڇا خيال آهي. هڪ ايلوپيٿي سائنس جي ڄاڻوءَ جي حيثيت ۾..؟

ڊاڪٽر صالح: اسان جي ايلوپيٿي ۾ گهڻي ڀاڱي جيڪي دوائون آهن سي بہ جڙي ٻوٽين مان تت ۽ ست ڪڍي ٺاهيون ويون آهن پر سائنسي علم هيٺ انهن جو تت، ست، ٽنڪچر يا Synthetic فائدي موجب ٺاهيون وڃن ٿيون. ان جي ڪيميائي خاصيتن Chemistry جي خبر آهي. ان جي چڱن اثرن جي خبر آهي. خراب اثرن جي خبر آهي ۽ هر هڪ سسٽم تي ان دوا جو ڪهڙو اثر آهي يعني دل تي ڪهڙو اثر آهي، جگر تي ڪهڙو اثر آهي، پيٽ تي ڪهڙو اثر آهي، وغيره. دوا جي جسم ۾ وڃي ٿي تہ ان ۾ ڪهڙيون ڪيميائي تبديليون اچن ٿيون. پوءِ ڪٿان خارج ٿئي ٿي ۽ باقي بچت ڇا ٿي ٿئي. مطلب تہ هر ڪا دوا جيڪا اسان ايلوپيٿي ۾ استعمال ڪيون ٿا ان جي فائدي ۽ نقصانن جي چڱي ريت ڄاڻ اٿئون پوءِ جي نقصان گهڻا آهن تہ ان مريض کي نہ ڏئي سگهنداسين. اسان جون يوناني دوائون تمام گهڻيون آهن جن ۾ تمام گهڻيون خاصيتون آهن پر ان بابت سائنسي ڄاڻ ۽ معلومات ناهي. مثال طور ڪنهن يوناني دوا بخار يا مٿي جي سور کي فائدو رسايو. ڇو فائدو ٿيو يا ڪيئن ٿيو؟ اها ڄاڻ نہ آهي. يوناني دوا موجب فلاڻي مرض لاءِ فلاڻي دوا آهي ۽ منجهس هي خاصيتون آهن پر ڪهڙي سبب ڪري اهي دوائون اثر ڪن ٿيون ڪيترو خارج ٿين ٿيون وغيره، اها ڄاڻ نہ آهي. سواءِ ان جي تہ الف چيو "ب" کي تہ فلاڻي شيءِ آهي. "ب" استعمال ڪئي تہ فائدو ٿي ويو. اها ڳالهہ اتي ئي رهجي وئي. "الف" سمجهائي نہ سگهيو ۽ نہ وري "ب" تہ ان دوا هن تي فائدو ڇو ڪيو ۽ ڪيئن ڪيو؟ ان ڪري اها معلومات محدود رهجي وئي آهي. سائنسي دنيا ۾ ماڻهو ان کي مروج ڪري نٿو سگهي جيسين ان

جي فائدن ۽ نقصانن، اثرن جي چڱي طرح خبر نہ هجي. اسان وٽ طب ۾ هڪ ٻہ ادارا، همدرد دوا خاني جهڙا ڪم ڪري رهيا آهن پر اهي بہ گهڻي ڀاڱي ڪمرشل نموني جا آهن.

سوال: اڄ ڪلهہ هتي آمريڪا ۾ هتي جو بهترين Best_Seller ڪتاب ۽ فلم Exorcist (جن ڪيندڙ) هلڻ بعد مغربي ماڻهن ڪي جن، ڀوت ۽ روحن ۾ ٿورو گهڻو يقين ويهي ويو آهي، ان بابت هتي جي هڪ ٻن ڊاڪٽرن سان بحث ٿيو تہ هو ٻڌائڻ لڳا تہ اها فلم هڪ سچي ڪهاڻيءَ تي ٺهيل آهي ۽ ڇوڪريءَ جون اهڙي نموني سان دانهون ڪرڻ ۽ هٿ پير سڄڻ، جن پوڻ جون نشانيون آهن. اها فلم ڏسڻ بعد اهو چوڻ ضروري آهي تہ تندرستيءَ لاءِ رڳو دوا فائدو نٿي رسائي. دوا سان گڏ علم (دعا) جي بہ ضرورت آهي. توهان بہ اها فلم ڏٺي آهي توهان جو ان بابت ڇا خيال آهي..؟

ڊاڪٽر صالح: آئون نٿو سمجهان تہ ضروري آهي تہ اهڙيون نشانيون ڪنهن ۾ هجن تہ ان کي جن چئجي يا خراب روح جو پاڇو سڏجي. ڇو تہ هسٽريڪل ڪيس ٿي سگهن ٿا. Psychiatric Disorders بہ ٿي سگهن ٿا ۽ جيسين اهي ڳالهيون ثابت نٿيون ٿين تيسين هر ڳالهہ کي جن چوڻ تہ مشڪل آهي. ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون آهن، نفسياتي وغيره جن جي خبر نٿي پوي پوءِ ان کي جن سان منسوب ڪيو ٿو وڃي، پر هڪڙي ڳالهہ آهي تہ انهن ٽوڻن ڦيڻن ۽ علم ۾ فائدو ٿئي ٿو، چاڪاڻ تہ گهڻي ڀاڱي اهي بيماريون جيڪي آهن سي هسٽريڪل آهن يا Psycho Neurotic Disorders آهن. جن ۾ ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ تي بہ فائدو ٿيو وڃي. ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ مان، چاهي دوا يا علم جي Reaction کان ٿئي، چاهي ڪنهن ٻئي Factor مان فائدو ٿئي پوءِ ڀڄاڙيءَ ۾ جيڪا جهاڙ لڳي تہ چوندا تہ اها جهاڙ سٺي. اهو پيو سٺو.

ساڳي طرح نانگ جو چڪ آهي. جهاڙ وجهايون ٿا، ڪيترن ۾ فائدو





ٿئي ٿو ڪيترن ۾ نٿو ٿئي. ڪيترا نانگ آهن جي زهريلا آهن ۽ ڪيترا نہ آهن. زهريلي نانگ جي چڪ جو فائدو ان قسم جي جهاڙ ڦوڪ مان نٿو ٿئي، پوءِ چوندا جهاڙ صحيح نہ لڳي ۽ ٻئي قسم جي نانگ جي چڪ ۾ فائدو ٿيندو تہ چوندا تہ فلاڻي جهاڙ ڦوڪ ۽ جادوءَ مان فائدو رسيو.

ساڳي طرح ڪتي جو چڪ آهي. اسان جي ڳوٺن ۾ چوندا آهن تہ فلاڻي ڀوپي وٽ وٺي وڃوس. فلاڻي تڙ تي وهنجاريوس. پوءِ اها خبر نٿي پوين تہ Rabid ڪتو هوندو تہ ان جي چڪ جو فائدو ڪونہ ٿيندو. ٻي صورت ۾ فائدو ٿي ويندو. سو انهن ڳالهين: جهاڙ ڦوڪ، تڙ جي ڪا وقعت ناهي پر چاڪاڻ تہ اهي بيمارين جا نمونا اهڙا آهن جو پاڻهي فائدو ٿيو وڃي- پوءِ چاهي ڪنهن ڦٽي لکي ڏني، چاهي ڪنهن پٽي پڙهائي. چاهي تعويذ ڏنو يا ڦيٽو ڦوڪيو. چاهي دم ڪيو يا ٻم ڪيو.

سوال: منهنجومطلب اهو آهي تہ بيماري ٿئي تہ قدرت کان دعا گهرڻ بہ ضروري آهي، ڇو تہ ڦڪيون بہ تڏهن ٿيون فرق ڪن جڏهن انهن کي امر (حڪم) ٿئي ٿو. باقي اهي ڦيڻا، ٽوٽا، ڏاڳا ۽ قبرن تي پڙ چاڙهڻ واقعي اجائي ڳالهہ آهي.

ڊاڪٽر صالح: ها اها ڳالهہ تہ آهي. صحيح علم ۾ وڏي طاقت آهي سڀ ڪجهہ پروردگار جي هٿ ۾ آهي. منهنجو تہ قدرت ۾ وڏو اعتقاد آهي. سڀ ڪجهہ الله جي طرفان ٿئي ٿو. هو ئي شافي آهي، هو ئي ڪافي آهي. توهان ڏٺو هوندو تہ ڪيترا ڊاڪٽر هوندا ساڳي دوا ڏيندا. هڪ جي دوا ۾ شفا ٿيندي ٻئي جي ۾ نہ.

سوال : ڀلا دوا سان گڏ مريض جي دلجوئي ڪرڻ بہ ضروري آهي يا وقت جو زيان...؟

ڊاڪٽر صالح: هاڻ اهو زمانو اچي رهيو آهي جنهن ۾ سائنسي طرح ثابت ٿي رهيو آهي تہ جيڪي Symptoms ٿين ٿا سي سڀ بيماري جا نہ

آهن.

Most of the symptoms of the disease are not due to pathological_process in the body but the symptoms are due to the reactions of the disease on the person. It is the person who reacts to them.

مثال طور ٿي بي آهي. ڪنهن امير کي ٿوري ڪنگهه ٿي ته هو ڊاڪٽر وٽ ويو. ڊاڪٽر دوا ڏنس ٺيڪ ٿي ويو. هن کان پڇبو ته ڇا ٿيو هئي؟ وراڻيندو ڪجهه نه. معمولي ڪنگهه هئي. اهو هن جو رد عمل Reaction آهي، پر جي ڪڏهن ڪو غريب هوندو، ڇهه مهينا پيو ڦرندو پر ڊاڪٽر وٽ نه ويندو. چوندو متان ڊاڪٽر چوي ٿي بي آهي. پوءِ ڇا ٿيندو. بک نه لڳندس. ننڊ ڦٽِي پوندس. ڪاڏو حرام ٿي ويندس. پيو سوچيندو ته متان ٿي بي ٿي پويم. پوءِ ٻارن جو ڇا ٿيندو. مزوري يا نوڪريءِ جو ڇا ٿيندو. جنهن وقت هو ڇهن اٺن مهينن بعد ڊاڪٽر وٽ ويندو ته هو اها شڪايت ئي نه ڪندو ته اصل بيماري ڇا آهي پر چوندو سائين سڄي بدن ۾ سور آهي، بک ڪانه ٿي لڳي. سائين پيٽ ۾ بار ٿو ٿئي. ٽنگ ۾ سور ٿو ٿئي. رات جو پگهر ٿو اچي. هاڻي اهي نشانيون Symptoms رڳو بيماريءَ جون نه آهن، پر اِهو اهو فڪر آهي جيڪو بيماريءَ سان ڳنڍيل آهي ۽ هاڻ توهان جي هن کي ٻڌايو ته توکي ٿي بي آهي ته هن جو اڌ ساهه ته نڪري ويندو. ٿي بي بيماريءَ جو واسطو ته رهي ٿو ڪنگهه سان. هاڻ هيڏا سارا ٻيا جي Symptoms آهن، جيڪي مريض اچي ڊاڪٽر کي ٻڌايا سي بيماري ڪري نه آهن، پر بيمار جا بيماري ڏي رد عمل جا آهن. هاڻ ان لاءِ ضروري آهي ته ڊاڪٽر مريض سان چڱيءَ طرح ويهي ڳالهائي ۽ هن جي نفسيات جي خبر لهي تڏهن ئي هن جي چڱي طرح دوا درمل ڪري سگهندو ۽ معلوم ڪري سگهندو ته هن جي بيماري جا ڪيترا Emotional سبب آهن ۽ باقي ڪيترو ڪٽو آهي جيڪو هن جي صحيح





بيماريءَ جو آهي ۽ اهو تمام ضروري آهي ته بيماري کان اڳ مريض کي صحيح ڪجي، ڇو ته مريض هڪ پيچيده ۽ منجهيل مشينري آهي. بيماري ته فقط ان جو هڪ پروز آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪجهه پراڻا حڪيم ڊاڪٽر ڪان مشهور آهن جو هو چڱي ريت ويهي مريض جي ڳالهه ٻڌن ٿا. هن جي دل وٺن ٿا. دوا کان وڌيڪ دلجوئي ۽ همت افزائي ڪن ٿا ۽ هن جون نفسياتي ۽ جذباتي پريشانيون دور ڪن ٿا. فقط مريض کي دوا ڏئي ڊوڙائي ڪيڻ سان هن جو مسئلو حل نٿو ٿئي.

سوال: توهان جي زندگيءَ جو ڪو اهڙو واقعو جنهن توهان جي زندگي کي ڪو موڙ ڏنو هجي يا توهان لاءِ ناقابل فراموش هجي.

ڊاڪٽر صاحب: ها. هن وقت اهڙو واقعو ياد اٿم، جنهن جو سڄي زندگي سان ڪافي تعلق آهي. بلڪ اڄ جي نوجوان شاگردن لاءِ پڻ Guide Line ثابت ٿي سگهي ٿو.

آئون ننڍو هوس، بيحد غريب مائٽن جو ٻار. اسڪولي تعليم ختم ڪري ڪاليج ۾ گهڙي رهيو هوس. انهن ڏينهن ۾ سنڌي مسلمان ڇوڪرن جو انجنيري ڏي لاڙو نه هو ۽ انهن جي همت افزائي ڪرڻ لاءِ پنجاهه رپيا ماهوار اسڪالر به آڇي وئي هئي بشرطيڪ هو اڳتي هلي انجنيري ڪٽي. منهنجو شوق ڊاڪٽريءَ لاءِ هو، پر ٻي طرف مائٽن جي غربت ۽ مجبوريون پئسي جي تنگي ڪري اهڙيون هيون جو دل ٻڏي تري رهي هئي ته ڇا ڪجي. انجنيري ڪٽڻ ڪري اسڪالر به ملي رهي هئي. تعليم ختم مهل ڪلاس ون نوڪري به پڪي هئي پر ٻي طرف منهنجو شوق ڊاڪٽريءَ ڏي هو. مون کي منجهيل ڏسي منهنجي بزرگ استاد حافظ محمد صادق ڪلاس ۾ گهرائي مون کي چيو:

”پٽ هي هڪ ڪمرو آهي. مون کي ٻڌاءِ هن ۾ ڪيترا ماڻهو ماپي سگهندا..؟ ڏهه، ويهه، پنجاهه، اڇا به جي هڪ ٻي سان لڳي ويهن ته سئو سوا،

هل سائين ﺑﻪ سئو ڪن..؟”

”ها سائين ﺑﻪ سئو ڪن لڳي ويهي سگهندا.“ مون وراڻيون مانس.

”سمجهه ڪٽي ﺑﻪ سئو، ان ڪان وڌيڪ هڪ ﺑﻪ ماڻهو ويهي نٿو سگهي. پر ٿورو سوچ ﺗﻪ اهي ماڻهو ﺗﻪ رڳو هيٺ پٽ تي ويٺا آهن. مٿي ڇت تائين باقي اڌ ڪمرو ﺗﻪ خالي پيو آهي. جي ڪڏهن ڪو چاهي ﺗﻪ اتي ﺑﻪ ويهي سگهي ٿو. سو ياد رک ﺗﻪ There is always a place on the top ماڻهوءَ ڪي مٿي اچڻ لاءِ هر وقت جاءِ خالي ملي ٿي. سو جيڪڏهن توکي ڊاڪٽري پڙهڻ جو شوق آهي ﺗﻪ لڳاتار محنت ۽ شوق سان هر مشڪل جو مقابلو ڪري پنهنجو اعليٰ مقام حاصل ڪري سگهين ٿو، چاهي مائٽ غريب آهن، پئسو ناهي، چاهي اڳهين ڊاڪٽر گهڻا آهن وڏينوڪريءَ جو آسرو ﻧﻪ هجي ﺗﻪ ﺑﻪ محنت سان جيڪر سٺو نمبر کڻي ويندين ﺗﻪ پاڻهي سڏي وڏي نوڪري ڏيندءِ. بس هر حال ۾ ڏکيو سکيو وقت ڪاٽي، محنت سان ناتو ڳنڍي تون پنهنجو مٿانهون ماڳ ماڻي سگهين ٿو.“

” ان بعد آئون پڪي عزم سان ڊاڪٽريءَ ڏي مائل ٿي ويس“.

ڊاڪٽر صاحب ڳالهه ختم ڪئي.

ڳالهيون ﺗﻪ اجا ﺑﻪ ڪيتريون ئي ٿي سگهن ٿيون پر اسان ٻنهي ڪي پنهنجي ڏنڌي جي ﺑﻪ ڪرڻي هئي. ڊاڪٽر صاحب کي ڪانفرنس / سيمينار اٽيند ڪرڻو هو مون کي جهاز جي مشينري پرزن کي آئنده جي ڊگهي سفر لاءِ تيل مک ۽ چڪاس ڪرڻي هئي. سو ڊاڪٽر جا ٿورا مڃي سندس شيرٽن_ ان مان ٻاهر نڪتس. ٽئڪسيءَ لاءِ رستو ڪراس ڪيم. سامهون ئي هتي جي هاپڪن اسپتال ۽ ڪاليج هو جنهن مان سوين شاگرد چانهه پي رسيس يا لنچ لاءِ ٻاهر نڪري رهيا هئا. ايترا شاگرد ڏسي دل ۾ سوچيم ﺗﻪ سياڻي گرئجيوئيٽٽيڻ بعد آيا انهن سڀني کي سٺي نوڪري ملي سگهندي يا ﻧﻪ..؟ انهي گهڙيءَ ڊاڪٽر صالح واري ٻڌايل ڳالهه ياد اچي وئي ﺗﻪ هر انسان جيڪي





محنت ڪري رهيا آهن سي هر دور ۾ سٺي نمبر سان امتحان پاس ڪري ضرور اعليٰ مقام ماڻي سگهندا ڇو ﺗﻪ ديئر از آل ويزاي پليس آن دي ٽاپ

There is always a place on the top



الطاف شيخ سسئي پليجو کان ايوارڊوٺي رهيو آهي



هالا جا پڪوڙا جڳ مشهور... حاجي اشفاق شيخ



جپان جي هڪ بي راند يابوسامي_ تير اندازي

books.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# جلسو ھڪڙن جو ڳالھيون ٻين جون

مهني جي هر پهرين ڇنڇر تي شام جو اسان جي ننڍپڻ جي ڪلاس ميٽ بشير ميمڻ جي آفيس ۾ Petarians جي گڏجاڻي ٿيندي آهي، پر هن مهني جي ان ڏينهن (7 ڊسمبر 91) تي پريس ڪلب ۾ حبيب جالب جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي مجاهد بريلوي جي لکيل ڪتاب جي رونمائي (مهورت) هئي.

آئون ميٽنگ مان گسائي پريس ڪلب ڏي ويس. مون ته سمجهيو ته اهڙن نج ادبي جلسن ۾ ڪي چوندا ماڻهو ايندا هوندا پر ايڏي گپاگيهه لڳي وئي هئي جو ڪار کي بيهارڻ لاءِ اڌ ميل کن پري زبيده مارڪيٽ وٽ جاءِ ملي. ماڻهن جي انبوهه جو سبب هڪ طرف حبيب جالب جي شخصيت هئي جنهن جمهوريت لاءِ هر دور جي ڊڪٽيٽر حاڪم سان ٽڪر کاڌا. پاڪستان جو هي ئي هڪ شاعر آهي جيڪو ايوب توڙي يحيٰ، ڀٽو توڙي ضيا جي ڏينهن ۾ جيل ۾ رکيو ويو. پاڻ نه رڳو اهي سختيون قبول ڪيائين پر هڪ ان جمهوري حڪومت ۽ ان جي حاڪم (ضياءَ) کان مليل وڏا انعام اڪرام موٽائي ڇڏيائين. ٻئي پاسي پيپلس پارٽيءَ جي اڳواڻ بينظير ڀٽو جي شخصيت هئي جيڪا هن محفل جي خاص مهمان هئي.

پريس ڪلب جي گيٽ تي علي احمد بروهي صاحب آيل مهمانن جي آڌر ڀاءُ ڪري رهيو هو. ڇپر تي ڪرسين جون پنجاهه کن قطارون هيون ۽ هر قطار ۾ لڳ ڀڳ چاليهه ڪرسيون هيون. اڌ کان وڌيڪ ڪرسيون ڀرجي چڪيون هيون. قميص تي لڳل بيجن ۾ پريس ڪلب جا ميمبر ۽ پيپلزپارٽيءَ جا ڪارڪن، هيڏانهن هوڏانهن پنهنجي پسند جي ماڻهن کي وهاري رهيا هئا. اڳيون قطارون ڀريل ڏسي آئون پنين قطار ڏي وڃي رهيو





هوس ته هڪ اهڙي بيچ واري (شايد علي احمد بروهي جي اشاري تي) مون کي پٺيان وڃڻ کان روڪي اڳيان وهارڻ لاءِ ڪرسي ڳولڻ لڳو. مون به اهو ئي چاهيو ٿي ته اڳيان ويهي چڱيءَ طرح اهم ماڻهن کي ڏسجي. ڏهه سال ٻاهر رهڻ بعد هيءَ پهرين گڏجاڻي پريس ڪلب ۾ اٽينڊ ڪري رهيو هوس. هن همراهه اڳئين قطار وٽان لنگهائي اسٽيج جي ساڄي پاسي کان رکيل الڳ ٿلڳ ٽيهارو کن ڪرسين مان هڪ خالي ڪرسيءَ تي مون کي ويهاريو. جتان نه فقط اسٽيج ويجهي هئي پر هر ايندڙ ويندڙ مهمان چٽيءَ طرح نظر اچي رهيو هو.

جنهن ٽولي سان گڏ مون کي ويهاريو ويو هو ان تي نظر ڦيرايم. سڀ اخبارن، رسالن جا رپورٽر هئا. مون ڪين سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر هڪ به ڄاتل سڃاتل نه لڳو. گهڻي ڀاڱي نئين ٽهيءَ جا هئا. ڪو پراڻو به هو ته ڏهه ٻارهن سالن جي گئپ بعد نه آئون ڪيس سڃاڻي سگهيس ۽ نه هنن مان ڪو ـ جن سان اڪثر ههڙين اڙدو، سنڌي ۽ انگريزي محفلن ۾ ملاقات ٿيندي هئي. ”بهرحال هنن نوجوان صحافي ۽ ليکڪن مان ڪيترن جون رپورٽون ۽ ليک ضرور پڙهيا هوندم.“ مون دل ئي دل ۾ سوچيو. ايتري ۾ اڳيان ويٺل ”جاڳو“ اخبار جو نمائندو پنهنجي ڪرسي ڇڏي مونسان اچي ويٺو. ساڻس تازو ٻه ڏينهن کن اڳ ٿيوسافيڪل هال ۾ ملاقات ٿي هئي، جتي ”لاڙڪاڻو فريندس“ وارن مون سان شام ملهائي هئي. ان محفل جي سوالن جوابن واري حصي ۾ هن مون کان ڪجهه اهڙا ٺيٺ ادبي سوال پڇيا هئا جن جا جواب سراج يا غلام علي الانا جهڙا ادب جا ڄاڻو ۽ محقق ئي ڏئي سگهيا ٿي.

ڊاڪٽر ايوب شيخ شايد پهريون جرنلسٽ آهي جيڪو ڊاڪٽري ڇڏي اخباري دنيا ۾ آيو آهي ۽ هڪ سڄاڻ، محنتي ۽ ڪامياب اخباري رپورٽر مڃيو وڃي ٿو.

”ڪمال آهي، توهان ايم بي بي ايس پاس ڪري ڊاڪٽري نه

ڪئي؟“ مون پڇيو هئومانس.

”سائين سيون هٽڻ وارا ٻيا بہ ڪوڙ ويٺا آهن. منهنجو شوق لکڻ پڙهڻ ۽ ادب سان آهي.“ هن جواب ڏنو هو.

## ٻہ اکر زاهده نالي

ايوب شيخ قمبر جو آهي. سندس ڀيڻ زاهده شيخ عورتن جي سجاڳي جي حوالي سان سڄي سنڌ ۾ سڃاتي وڃي ٿي. هوءَ سنڌ يونيورسٽيءَ مان Mass Communicationم ۾ ايم اي ڪري رهي آهي. زاهده سنڌياڻي تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري آهي. جنهن محنت ۽ اڻ ورچائيءَ سان هوءِ اسان جي ڏتڙيل سنڌي عورتن جي نمائندگي ڪري رهي آهي ان لاءِ جس هجيس.

پاڪستان موٽڻ کان اڳ ماهتاب محبوب سنڌي عورتن جي ڪجھ سماجي تحريڪن جي جلسن جلوسن ۽ پريس ڪانفرنسن بابت ٻڌايو هو تہ خاص ڪري زاهده جي اسلام آباد (يا شايد لاهور) واري پريس ڪانفرنس بابت، پر مون پهريون دفعو سندس تقرير هوٽل هاليڊي ان ۾ مارئي فورم طرفان ڪوٺايل دعوت ۾ ٻڌي هئي. هن فنڪشن جو بندوبست قمرشهباز جي زال مسز ارشاد قمر ڪيو هو. پڪ اٿم تہ ان ڏينهن زاهده جي تقرير جو مضمون توڙي ادائگي جو اسٽائيل ٻڌندڙن جي دلين تائين پهتو هوندو. سندس اها خوبي قابلِ داد آهي تہ هن جو سڄو ڌيان هڪ خاص مقصد پٺيان آهي ۽ اهو آهي : ”سنڌي عورت ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ ان جي حقن لاءِ ڪين ۽ دنيا ڪي احساس ڏيارڻ“. ان دعوت ۾ منهنجي هڪ پاسي تاج بلوچ ۽ نذير چنا ويٺل هو تہ ٻئي پاسي اشفاق ميمڻ، سيڪريٽري سنڌ حڪومت. اشفاق ڪي چيم تہ ”عورتن ۾ نذير چنا ۽ تاج بلوچ جي مقابلي جي تقرير ڪا





ڪري سگهي ٿي تہ هيءَ آهي جنهن جي ڳالهائڻ سان سڄي هال ۾ ماٺ ڇانئجي وئي آهي. اسٽيج تي ويٺل بيگم نصرت ڀٽو، جنهن کي خبر ناهي سنڌي سمجھ ۾ اچي بہ ٿي يا نہ، پر هوءَ بہ غور سان ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.“

”هڪ ٻي ڳالھ سندس سادگيءَ جي نوٽ ڪئي اٿانو؟“ اشفاق ميمڻ چيو هو. ” ان جاءِ تي ٻي ڪا هجي ها تہ پنج سئو رپيا ڏئي اڄ پنهنجا وار پالر تان سيٽ ڪرائي، اوچي کان اوچو وڳو پائي اچي ها. پر هيءُ هڪ عام عورت وانگر هلي آئي آهي. هوءَ انهن مڙني ڳالهين کان بي نياز آهي تہ اسٽيج تي پر ۾ ويٺل ٻيون عورتون ڪيترو جهڳ مڳ ۽ زري زربفت جا وڳا ۽ ميڪ اپ ڪري آيون آهن. اها ئي سندن عظمت آهي.“

زاهده ان ڏينهن، سنڌي عورت (خاص ڪري غريب ڳوٺاڻي عورت) جي ڏکن ۽ تڪليفن کي High Light ڪندي چيو: ”ڳوٺ جي غريب سنڌي عورت جي زندگي هڪ جانور کان بہ ڏکي آهي. هوءَ نہ فقط پنهنجي مڙس جي خدمت ڪري ٿي پر هن جي ڳڏھ جي بہ ٽهل ٽڪور لهي ٿي. ٻني ٻاري تان جڏهن مڙس موٽي ٿو تہ هن جي ماني ٽڪِيءَ ۽ آرام جي پرگهور لهي ٿي ۽ جڏهن هو ٻي اونو تي ليٽي پوي ٿو تہ هيءَ ويچاري اٿي وري ان ڳڏھ جي اون رکي ٿي تہ هن کي سيءُ تہ نٿو لڳي. مڇر تہ نٿا پٽينس. چرڻ لاءِ گاھ ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي اٿس يا نہ. پاڻ پلي سيءُ ۾ پئي ڏکي يا ڪاڙهي ۾ سڙي پر سڄي رات ننڊون ڦٽائي مڙس، ٻچن ۽ جانورن جو خيال ڪري ٿي.“

بينظير کان وٺي سلطانہ وقاصي، قيدياڻيءَ جي ڊائري واري اختر بلوچ، سحر امداد، خير النساء جعفري، ماهتاب محبوب، در شهوار، حميده کهڙو، عطيہ دائود، ماهتاب راشدي، سلطانا صديقي، زبيده ميتلو ۽ ٻين ڪيترن جا نالا ڪٽي سگهجن ٿا جن عورت ذات، خاص ڪري سنڌي عورت جي حق ۽ هن ماحول ۽ معاشري کي سڌارڻ لاءِ ڪوششون ورتڻ جي مهم ۾

ٿورو يا گھڻو حصو ورتو پر بقول هدايت بلوچ جي "زاهده انهن سيني ۾ مختلف آهي." هن کي پنهنجي شخصيت ۽ سياست کان وڌيڪ سماج جي خدمت جو اونو آهي. پاڻ عوامي تحريڪ جي شاخ، سنڌياڻي تحريڪ سان واسطو رکي ٿي. جيڪا 1982ع ڌاري رسول بخش جي پيئرن فاطمہ پليجو ۽ مريم پليجو شروع ڪئي.

"توهان جي تحريڪ جي ڪا خاص ڳالهه..؟" مون ان ڏينهن چانهه جي ساهيءَ مهل ڪانئس پڇيو هو.

"اسين حقيقتن ۾ يقين رکون ٿيون. ماڻهن کي سنڌو ديش ناهڻ جهڙا اجايا سجايا نعرا ڏئي، ڪين انهن خوابن پنيان تواڻي ڪرڻ نٿيون چاهيون جن جو ڪو تعبير، جن مان ڪجهه هٿ حاصل نہ ٿئي."

## جاويد سومرو، اسحاق تنيو، مرتضيٰ سولنگي....

حبيب جالب جي دعوت ۾، ايوب شيخ امين چانڊئي جو پڻ ذڪر ڪيو جيڪو هن ئي وانگر ڊاڪٽر آهي ۽ صحافت سان پڻ دلچسپي اٿس. هن وقت هو لاهور مان نڪرندڙ اخبار فرنٽيئر پوسٽ جو رپورٽر آهي. فرنٽيئر پوسٽ منهنجي بہ دلپسند اخبار آهي جو انهن جو هڪ اهم نمائندو جي اين مغل اسان جو يار آهي.

مٽيارين جو رهاڪو هي مغل (غلام نبي) صحافت جي دنيا ۾ اهو مرد مجاهد ۽ حق جو ڪلمو پڙهڻ وارو آهي جيڪو اڪيلي سر سنڌ جي عوام سان ٿيندڙ ظلمن خلاف قلم ذريعي، جنگ وڙهندو اچي.

ايوب شيخ سان ڪيڪار ڪڙي ڪرڻ بعد چيو مانس.

"جيسين خاص مهمان اچي ۽ جلسي جي ڪارروائي شروع ٿئي، تيسين پنهنجي اوسي پاسي ۾ ويٺل ڪي اهم ادبي يا سياسي شخصيتون





هجن تہ انهن جي ڄاڻ سڃاڻ ڪراءِ. هن اسان جي ٽولي ۾ ويٺل اخباري نمائندن ۽ سامهون ويٺل ڪيترين سياسي شخصيتن سان آگر جي اشاري سان سڃاڻپ ڪرائي، جن مان ڪيترن کي مون پهريون دفعو ۽ ڪيترن کي ڏهہ پندرهن سالن بعد ڏٺو.

مهمانن ۾ اڳئين قطار ۾ جيڪي نظر اچي رهيا هئا انهن ۾ سياستدان _خاص ڪري پاڪستان نيشنل پارٽي PNP ۽ پيپلزپارٽي PPP جا اڳواڻ هئا. ايم اين اي بزن بزنجو، بلوچستان جو وزير اسلم رئيساني، شاهہ محمد شاهہ، ارشد چوڌري، آفتاب شعبان ميراڻي، ڊاڪٽر مسز اشرف عباسي، اين ڊي خان، سينيٽر عبدالله شاهہ بلڪل پهرين قطار ۾ هئا.

منهنجي بلڪل اڳين ڪرسيءَ تي ڊان جي رپورٽر نفيسہ هودڀائي ويٺل هئي. فقط نالي ۾ نہ پر شڪل ۾ بہ هوءَ ڪافي حد تائين نفيس لڳي رهي هئي. هيرالڊ ۽ ڊان اخبار پاڪستان کان ٻاهر عام جام ملڻ ڪري، ان ۾ ڇپيل سندس ڪيترائي مضمون پڙهيا هيم. ويجهڙائيءَ ۾ محب شيديءَ تي سندس تفصيلي مضمون ڪيس چڱي مشهوري ڏني.

منهنجي ڪاٻي پاسي "عوامي آواز" اخبار جو نوجوان نمائندو الله بخش راٺوڙ ويٺل هو. هن اڳيان ويٺل انگريزي اخبار The Nation ۽ The News جي نمائندن اسحاق تنيو ۽ جاويد سومري کي ايوب شيخ سڏي، مون سان ملرايو.

ڪو وقت هو انگريزي جرنلزم ۾ سنڌي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ هوندو هو جيڪو ڪراچيءَ ۾ رهي ڪڇي، ڪاڇي ۽ ٿر جي ماڻهن جون گهٽي ياڳي خيالي ۽ من گهڙت ڳالهيون ڏيندو هو. پر هاڻ سنڌ جي ڏورانهن ڳوٺن جا ڪيترائي پڙهيل ڳڙهيل نوجوان انگريزي توڙي اڙدو اخبارن ۾ ڪم ڪن ٿا. هو تمام گهڻي محنت ۽ شوق سان ڪم ڪري رهيا آهن. سندن رپورٽرنگ بيحد معلوماتي ۽ معياري ثابت ٿي آهي. اسحاق تنيو ۽ جاويد سومرو بہ

انھن مان آھن.

جاويد ٻڌايو تہ منھنجي ڪنھن ڪتاب تي ڊي نيوز اخبار ۾ تبصرو اچي رھيو آھي جيڪو مرتضيٰ سولنگي لکيو آھي. مرتضيٰ ھڪ ھيو سنو جرنلسٽ آھي. پاڻ پڊعيدن جو آھي. اڄ ڪلھ سنگاپور، ملائيشيا پاسي ڪنھن جرمن اخبار لاءِ اتي جي وزيراعظم جو انٽرويو ۽ سنگاپور ۾ آمريڪي ٻيڙي جي آمد ۽ اوسي پاسي جي ملڪن جي عوام جي رد عمل تي رپورٽنگ ڪرڻ ويو آھي. اسحاق تنيو تعلقي قمبر جي ٺوڙھي ٻجار ڳوٺ جو رھاڪو آھي. پاڻ پھرين سنڌي اخبار عوامي آواز ۾ ڪم ڪيائين ان بعد ڪراچيءَ مان نڪرندڙ انگريزي اخبار Nation ۾ آيو. سياسي رپورٽنگ ڪان سنڌس خبرون نمايان حيثييت رکن ٿيون. پاڻ ۽ سنڌس زال ويجھڙائيءَ ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم اي ڪئي. ان بعد اسحاق سي ايس ايس جو امتحان ڏنو. پر سرڪاري نوڪري ڪرڻ بعد ھو اخباري دنيا ۾ ھليو آيو ۽ سندس زال عثمانيہ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ليڪچرار آھي.

## نصير اعجاز، حسن مجتبا ۽ شيري رحمان....

جلسي شروع ٿيڻ مھل حيدرآباد ڪان اسان جو پراڻو يار نصير اعجاز بہ اچي نڪتو. پاڻ اھڙو ئي ناھوڪو جوان لڳي رھيو ھو جھڙو ڏھ سال ڪن اڳ جڏھن ساٿس ھلال پاڪستان جي آفيس ۾ موڪلائي ملائيشيا روانو ٿيو ھوس. ھاڻ ھو حيدرآباد مان نڪرندڙ اخبار سرواڻ سان وابستہ آھي.

ھتي ھڪ ٻئي صحافي ۽ ليکڪ حسن مجتبا جو نالو ڳڻائڻ بہ ضروري سمجھان ٿو جيڪو انگريزي لکندڙن ۾ چڱو مشھور ٿيو آھي ۽ منجھس وڏيڪ اپرڻ جون صلاحيتون موجود آھن. پاڻ ھيرالڊ رسالي لاءِ ڪم ڪري ٿو جنھن جي ايڊيٽر شيري رحمان آھي. شيري رحمان ڪي ايف آءِ اي تي





لکيل مضمون ڪورٽ تائين آندو ۽ ان ۾ سندس سوپ، ڪيس ملڪ ۽ ملڪ ڪان ٻاھر جي دنيا ۾ مشھور ڪيو.

اسان جي پيتاري جي دوست ۽ اڇي موري (خيرپور) جي رھاڪو ميجر نجم قاضيءَ جي زال صفيہ زبيدي (اقبال زبيدي جي ڀيڻ)ٻڌائيندي آھي تہ سندس تڙ ڏاڏو يعقوب عرب ملڪ ڪان سنڌ ۾ آيو. ان جي پٽ شفي محمد (يعني پاڄائي صفيہ جي پڙ ڏاڏي) ھالا مان شادي ڪئي جنھن مان ڪيس بہ پٽ ٿيا. ھڪ عبدالرحمان جيڪو بئريسٽر ۽ ڪراچيءَ جو ميئر ٿيو ۽ ٻيو صفيہ جو ڏاڏو جيڪو حيدرآبد جو مشھور سماجي ڪارڪن چاٽو عالم مجيو وجي ٿو. عبدالرحمان کي بہ پٽ ٿيا. ھڪ طفيل علي ۽ ٻيو حسن علي. حسن علي عبدالرحمان سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بہ ٿي رھيو. ڪيس بہ ڌيئرون آھن. ھڪ نجما رحمان جيڪا انگلنڊ ۾ رھي ٿي ۽ سنڌ ۾ ان جي ڪلچر تي ڪافي سالن ڪان ريسرچ ورڪ ڪري رھي آھي ۽ ٻي ھيءَ شيري رحمان جيڪا ھيرالڊ رسالي جي ايڊيٽر آھي.

## اھڙو ڪتاب جنھن جي ڇپجڻ سان ليکڪ جيل ھليو وجي.

استيج تي سليم آصمي، عبدالجبار چاپرا، نثار عثماني، رزاق بگٽي ۽ مجاھد بريلوي ويٺل ھئا. جلسي جي ڪارروائي ھلائڻ لاءِ ٽي ويءَ جي مشھور شخصيت انور مقصود ھو جنھن جو ويجھڙائيءَ ۾ ٽي ويءَ تان شروع ٿيل پروگرام "چئنل اڀائي" بند ڪيو ويو ھو. ان ڪري جو ان ۾ ڪجھ سرڪاري ادارن / آفيسرن تي تنقيد ڪئي وئي ٿي. انور مقصود پنھنجن دلچسپ ٻٽي معنائن وارن جملن سان ماڻھن کي آخر تائين چڱو کلايو.

محترما بينظير جي اچڻ سان پيپلس پارٽي جي ڪارڪن ڪافي افراتفري مچائي ۽ نعرا ھنيا جنھن ڪري ھڪ ادبي محفل سياسي رنگ

اختيار ڪرڻ واري هئي. انهن کي مات ڪرائڻ لاءِ انور مقصود رڪي رڪي اعلان ڪيو ٿي ته پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکو. پر ڪيترا ڪارڪن پنين ڪرسين تان اٿي اڳئين ڏي وڌي رهيا هئا. آخر انور مقصود هٿ ٻڌي چيو: "منهنجو پيپلزپارٽيءَ جي ڪارڪنن کي عرض آهي ته هو خاموشيءَ کان ڪم وٺي في الحال جيڪا ڪرسي ملين ان تي ويهي رهن. ۽ پوءِ...."

جلسي جي شروعات ڪندي هن چيو : "پيپلس پارٽي، حبيب جالب ۽ مون ۾ اها اهم هڪجهڙائي آهي ته وقت جي حڪومت کي جڏهن وٽي تڏهن هن کي ۽ منهنجي ٽي وي پروگرام کي بند ڪري ڇڏي."

ڪتاب جي ليکڪ مجاهد بريلويءَ پنهنجي تقرير ۾ چيو: "هن کان اڳ مون ڀٽو صاحب تي ڪتاب لکيو هو ۽ ان جي رونمائي حبيب جالب کان ڪرائڻ چاهي ٿي پر هو ان کان اڳ جيل ۾ هليو ويو. ۽ هاڻ حبيب جالب جي ڪتاب تي محترمه بينظير کي سڏايو اٿم ته ان جي حڪومت هلي وئي آهي ۽ مڙس جيل ۾ آهي."

بينظير پنهنجي تقرير ۾ ڪتاب جي ليکڪ جي محنت کي ساراهيندي چيو ته مجاهد بريلويءَ کي هاڻ ڪو اهڙو ڪتاب لکڻ کپي جو اسان بدران پاڻ جيل ۾ هليو وڃي.

**ڪراچي، سال 1991**





# سومو پهلوان کان انوکي تائين

جيڪي ملاڪڙا ڏسندا آيا آهن سي شل نه ڪتي ملهه جو ٻڌن. ڪتان ڪتان کهي ڏسڻ لاءِ ايندا ۽ پوءِ ڪيترا ڏينهن ملهن جو ذڪر ڪندا رهندا. جن ملهون نه ڏٺيون آهن انهن کي جي پهريون دفعو ملاڪڙي ۾ هلي وهاريو ته چوندا ته هيءَ ڪهڙي مسخري آهي. ائين ته ڪرڪيٽ به انهن لاءِ هڪ مسخري آهي جيڪي ان جا شوقين نه آهن. ۽ ان حساب سان سومو (Sumo) ته هڪ تمام وڏي مسخري آهي. سومو جپاني ملهه (ڪشتيءَ) جو نالو آهي جيڪا سنڌي ملهه جو به ٽريلر (شارٽ فارم) سمجهڻ کپي ۽ جپان ۾ رهي توهان اها سومو (جپاني ملهه) ڪڏهن به مس نٿا ڪري سگهو. ان جپاني ملهه جي وڏن وڏن ملاڪڙن جو پروگرام هر وقت ٽي ويءَ تي ايندو رهي ٿو.

اسان جي ديسي ملهه وڙهندڙ يا دنيا جي ٻين ريسلرن Wrestlers کان جپان جا هي سومو پهلوان بلڪل نرالا ٿين ٿا. دنيا جي ملهن، باڪسرن يا رانديگرن جو وڌ ۾ وڌ ڪسرتي جسم ٿئي ٿو. سندن ڇاتي ويڪري ۽ ٻانهن جا ڏونئرا ٿلها ۽ سخت ٿين ٿا پر هي جپاني سومو پهلوان ايڏا ته ٿلها آهن جو واقعي گوشت جا جبل لڳن ٿا. سمجهه ۾ نٿو اچي ته هي پاڻ کي ڪنهندا ڪيئن هوندا يا هنگڻ مٽڻ بعد جسم جي صفائي ڪيئن ڪندا هوندا ۽ ڪهڙي نياڳي ڇوڪري هنن سان عشق ڪندي هوندي؟ پر يارو! اهڙي به ڳالهه ناهي. تاڪا هانادا نالي هڪ سومو پهلوان تي نه فقط عام ڇوڪري پر مياوازا جهڙي حسين ماڊل ڇوڪري دل و جان سان اڪن چڪن ٿي پئي. سندن مڱڻو به ٿيو پر شادي نه ٿي سگهي ۽ ماڻهو هن سپر اسٽار ملهه تاڪاهانادا جي واتان پنهنجي مڱينديءَ لاءِ اهو ٻڌي وائڙا ٿي ويا ته "مون کي

مياواز لاءِ ڪا دلچسپي نہ رهي آهي.”

هي جپاني پهلوان پولو پهلوانن وانگر پڪ گوشت جا ٻڪرا ڪائيندا هوندا ۽ هي سرڪاري يا نيم سرڪاري آستانن تي پنهنجن چيلن ۽ نون اپرندڙ سومو پهلوانن سان گڏ رهن جيڪي هنن جي خدمت ۽ ٽهل ٽڪور ڪن. ويندي نرس وانگر هنن ڪي وهنجارين ۽ منهن ڪان سواءِ باقي جسم جي صفائي ڪن. فقط منهن ئي اهڙو جسم جو حصو آهي جنهن تائين سندن ٿلهين ٻانهن وارا ٿلها هٿ پهچي سگهن ۽ ٽٽ برش بہ پاڻهي ڪري سگهن، باقي ٻيا ڪم هنن لاءِ محال آهن. ويندي بوٽ بہ پاڻهي پائڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، پر جهڪي پيرن ڏي ڏسڻ بہ هنن لاءِ ناممڪن آهي. اپاميل پيٽ ۽ ايڏي ٿولهہ ڏارڻ ڪو سولو ڪم آهي؟

ڪمري جيتري ايراضي جي گول دائري ۾ ٻہ سومو پهلوان نالي ماتر ڪڇو ٻڌي (جيڪو ڪڇو گهٽ سٽ جو پورو وڏيڪ هوندو آهي) داخل ٿيندا آهن. مئچ اهو ڪٽيندو آهي جيڪو ٻئي ڪي ڇڪي يا ڌڪي دائري مان ٻاهر ڪڍي يا دائري ۾ ئي پَٽَ تي ڪيرائي .... ۽ هن عمل ۾ ڪا گهڻي دير نہ ٿيندي آهي. بس منٽن جا فيصلا هوندا آهن. ڪڏهن تہ منٽ بہ گهٽو آهي. آفت جيڏا پهلوان Ring ۾ ايندا آهن جيڪا سورهن ڪن چانورن جون ڳوٽيون رکي ٺاهي ويندي آهي. هر هڪ پهلوان ٻئي ڪي ٿيلهو ڏئي چَڪري مان ٻاهر ڪڍڻ جي يا انگوڙو هٽي ڪيرائڻ جي، ڪوشش ڪندو آهي ۽ ٻيو ان ڪي گسائي اڳلي ڪي منجهائيندو آهي. ڪڏهن تہ ٿيلهو ڏيڻ وارو پنهنجي ڳري جسم ۽ رفتار (Momentum) ڪي ڪنٽرول ۾ نہ رکڻ ڪري پاڻ ئي ڪري پوندو آهي، يا چڪري ڪان ٻاهر نڪري ويندو آهي. بس سمجهو تہ ملهہ شروع ٿي نہ آهي تہ ختم ٿي نہ آهي. عجيب چرين وارو ملاڪڙو محسوس ٿيندو هو_ يعني شروع جي ڏينهن ۾. خاص ڪري شروع وارن سالن ۾ جڏهن اڃا سئٽلائيٽ (ڊش ۽ ڪئبل) نڪتا نہ هئا ۽ نہ VCR مشهور ٿيا هئا. هڪ





يا ٻہ لوڪل جپاني چئنل هوندا هئا ۽ جڏهن بہ جپان اچڻ ٿيندو هو تہ ڏاهن ٻارن وانگر صوفي تي يا پٽ تي وڇايل تاتاميءَ (توريءَ) تي پٿل پيجي ويهي اهي ئي چئنل ڏسبا هئا جيڪي تبديل ٿيڻ بدران هلندا رهندا هئا ۽ پوءِ ڪبوڪي يا نوحي (جپاني غزلن) جهڙو بور پروگرام هجي يا Sumo جهڙي ڪشتي، صبر ۽ شڪر ڪان ڪم وٺندا هئاسين تہ اهو بہ سنو، چوجو جهاز جي توڪيو، اوساڪا، يوڪوهاما ڪان نڪرڻ بعد سمنڊ تي ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو.

نوه(Noh)جهڙا جپاني ڪيل تماشا تہ مون جهڙن (جپانيءَ ڪان گهٽ واقفڪارن) ڪي شايد ئي مزو ڏين، پر عجب جي ڳالهہ اها جو جلد ئي سومو (جپاني ڪشتي) نہ فقط اسان ڪي وڻڻ لڳي پر ان جو انتظار ڪندا هئاسين تہ ڪڏهن ٿي ٿي ويءَ تي اچي؟ ڪهڙين ڏرين ۾ ڪير ٿو ڪٽي؟ پهرين گروپ ۾ جيڪي ٽي چئمپئن ٿين ٿا اهي سان ياڪو(Sanyaku) سڏجن ٿا. ۽ مڙني ۾ جيڪو پهريون نمبر اچي ٿو اهو يوڪوزونا (Yokozuna) سڏجي ٿو. ۽ پوءِ انهن ڪٽيندڙن ۾ بہ ڪي ڪنهنجا ڪي ڪنهنجا فئوريٽ ٿي پيا ۽ هرڪو جهازي پنهنجي دلپسند سومو پهلوان جي ڪٽڻ لاءِ دعا ڪندو هو. ڪجهہ عرصو جهاز ڪي جپان جي مختلف بندرگاهن ۾ بيهاري، سامان لاهرائي پوءِ هفتي ٻن لاءِ ڪوريا وڃڻو پوندو هو. ان بعد جهاز ڪي وري جپان وٺي اچڻو پوندو هو. انجڻ جي مرمت لاءِ ۽ پاڪستان ۽ رستي جي بندرگاهن لاءِ سامان ڪڻڻ لاءِ ڪوريا ڪان جيئن ئي جپان اچبو هو تہ مڪاني ماڻهن ڪان غير حاضري ،وارن ڏينهن ۾ ٿيندڙ سومو مئچن جو پڇبو هو تہ ڪنهن ڪٽيو، ڪنهن هارايو.

سومو پهلوانن وانگر، ڪائي ٿلهو ٿيڻ جو شوق تہ آئون نٿو سمجهان تہ اسان مان ڪنهن دل ۾ بہ ڪيو هجي، باقي وار ٻڌڻ جو شوق هڪ ٻن ضرور ڪيو. نئون جهاز نهڻ وارن ڏينهن ۾ جڏهن اسان (جهاز هلائيندڙ عملو) وڏي عرصي لاءِ ٽوڪيو جي هڪ هوٽل نما هاسٽل ۾ رهياسين تہ جهاز جي

اليڪٽريڪل انجنيئر (جيڪو پهرين ڪان وڏا وار رڪرائي پهتو هو) اُپي سِينڌَ ڪڍي سومو پهلوانن وانگر وارن کي پنيان ربڙ بئنڊ سان ٻڌي ڇڏيو هو. ڇا ڳالهه ڪجي، تمام گهڻوImpress هوندا هئاسين. هنن جپاني Sumo پهلوانن مان! ٻيو نه ته هڪ ٻئي جي ڪمرن ۾ زور سان ساڄي ۽ پوءِ کاٻي لت هٽي اٿين گهڙندا هئاسين جيئن سومو پهلوان ring ۾ گهڙندو آهي.

جپاني مَلهَه (Sumo) جيتوڻيڪ بذات خود چند منٽن جي ٿئي ٿي پر ان ملهه شروع ٿيڻ کان اڳ جي ڪارروائي يا رسم بيحد ڊگهي ۽ رنگين ٿئي ٿي. ٻاٿو آرسي هٿ ۾ جهلي منتر پڙهندو. سومو پهلوان دٻي مان لوڻ جي مٺ ڀري آکاڙي (Ring) ۾ لوڻ جي ڇٽڪار ڪندو. پنهنجو هڪ هڪ پير مٿي ڪٽي زور سان زمين تي هٽندو ۽ هٿن سان تاڙي وڄائيندو وغيره. اها آکاڙي ۾ گهڙڻ جي رسم (Ceremony) آهي جنهن کي جپاني دوهيواري (Dohyoiri) سڏين. ملهه وڙهڻ مهل ring ۾ ٻن سومو پهلوانن کان علاوه امپائر به هوندو آهي جيڪو پهلوانن جا هڪ ٻئي تي ڪيل وار ۽ اٽڪلون (جيڪي چون ٿا ته 48 قسمن جون آهن) جن ذريعي هڪ پهلوان ٻئي کي Ring مان ٻاهر ڪڍي ٿو يا پٽ تي ڪيرائي ٿو، جانچيندو آهي. ان کان علاوه هڪ جج آکاڙي کان ٻاهر پڻ رهي.

اڳئين زماني ۾ امپائر فقط ڪن خاص خاندانن مان ٿيندا هئا جهڙوڪ شيڪا ۽يوشيدا گهراڻن مان. يوشيدا گهراڻي جا ته اڄا تائين ٿيندا رهن ٿا. سومو پهلوان نه فقط ٿلها ٿين ٿا پر قداور پڻ. ڪي ڪي ته ڇهن فٽن کان به ڊگها ٿين ٿا ۽ مون وانگر ٻين به ڪيترن ڌارين کي شڪ ٿيندو هوندو ته هي پهلوان جپاني نه آهن، ڇو جو جپاني ورلي ڪو قداور نظر ايندو. پر اها ڳالهه ناهي. اهي سمورا پهلوان جپاني ٿين. هو ته اهڙا ساڙ سڙيا آهن جو ڌارئين کي هن نج جپاني راند ۾ حصو وٺندو ڏسي هنن جو مزو خراب ٿيو پوي، ۽ هونءَ به ڪهڙو ڇريو ڌاريو هوندو جو سومو پهلوان ٿيڻ چاهيندو؟ ڇو جو هن راند يا





مقابلي ۾ حصو وٺڻ لاءِ پهرين ته پنهنجي جسم کي گوشت جو ڳوڙهو ٺاهجي ۽ ڪير ايڏي ٿولهه چاهيندو جو ٿولهه ڪيترين ئي بيمارين جي پاڙ آهي.

آمريڪا جي هيٽ هوائي تي رهندڙ ساليوا نالي هڪ ڇهه فوٽ هڪ انچ جي جوان جيتوڻيڪ سومو پهلوان ٿيڻ نٿي چاهيو. هن ميوزيشن ٿيڻ چاهيو ٿي، فٽ بال پليئر ٿيڻ چاهيو ٿي. سومو ملهه جو ته هن ڪڏهن ٻڌو به نه هو. گهڻو ٿلهو (200) ڪلو هجڻ ڪري هن ماڻهن کي مسخرو ٿي ڪلايو ٿي. هڪ ڏينهن سندس فٽ بال جي ڪوچ پڇيس: "تو ڪڏهن سومو ملهن جو ٻڌو آهي؟ جپان ويندين؟"

۽ پوءِ هي غريب فئمليءَ ۾ پيدا ٿيل ساليوا نه فقط جپان پهتو پر 1994ع کان هو جپان جو شهري آهي. سومو اسٽار ٿيڻ لاءِ هن جي ڏاڍي مخالفت ٿي. هن کي ان منزل تي پهچڻ لاءِ جپاني رسم موجب پاڻ کان وڏن پهلوانن جون خدمتون ڪرڻيون پيون. ويندي هنن کي وهنجارڻو پيو ٿي ۽ جسم جا اهي حصا صاف ڪرڻا پيا جن تائين سندن هٿ نٿا پهچيو سگهن. هن آمريڪن پهلوان نه فقط چئمپين ٿي ڏيکاريو پر سومو راند ۾ چڱيون تبديليون آنديون. هن هروڀرو اٽڪل ۽ move کي سکڻ بدران فقط ٻن اٽڪلن تي گهڻو ڌيان ڏنو جن سان هن مخالف پهلوان کي ڌاهي ٿي رکيو. هڪ ڌڪو ڏئي دشمن کي پنيرو ٻاهر ڪڍڻ جي ڪيڏ جنهن کي جپانيءَ ۾ اوشي داشي سڏجي ٿو ۽ ٻي تسڪي داشي يعني ڌڪ هٽي دشمن جو بئلنس هيٺ مٿي ڪرڻ، جنهن سان هو هيٺ وڃيو ڦهڪو ڪري. ڪونيشڪيءَ اهي به ڪيڏون ملائي وڏنوڏن جپاني پهلوانن جا به ڏاٽا ڪڍي ڇڏيا. هڪ ڌارئين جي چئمپين ٿيڻ تي جپاني ڪو خوش نه ٿيا. هنن نٿي چاهيو ته ڪو ڌاريو (Gaijin) سندن قومي راند جو چئمپين ٿئي. هي، جيڪو 1982ع ڌاري جپان آيو، پورن ڏهن سالن بعد 1992ع ڌاري سومو جو چئمپين ٿي ويو.

"ويجهڙائي ۾ هڪ ٻئي ڌارئين ڪونيشڪيءَ جو به رڪارڊ پڇي

چڏيو آهي. هي ڇهه مڻ وزن جو آمريڪا ۾ چاول مسٽر چاڊ رووان آهي. سندس جپاني نالو اڪيبانو آهي. اڪيبانو هن وقت 30 سالن جو ٿيندو. پاڻ فقط پنجن سالن ۾ ٽيهه ٽورنامينٽن ۾ گرانڊ چئمپين (يوڪو زونا) 1998ع ۾ ٿي ويو.

سومو ملهه نج جپاني راند آهي. ٻيون به ڪجهه اهڙيون رانديون آهن جن جو واسطو جپان سان آهي يا اهي جپان ۾ قديم چين کان آيون. هونءَ به جپان جي ڪيترين ڳالهين تي، ويندي ڪلچر ۽ ٻوليءَ تي، چين جي تهذيب جو وڏو اثر آهي جيڪا دنيا جي پراڻي تهذيب مڃي وڃي ٿي. جپان جي راندين مان ڪيتريون ئي رانديون دنيا جي مختلف ملڪن ۾ مشهور ٿي ويون آهن جيئن ڪيتريون ئي مغربي رانديون: بيس بال، فٽ بال، (رغبي توڙي ساڪر) ، هاڪي، ٽينس، گولف، اسڪيٽنگ وغيره جپان ۾ مشهور ٿي ويون آهن.

جپان جي مشهور راندين مان ڪجهه هن ريت آهن:

ڪيوجوتسو (Kyujutsu يعني تير ڪمان)، جنهن کي انگريزي ۾ Archery سڏجي ٿو. پراڻي دورکان جپاني سٺا تير انداز رهيا آهن، جنهن جو ذڪر جپان جي پراڻي ادب ۾ پڻ آهي. تير ڪمان هڪ اهم هٿيار سمجهيو وڃي ٿو. جپاني ڪمان تمام وڏي ٿئي ٿي ۽ هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ تائين ساڍا ست فٽ ڪن ٿيندي. جپان جي اشيڪاگا دور ۾ جيڪو 1335ع کان 1573ع تائين هليو، تير ڪمان جو استعمال بنهه ختم ٿي ويو پر پوءِ توڪو گاوا دور ۾ هن جو شوق وري نئين سنئينءَ ماڻهن ۾ اڀرڻ لڳو- جيتوڻيڪ ان وقت تائين بندوق ۽ بارود ايجاد ٿي چڪا هئا. اڄ ڪلهه جپان جي هر اسڪول ۾ ٻارن کي تير هڻڻ سيکاريو وڃي ٿو. ڪيترا ته پنهنجي گهرن جي باغيچي ۾ به پرئڪٽس ڪن ٿا. ڇو ته هن راند ۾ جيتري ونڊر ۽ مزو آهي اوترو خرچ نه آهي. ڪيو جوتسو (تيرڪمان) مقابلي جا قومي پروگرام جپان ۾ هر سال ٿين ٿا، جن ۾ مرد توڙي عورتون حصو وٺن. جپان جي تواريخ ۾ ڪيترائي سٺا





تير ڪمان وارا ٿي گذريا آهن. هونءَ به تير هڻڻ اهڙي شيءِ آهي جنهن جي سکڻ لاءِ جيستائين بندوقون پستول نه نڪتا هئا، دنيا جي هر ڪنڊ ۾ اهميت هئي. پاڻ وٽ به سنڌيءَ ۾ پهاڪو مشهور آهي ته:

پڙهڻ، ترڻ، تيرهڻڻ، چوٽين سواري،
نندي هوندي نه سکيو ته وڏي هوندي خواري.

تيراندازي سان گڏ گهوڙي سواري پڻ جپان جي مشهور راند سمجهي وڃي ٿي جنهن کي با ٻو تسو سڏجي ٿو. جپان جي ڪيترن ئي اسڪولن ۾ مٿاهن ڪلاسن جي شاگردن کي باجوتسو (گهوڙي سواريءَ) جو آرٽ سيکاريو وڃي ٿو.

تير ڪمان سان گڏ بندوق يا پستول سان نشان چٽڻ جا پڻ جپان ۾ شوقين آهن. بندوقن ۽ توبن (Cannon) جهڙا هٿيار جپان ۾ 1543 ڪانپوءِ پورچوگالين آندا. اڄ ڪلهه بندوق بازي هڪ راند جي حيثيت وٺي چڪي آهي ۽ هر سال سٺن نشاني بازن کي مقابلن ۾ انعامون ڏنيون وڃن ٿيون. هن کي جپان ۾ هوجوتسو (Gunnery) سڏيو وڃي ٿو.

تلوار بازي جيڪا ڪنهن زماني ۾ پاڪستاني ۽ انڊين فلمن ۾ عام هوندي هئي اها جپان جي پراڻي راند يا دشمن تي حملو ڪرڻ يا پاڻ بچائڻ لاءِ ضروري سمجهي وئي ٿي. هن کي جپانيءَ ۾ ڪيندو يا ڪينجتسو سڏجي ٿو. اڄ ڪلهه پرئڪٽس دوران بانس جون تلوارون يا خنجر (ڪيندو) استعمال ڪيا وڃن ٿا ۽ منهن کي ماسڪ سان چڱيءَ طرح ڍڪيو وڃي ٿو. هن ۾ ٽي رانديگر به به ٽي به رانديون ڪيڏين. پوءِ جيڪو ٽن راندين مان به کٽي اهو چئمپين سڏجي.

جوڊو— اها راند جيڪا سڄي دنيا ۾ اڄ ڪلهه مشهور ٿي وئي آهي. اها جپاني ڪشتي (Wrestling)جو قسم آهي. جوڊو جو نج جپاني نالو جهوڄتسو آهي. ان کي ياوارا راند به سڏين. هونءَ جوڊو (جوجتسو) لاءِ اهو ئي

چيو وڃي ٿو تہ اها اصل ۾ چين کان سترهين صديءَ ۾ جپان آئي ۽ پهرين مليٽري ڪلاس ماڻهن کي سيکاري وئي. هن ويڙهہ جو آرٽ ان بنياد تي رکيل آهي تہ حملي ڪندڙ جي طاقت کي هن جي ئي خلاف استعمال ڪيو وڃي. يعني هن جي حملي کان ائين بچاءُ ڪجي جو هو پاڻ وڃي ڦهڪو ڪري. اهڙي طرح هڪ ڪمزور طاقتور تي سوڀ حاصل ڪري سگهي ٿو. اها حقيقت آهي تہ جوڊو ۾ طاقت جي ضرورت ناهي. يعني ڪو مضبوط جسم جو ناهي تہ بہ هو دشمن تي حاوي ٿي سگهي ٿو, جيڪڏهن هو جوڊو جي اٽڪلن کان واقف آهي. جوڊو ۾ ٽي مکيہ طريقا استعمال ٿين ٿا. ناگي وازا (دشمن کي گهمائي پٽ تي ڪيرائڻ)، ڪاٽا ميوازا (هن کي اهڙو ٻڪ هڻڻ يا اهڙي طرح سوگهو جهلڻ جو هو ڇُري نہ سگهي) ۽ آتيوازا (دشمن جي جسم جي ڪنهن اهم عضوي تي اهڙو ٺونشو يا ٺڏو هڻڻ, جو هو ناڪارو ٿي پوي). شاگردن کي جوڊو ۾ اهو سکياريو وڃي ٿو تہ ڪرڻ مهل پنهنجو پاڻ کي زخمي ٿيڻ کان ڪيئن بچائجي ۽ دشمن جيڪڏهن بي هوش ٿي پوي تہ هن کي ڪيئن Resuscitate ڪجي. جوڊو گهڻو ڪري عورتون سکن ٿيون. جپان ۾ جوڊو جو وڏو سينٽر ٽوڪيو جي علائقي ڪواشي ڪاوا ۾ ڪودوڪ وان وٽ آهي.

آئي ڪيڊو (جنهن جو اصل نالو دائي توريو آهي) در اصل جوڊو جو قديمي قسم آهي. آئي ڪيڊو ۾ هٿن کان سواءِ ڪڏهن ڪڏهن خنجرن, ڀالن ۽ ڇُرن جو استعمال پڻ ڪيو وڃي ٿو. هن ۾ ڪيترين ئي اٽڪلون شامل آهن ۽ هي آرٽ پنهنجي بچاءُ لاءِ سکيو وڃي ٿو.

ڪاراٽي: ڪاراٽي پڻ دنيا ۾ چڱو مشهور ٿي ويو آهي ۽ هي آرٽ پڻ پنهنجي بچاءُ لاءِ آهي. ڪاراٽي ۾ هٿن (کليل يا بند ٿيل)، ٺونٺين ۽ پيرن جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. هن ۾ دشمن تي وار تمام ويجهي فاصلي تان ڪيو وڃي ٿو. ڪاراٽي جو ڪاريگر هڪ ئي ڌڪ سان ٻئي کي ماري سگهي





ٿو. ڪنهن زماني ۾ جپان جا ٻيٽ رِيوڪيو (اوڪيناوا) چين جي قبضي ۾ هئا ۽ انهن تي چينين جو ئي حڪم هليو ٿي. جپانين کي ڪنهن بہ هٿيار رکڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. اهڙي صورت ۾ اتي جي رهندڙ جپانين پنهنجي بچاءُ لاءِ ڪاراٽي جون ڪيڏون ايجاد ڪيون. اڄ ڪلهہ جي فري اسٽائيل ڪشتين (Wrestlings) ۾ ڪاراٽي جو استعمال گهڻو ٿئي ٿو.

فري اسٽائيل ريسلنگ (ڪشتي): هن قسم جي ويڙهہ يا اسپورٽ جپان جي ناهي، پر جپاني ڪاپي ڪرڻ ۾ بہ تہ ماهر آهن. هو ٻئي جي ايجاد يا ٺاهيل شيءِ جڏهن پاڻ ٺاهين ٿا تہ اصل کان بہ بهتر ٺاهين ٿا. ڪئلڪيوليٽرن کان ڪمپيوٽرن تائين يا ڪئميرائن کان واچن تائين آمريڪا جرمني، سئٽزرلئنڊ جهڙن ملڪن جون ايجادون آهن پر پوءِ جڏهن جپانين ڪاپي ڪري اهي شيون ٺاهيون تہ اصل ايجاد ڪندڙن جي شين کان بہ بهتر, سستيون ۽ سهڻيون ٺاهيائون. ٻيو تہ ٺهيو پر مسلمانن لاءِ مصلا ۽ تسبيحون جيڪي افغانستان، ايران ۽ ترڪي جهڙا ملڪ ٺاهيندا هئا، اڄ ڪلهہ سڄي سعودي عرب ۾ Made in Japan وارا مصلا ۽ تسبيحون سهڻيون ۽ سستيون آهن.

پاڻيءَ جي جهاز جي سڀ کان مشهور انجڻ Sulzer (سلزر) نالي آهي جيڪا سئٽزرلئنڊ جي ايجاد آهي. ان بعد ان انجڻ جو کپ ايڏو تہ وڌيو جو ان انجڻ جي ڪمپنيءَ پورچوگال، يوگوسلاويا، اسپين وغير کي بہ انهن انجڻين ٺاهڻ جي اجازت ڏني. جپان کي ستر جي ڏهاڪي ۾ دير سان انهن انجڻين ٺاهڻ جي پرمٽ ملي ۽ 1980 ۾ اسان جي ملڪ جو هڪ جهاز منهنجي اڳيان جپان ۾ ٺهيو جنهن ۾ اها جپان جي ٺهيل سلزر انجڻ فٽ ڪئي وئي. جهاز ٺهڻ تي چيف انجنيئر جي حيثيت ۾ اهو جهاز مون ڪي ئي هلائڻو پيو. هن کان اڳ ۾ مون ٻين ملڪن ۾ ٺهيل ساڳي سلزر انجڻ وارا جهاز پڻ هلايا هئا پر جپان ۾ ٺهيل هن انجڻ جي ڳالهہ ئي ٻي هئي. مشينري

جي پرزن جي گاٺ (Wear Down) گهٽ ٿي ٿي ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه ته پاور مطابق سڄي انجڻ جي سائيز تمام گهٽ هئي. يعني ايتري ئي طاقتور (ڏهه هزر کن هارس پاور) جون انجڻيون ٻين جهازن ۾ تمام وڏي سائيز جون هيون ۽ جهاز جي انجڻ روم جون پنجئي ماڙيون پٽين چٽين تائين انجڻ هئي پر هي جپاني انجڻ، سائيز ۾ ننڍي هجڻ ڪري، هر ماڙ تي هلڻ چلڻ جي ڪشادي جاءِ ٿي پئي. اهو ائين آهي جيئن ڪوڪا ڪولا، لڪس صابڻ يا لپٽن چانهه جهڙيون ڪمپنيون بين الاقوامي آهن جن جي ناهڻ ۾ ساڳيون شيون پون ٿيون پر هڪ جپاني ڪوڪا ڪولا، ڊائجيسٽو بسڪيٽ ۽ لڪس صابڻ وغيره آهن ۽ هڪ اسان جهڙن ملڪن جا! اهڙي طرح فري اسٽائيل ڪشتي جيتوڻيڪ نج جپاني نه آهي پر گولف، بيس بال ۽ ٻين راندين وانگر جپانين هن ۾ پڻ ايڏي محنت ڪئي آهي جو دنيا هنن کي مڃي ٿي. هن ئي فري اسٽائيل ڪشتيءَ جو هڪ جپاني ريسلر "انوڪي" نالي ڪئين سالن تائين اسان جو هيرو رهيو ۽ دلين تي ڇانئيو رهيو. شڪل جو سادو ۽ وات ڇپو هوندي به نه فقط پاڻ وڻندو هو پر هر وات ڇپو ماڻهو هن جي ياد ڏياريندو هو. چوڪرين جي ڳالهه ئي ٻي هئي. چوڪريون، خاص ڪري جپاني چوڪريون ته هن تي فدا هونديون هيون ۽ اسان ان چڪر ۾ هوندا هئاسين ته اسان به وڏا ٿي اهڙا لڳون پوءِ محنت ڪري پنهنجو جسم ناهڻ ۽ موڇڙا ڪائي ريسلر ٿيڻ جي ته نه توفيق ٿي ۽ نه همت باقي ٽوڪيو، يوڪوهاما ۽ اوساڪا جي گهٽين ۾ انوڪيءَ وانگر منهن ڇپو ڪري ضرور هلندا هئاسين جو اهو ڪم سڀ ۾ آسان هو.

شروع جي ڏينهن ۾ جڏهن جپان جهاز ايندو هو ۽ ٽي ويءَ تي انوڪيءَ جي ويڙهه ڏسي چوندا هئاسين ته انوڪي وڏو پهلوان آهي ۽ ان سان گڏ اهو به چوندا هئاسين ته انوڪي ڀلي پهلوان هجي پر اسان جي ڀولو، گاما، رستم پهلوانن جي اڳيان ڪجهه ناهي. جن جو سڄو خاندان پهلوان آهي.





(انهن ڏينهن ۾ اسان سمجهيو ٿي ته پهلوان معنيٰ هر ويلي تي لسيءَ جو جڳ پيئڻ ۽ سڄو ٻڪرو چٽ ڪرڻ). ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو خبر پڌيسين ته اسان جي مٿين پهلوانن جي خاندان انوڪيءَ کي چئلينج ڪيو آهي ۽ ان وقت جو طاقتور پهلوان اڪرم انوڪيءَ سان مقابلو ڪندو. اسان پاڻ ۾ ويٺي ويٺي پنهنجن جپاني ساٿين کي چيو، خاص ڪري هر سڃاڻي ۽ اَسڃاڻي ڇوڪريءَ کي ٿانءَ ۾ اڳي چتاءُ ڏنو ته "هاڻ خبر پوندي توهان جي انوڪيءَ جي!" انوڪي محمد علي ڪلي سان وڙهيو ته مئچ ڊرا ٿي وئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ان مئچ بعد ڪلي مهنو کن اسپتال ۾ هو ۽ هاڻ، اسان اهو ئي سوچي ۽ اڳڪٿي ڪئي ته اڪرم کان انوڪي نه فقط هارائيندو پر هاڻ پاڻ ڪراچي جي جناح اسپتال ۾ يا ٽوڪيو جي ڪنهن پرائيويٽ آرٿوپيڊڪ وارڊ ۾ پلاسٽر آف پئرس لڳرائيندو رهندو.

پر پوءِ افسوس جي خبر پئي ته انوڪي ۽ اڪرم جي ويڙهه ۾ ته ڪا دير ئي نه لڳي. ٽڪيٽ جو ڳرو ملهه ڏئي ملهه ڏسڻ وارا پنهنجا پئسا به وصول ڪري نه سگهيا. ڏهن رائونڊن بدران ڪو هڪ يا ٻه رائونڊ مس هليو ته اڪرم ناڪ آئوٽ ٿي ويو. اڪرم منهن بچائڻ لاءِ سول اسپتال جي وارڊ مان انوڪيءَ تي الزام هڻندو رهيو ته انوڪيءَ ڏِڏي ڪئي آهي. پهرين هن منهنجي "اک وچ انگل گهسيڙ دي". معنيٰ ڪاٽو ٻٽايو ۽ پوءِ منهنجو ڪلهو پچي رکيو ۽ هوڏانهن ٻئي ڏينهن جي فلائيٽ ۾ جپاني ملهه انوڪيءَ اڇي ٽوڪيو نڪاءُ ڪيو. ٽي وي وارن جي سوال تي هن وائڙو ٿي چيو ته پاڪستاني پهلوان کي ته وڙهڻ ئي نٿي آيو. هن کي آرام سان مون ڪٽي "آرم لاڪ" هنيو ۽ هن کي ته اها به Idea نه هئي ته اهڙي صورت ۾ پنهنجو بچاءُ ڪيئن ڪجي. منهنجي انگڙي مان پاڻ کي آزاد ڪرڻ لاءِ هن وني پاڻ کي ڇڪيو، جيڪا هن ٻي وڏي غلطي ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هن جو ڪلهو ته نڪرڻو ئي هو.

بهرحال اسان جي ملڪ جي ماڻهن، جن رڳو پهلوانن کي ڏنڊ

ڪڍندي ۽ ملهون وڙهندي ڏٺو هو (۽ ٻڪرا ڪائيندي ۽ لسي پيئندي ڏٺو هو) تن ٻهريون دفعو ڪنهن انٽرنيشنل ڪشتيءَ جي جهلڪ ڏٺي. ان بعد آهستي آهستي ٿي وي تان ان قسم جون بين الاقوامي ڪشتيون ڏسڻ ۾ اچڻ لڳيون.

جپاني ريسلر انوڪي ڪو گاما پولو ٽائيپ پهلوانن جي خاندان مان نه آهي. هو ٽوڪيو جي پرواري ضلعي (Prefecture) ۾ 1943 ۾ هڪ غريب گهر ۾ ڄائو. سندس سڄو نالو ڪانجي انوڪي آهي. ڪجهه جپاني ۽ چيني ٻار پاڻ کي مغربي (عيسائي) نالي سان پاڻ سڏائين ٿا. انوڪي "انٽونيو" جي نالي سان پڻ سڏرائي ٿو. جن ڏينهن ۾ انوڪي ڄائو، اهي ٻي وڏي لڙائيءَ وارا ڏينهن هئا. ناگاساڪي ۽ هيروشيما تي بم ڪرڻ ڪري نه فقط جپان هارايو پر معاشي طرح بس ٿي ويو.

انوڪي وڏو ٿي ڪو پڙهيو نه پڙهئي جهڙو. ٻين وانگر پيٽ گذر لاءِ وڙهندو رهيو. جپان ۾ ڪي ڪمائي ۽ پورهئي جا ايترا وسيلا نه هئا. سترهن سالن جي ڄمار ۾ هو برازيل (ڏکڻ آمريڪا) هليو ويو جتي هن ڪي مزور ٿي ڪمند جي پوک ۾ ڪم ڪرڻو پيو.

برازيل ۾ ٽي سال رهڻ دوران انوڪيءَ راندين ۾ ڏاڍو نالو ڪڍيو ـ خاص ڪري "شاٽ پٽ ٿرو" ۾، جنهن جو هو سڄي برازيل جو چئمپين مڃيو ويو. جپان ۾ انهن ڏينهن ۾ هڪ ڪوريا جو همراهه رِڪي دوزان فري اسٽائيل ملهون ويڙهائيندو رهيو ٿي. انوڪيءَ جي چئمپين ٿيڻ جو ٻڌي هن انوڪيءَ کي ڪشتيءَ ۾ حصو وٺڻ لاءِ آفر ڪئي. انوڪي، جنهن کي برازيل ۾ رهي ٽي سال ٿي ويا هئا، هڪدم (1960ع) جپان موٽيو ۽ ڪورين همراهه جي رهنمائيءَ ۾ فري اسٽائيل ڪشتيءَ ۾ چڱو نالو ڪڍيو. 1962ع ڌاري ٽوڪيو جي ڪنهن داداگير (Gangster) هن ڪورين همراهه رڪي دوزان کي اقٽ ماري ڇڏيو. ان بعد انوڪي ئي جپان جي "پرو ـ ريسلنگ" جو ليڊر ٿيو. هو هڪدم آمريڪا ڪشتي کيڏڻ جون ڪجهه نِت نيون اٽڪلون سکڻ





ويو ۽ وڏو ماهر ٿي ويو ۽ سن 1970 تائين هو جپان جي وڏن ملهن مان هڪ ٿي ويو ۽ وتيو ٿي هر شهر ۾ ملهن جا مقابلا ڪرائيندو. سال ٻن بعد هو ٽي وي تي به مشهور ٿي ويو. هي اهي ڏينهن هئا جڏهن اسان جو جپان اچڻ شروع ٿيو هو. انهن ڏينهن ۾ Satellite (ڊش) جو چڪر اڃا نه ٿيو هو ان ڪري جپان جو ڪنارو جيئن ئي ويجهو ٿيندو هو ته جهاز جي سموڪ روم (ٽي وي واري ڪمري) ڏي ڀڄندا هئاسين. اسان جهڙن جهازين جا تن ڏينهن ۾ به دلپسند پروگرام هوندا هئا: هڪ رات جو ٻارهين وڳي ڪانپوءِ سنتوري شراب وارن جو پروگرام جنهن ۾ اڌ اگهاڙيون جپاني ڇوڪريون ڏيکاريندا هئا ٻيو فري اسٽائيل Wrestling، جنهن جو بي تاج بادشاهه انوڪي هوندو هو.

پوءِ هيءَ جپاني ڪشتي ٻين ملڪن ۾ به مشهور ٿي. مشهور ته پهرين کان ڪيترن ئي ملڪن ۾ هئي پر هاڻ ٽي ويءَ تي اچڻ لڳي. انوڪيءَ جو اڄ به اهو خواب آهي ته هو پنهنجو هڪ اهڙو انٽرنيشنل چئنل کولي جنهن تي 24 ڪلاڪ ڪشتيءَ جا پروگرام ڏيکاريا وڃن.

انوڪي اڄ ڪلهه رٽائرڊ زندگي گذاري ٿو پر پاڻ کي مشغول رکڻ لاءِ هن ويڙهه جاري رکي آهي. هاڻي هو Ring کان ٻاهر وڙهي ٿو. هن جي ويڙهه ماحول کي گدلي ٿيڻ کان بچاءَ جي آهي. برازيل جي جهنگلن ۾ رهندڙ هڪ خاص قسم جو شينهن (Lion tamarind) جنهن جو نسل ختم ٿي رهيو آهي ـ انوڪي ان کي بچائڻ لاءِ وڏو خرچ ڪري رهيو آهي. هو اڪثر پنهنجي زال ۽ ٻار سان گڏ برازيل جو چڪر هڻندو رهي ٿو. هن ڏکڻ پئسفڪ سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ پڻ خريد ڪيو آهي، جتي هو قدرت جا انمول وڻ ٽڻ پوکڻ چاهي ٿو.

# زال وٺ وڃڻ جوڳو نہ رهيو آهي ...

زلزلن جي معاملي ۾ جپان جڻ تہ زلزلن جو گهر آهي. گهڻو اڳ جپاني زلزلن جي آويڙ ۾ائين هوندا هئا جيئن ڪچي جا رهاڪو ٻوڏ جي مصيبت ۾. ٻوڏ آئي سڀ ڪجهہ لڙهي ويو. جپان ۾ بہ زلزلو اچڻ تي گهر ڊٺا ٿي. غريب ويچارا تہ سورن ۾ هوندا هئا نہ تہ بہ جڏا ضرور ٿي پوندا هئا.

ويهين صدي جي اڌ ڌاري جپانين ڪيترائي طريقا ۽ سامان ايجاد ڪري ورتا جن ذريعي هاڻ نوان ٺهيل گهر ۽ ٻيون عمارتون زلزلن جي لوڏن کان بچيويون ٿي. عمارتن جي بنيادن ۾ هاڻ ربڙ يا ٻيون لچڪدار شيون رکڻ ڪري زلزلي ۾ عمارتون لڏن ضرور ٿيون پر هيٺ ڦهڪو نٿيون ڪن. پر سئو سيڪڙو بچاءُ جي ڪو بہ ضمانت نٿو ڏئي سگهي. ڪي ڪي اهڙا زلزلا اچن ٿا جن جي طاقت ۽ خاص قسم جي لوڏن جي سَٽَ اِج جون عمارتون بہ برداشت نٿيون ڪري سگهن. تازو ڪجهہ سال اڳ ڪوبي شهر ۾ اهڙو تہ زوردار زلزلو آيو جو ڪيئي عمارتون ـ ويندي وڻ ٽڻ، رستا، هاءِ وي اچي پٽ پيا. هزارين ماڻهو مارجي ويا ۽ لکين دربدر ٿيا.

زلزلي جا لوڏا هڪ دفعو جپان ۾ مون کي بہ محسوس ڪرڻ جو اتفاق ٿيو. ان کان اڳ پاڪستان ۾ ٻہ دفعا ڪن محسوس ڪيا هيم پر اهي گهڻا هلڪا هئا ـ ڪي سيڪنڊ ٻن لاءِ ـ ايتري قدر جو ان وقت تہ اها بہ خبر نہ پئي تہ ڪو اهو زلزلو هو. ٻئي ڏينهن اخبار ۾ خبر پڙهڻ سان معلوم ٿيو تہ ڪالهہ فلاڻي وقت ٻن ٽن سيڪنڊن لاءِ زلزلو آيو هو. جپاني زلزلن کي انهن معمولي ٽريلرن جي سڄي فلم سمجهجي ۽ ائين لڳي ٿو جڻ پاڻيءَ جو جهاز سمنڊ ۾ لڏي رهيو هجي. آئون جپاني آفيس جي ٽي ماڙ واري ڪمري ۾ ڪراچيءَ کان ڪاهي آيل جهاز جي انجڻين جي مرمت ۽ مينٽيننس جو

شيڊول ٺاهي رهيو هوس تہ اوچتو عجيب احساس جاڳيو. پيٽ ۾ جهڙا وڪڙ محسوس ٿيڻ لڳا ۽ آنڊا ڄڻ هيٺ مٿي ڪڇي رهيا هجن. جيئن اپاميل چولين تي جهاز جي هلڻ وقت محسوس ٿيندو آهي يا ان ڪان ٿورو گهٽ پئماني جو تجربو تہ اسان سيني کي هوندو جڏهن ڪار ۾ سفر دوران ڪنهن چڙهائيءَ تان يڪدم هيٺ لهڻ وقت محسوس ٿيندو آهي.

ان سان گڏ ٿوري گهومات محسوس ڪيم. شيشي جي ٽيبل تي رکيل پين ۽ پينسلون ۽ ٻيو سامان گول گهمي وچي پٽ تي ڪريو ڄڻ ڪا غيبات هجي جيڪا ڏسڻ ۾ نہ پئي اچي پر سامان ٽيبل تان ريڙهي هيٺ ڪيرائي ڇڏيو هجيس. مٿي ڇت ڏي نهاريم تہ تار ۾ لڙڪندڙ بلب گهڙيال جي پينڊيوليم، وانگر پيو لڏي. ڀت تي ٽنگيل تصويرن جا فريم پيا لڏن. هڪدم محسوس ڪيم تہ زلزلو آهي جنهن جي اچڻ ڪان پڪ مڪاني ماڻهو (جپاني) آگاهہ هوندا ۽ عمارت مان نڪري ميدان تي وڃي بيٺا هوندا ۽ آئون اڪيلو هن بلڊنگ جي ٽي ماڙ تي ويٺو آهيان.

زلزلي يا باهہ جهڙي حادثي ۾ لفٽ هرگز استعمال نہ ڪجي جو لفٽ ڦاسي سگهي ٿي يا باهہ جو دونهون ان ۾ اچڻ ڪري ماڻهوءَ جي گهٽجي مرڻ جا وڌيڪ انديشا آهن. ان ڪري عمارت کي لفٽ هجڻ جي باوجود هر هڪ کي ڏاڪڻيون ڏسي ڇڏڻ کپن جيئن اهڙن موقعن تي ڏاڪڻين جو استعمال ڪري عمارت ڪان ٻاهر نڪري اچجي. عجيب اتفاق هو جو جهاز جي هتي آڻڻ تي هن آفيس ۾ هر دفعي ڪيترائي ڏينهن ڪم ڪرڻو پيو ٿي، پر ڪڏهن بہ اها توفيق نصيب نہ ٿي تہ ڏاڪڻيون ڏسي ڇڏجن تہ اهي ڪهڙي دروازي ڪان آهن. هن آفيس بلڊنگ ۾ گهڙڻ سان سامهون لفٽن جا ڪليل دروازا نظر اچن ٿا، جن ۾ گهڙي وڃي ٿو. اڄ افسوس ٿي رهيو هو تہ جيڪر ڏاڪڻيون ڏسي ڇڏجن ها. بهرحال ان موقعي تي مون وڌيڪ وقت ضايع ڪرڻ نٿي چاهيو. خاني ۾ رکيل ٻنون ۽ سي ڊي سي (جهاز تي ڪم ڪندڙن جو





پاسپورٽ) ڪڍي ڪيسي ۾ وڌم جيئن بلڊنگ ڪري پوڻ تي گهٽ ۾ گهٽ سي ڊي سي تہ هجي ٻيا فائل ۽ جهاز جا نقشا تہ پوءِ بہ ٺهي پوندا. پنهنجي ڪمري جو در کولي ٻاهر نڪتس. ننڍين ننڍين شين جي ڪرڻ جا آواز وراندي ۾ بہ اچي رهيا هئا. پر ۾ جپاني ڪيپٽن نمبا جي آفيس هئي. ڪيپٽن نمبا اسان جي جهازران ڪمپني جي جهازن جي مختلف مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان جو مددگار هو. ڪيپٽن نمبا جهڙو چرچائي ۽ چڱو مڙس ڪو ورلي هوندو، پر اڄ هن چڱي تعدي ڪئي. " زلزلي اچڻ جو يا عمارت ڇڏڻ جو مون کي اطلاع بہ نہ ڪيائين. " مون دل ئي دل ۾ سوچيو ۽ ساڳي وقت سندس آفيس جو در کوليو. پاڻ سامهون ويٺو هو! هڪ هٿ ۾ چانهہ جو مگ هوس ۽ ٻئي هٿ ۾ جهليل مارڪر پين سان ٽيبل تي وڇايل جهاز جي فل اسڪيچ تي ڪجهہ نشان هڻي رهيو هو.

”مسٽر نمبا! " مون پريشانيءَ جي حالت ۾ رڙ ڪئي ڄڻ جهاز ٻڏي رهيو هجي ۽ باقي عملو جهاز ڇڏي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ لائيف بوٽ ۾ وڃي ويٺو هجي ۽ هي بي خبر ڪمري ۾ بالم ٻڌيو ويٺو هو.

منهنجي هينئين ڦاڙ رڙ تي نمبا ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ چانهہ جو مگ رکي ائش ٽري تي رکيل دکيل سگريٽ کنيو. "دوزو الطاف سان! او گينڪي ديسڪا. " (ويهہ الطاف صاحب، خوش تہ آهين نہ.) ان وقت ائش ٽري بازوليون ڪائيندو ٽيبل تان هيٺ وڃي ڪريو. "نمبا سان، جنشن. " (مسٽر نمبا، زلزلو) مون کي نمبا جي هيءَ لا ابالي بنهہ نہ وڻي. ساهہ پيو وڃي، بلڊنگ ٿي ڪري ۽ هي ويٺو خير عافيت پڇي. يعني ڪا ڳالهہ ئي نہ ٿي هجي. ڪيپٽن نمبا جا مزيدار چرچا پنهنجي جاءِ تي پر ڪن موقعن تي ماڻهوءَ کي سنجيدو بہ رهڻ کپي. "ڪيپٽن نمبا زلزلو. " مون در وٽ ئي بيهندي هن کي وري چتاءُ ڏنو، يعني جلد ڪر ٻاهر نڪرون ۽ عمارت ڪان پري هلي بيهون. اتي ڏڙا ڏڙ ڇت تان چاپوڙا ڪرڻ لڳا.

”مسٽر الطاف سٽ ڊائون هَئِو اي ڪپ آف ٽي.“ هن سگريٽ جو ڪش هڻي وڏي سڪون سان انگريزيءَ ۾ چيو ۽ اتي وراڻدي مان هڪ ٻن همراهن کي آرام سان گذرندي بہ ڏٺم ۽ سمجهي ويس تہ جتوٽيڪ جهاز وڏا لوڏا کائي رهيو آهي پر ٻڏندو ڪونہ. چاپوڙا سو وڏا پيا ڪرن پر بلڊنگ ڦهڪو نہ ڪندي ۽ هي هتي جا جهونا سمجهن ٿا تہ هي خطرناڪ زلزلو ناهي نہ تہ ”نمبا سان“ ڪوئن وانگر ٻڏندڙ جهاز تان پهرين پاڻ ٽپ ڏئي ها. وري بہ پڪ لاءِ پڇيو مانس ”ٻاهر نہ نڪرڻو آهي؟“

”ڪا ضرورت ناهي، ننڍڙو زلزلو آهي.“

دل ۾ چيم تہ اسان جو ساهہ گهٽجي ويو آهي تولاءِ هي ننڍڙو زلزلو آهي! پوءِ جپان ۾ ايندڙ وڏا زلزلا تہ الائي ڇا هوندا؟

بهرحال هڪ دفعو ڪيپٽن نمبا جي ڪمري ۾ اچي ويس تہ پوءِ اڌ ڪلاڪ ڪن ڪچهري ۽ چانهہ تي وچائي پوءِ اٿيس. هونءَ جپاني (سواءِ ڪيپٽن نمبا جي) ڪچهري ۾ وقت ضايع نہ ڪندا آهن. هڪ ڏينهن هي پوڙهو ۽ ٿلهو ڪيپٽن نمبا مون وٽ جهاز تي آيو. ”يار بلڊ پريشر هاءِ ٿو رهيم.“ هن چيو.

”صبح جو پنهنجي ڪتي سان ڊوڙندو ڪر.“ صلاح ڏنيمانس.

”ڪتي سان ڇو؟“ هن حيرت مان پڇيو.

”ان ڪري جو اڪيلو واڪ ڪرڻ ۾ توکي بوريت ٿيندي“.

”پلا خالي پيٽ يا ڀريل پيٽ سان؟“ ڪيپٽن نمبا پڇيو.

”واڪ يا ڊوڙ، هميشہ خالي پيٽ سان ڪجي.“ مون چيو.هن اها ڳالهہ ٻڌي سگريٽ جو ڪش هڻيمنهنجي پر ۾ اچي رازواري انداز ۾ چيو:

”هاڻ ٻڌ. هو پاڻ وارو فلپيني جهاز جو ڪيپٽن چوي ٿو تہ ماني ڪائي پوءِ واڪ ڪر ۽ تون چوين ٿو تہ خالي پيٽ تي. نهيو اهو بہ ڪم نہ ٿيو. بهتر آهي تہ واڪ ئي نہ ڪريان.“

ڪيپٽن نمبا ڪائڻ جو بہ مڙس ماٺو آهي. جيڪي ملندو اٿس هڙ





چٽ. چيومانس، ”نمبا_سَان! هڪ ئي وقت سڀ ڪائڻ بدران ٿورو ٿورو ڪري قسطن ۾ کاءُ تہ پيٽ نہ نڪرندئي.“

”ائين ڪري نٿو سگهان.“ جواب ڏنائين.

”ڇو ڀلا“. پڇيومانس.

”ٻي جنگ عظيم بعد جپان جي حالت خراب هئي. ڪائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو. لنگهڻ ڪاٽيندي سڄو سڄو ڏينهن گذري ويندو هو ۽ پوءِ بک جي حالت ۾ جيڪي ملندو هو سو سڀ ڪائي ڪپائيندا هئاسين. اها عادت اڃا تائين هلندي اچي ۽ هاڻ ان عادت کي ترڪ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

جپاني اسڪولن ۾ اڄ بہ پڙهائي سخت ٿئي ٿي ۽ ٻارن کي مار موچڙو بہ گهٽو ڪن ٿا. نمبا_سَان ٻڌايو تہ اسڪول جي ڏينهن ۾ هن کي هڪ ڀيري چگي مار ملي. ”هڪ دفعي تہ سئي نہ هڻائڻ تي ماستر صاحب مون کي لڪڻ سان ڏاڍو ڪٽيو.“ نمبا ٻڌايو. ”هينئن ٿيو جو اسٽول ٽيسٽ لاءِ اسان کي چيو ويو تہ ٻئي ڏينهن شيشي ۾ سئمپل کڻي اچجو ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن اسڪول پهچي جڏهن ماستر ڪاڪوس جي نموني جي گهر ڪئي تہ مون کي ان وقت ياد آيو.

مون سان گڏ ساڳي ڊيسڪ تي وهندڙ ڇوڪر چيو تہ: ”پرواهہ نہ ڪر مون پنهنجي ڪاڪوس جو هڪ وڏيڪ سئمپل آندو آهي.“ ۽ اهو سئمپل ڇوڪري ڪان وٺي مون پنهنجي ٽيچر کي ڏئي جان ڇڏائي نہ تہ ويساري تي ڏاڍي مار ملي ها.

”ڪجهہ ڏينهن بعد ميڊيڪل ٽيم (ڊاڪٽر، نرسن ۽ ڪمپائونڊر سميت) ڪلاس روم ۾ آئي. جيڪي بيمار هئا انهن کي ٽڏي تي دوا ڏني وئي. نمبا! منهنجو نالو پڻ پڪاريو ويو. ”توکي پيٽ ۾ ڪينئان آهن، سئي لڳندي.“

ڪمپائونڊر هيڏي وڏي سرنج کڻي مون ڏي آيو. مون هاءِ گهوڙا

ڪٽي تہ مون سان ظلم آهي. منهنجي پيٽ ۾ ڪينئان نہ آهن. اهو ڪاڪوس ئي ڪنهن ٻئي جو هو، پر اتي ڪير ٻڌي. ڪلاس ٽيچر ڏنڊو ڪٽي ٻہ چار وهائي ڪڍيا ۽ ڪمپائونڊر ڪٽي ڏڏ ۾ سئي گُهِائي.”

ڪيپٽن نمبا وارا انڊونيشي جهازران ڪمپنيءَ جا بہ مڪاني ايجنٽ هئا. يعني انهن جا جهاز بہ جڏهن جپان جي بندرگاهہ ۾ ايندا هئا تہ ساڳي جپاني ڪمپني ڪميشن تيانهن جهازن جي پڻ سار سنڀال لهندي هئي. ڪيپٽن نمبا وري اسان جي پروفيشن (جهاز راني) جو ٿي ڪري ۽ سٺي انگريزي ڄاڻڻ ڪري اسان ڌارين سان وڌيڪ فري هو. هڪ ڏينهن چانهہ جي وقت چرچا ڀوڳ ڪندي انڊونيشي جهاز جي ريڊيو آفيسر چيس، ” توهان جپاني وڏا لاهہ آهيو. توهان جون مايون سگهڙ آهن پر مرد ڏنگا مڙس آهيو. محنتي ۽ چالاڪ بہ آهيو ۽ سڀني کان گوءِ کٽي وڃڻ لاءِ آتا بہ. ٻين ملڪن جون نهيل ڪئميرائون توڙي واچون، ڪارون توڙي ڪمپيوٽر ڪاپي ڪري بہ انهن ملڪن کان سٺا ۽ سستا ڪري ٺاهيا اٿانو.”

۽ پوءِ انڊونيشي ريڊيو آفيسر اسان ڏي مخاطب ٿي چيو، ” آمريڪن، ميڪسيڪن ۽ جپانيءَ جو هي چرچو ٻڌو اٿانو؟ ” اسان سان گڏ ڪيپٽن نمبا بہ چيو، ”ٻيلي وارو ڪر، ٻڌاءِ”.

هڪ آمريڪن، ميڪسيڪن ۽ جپانيءَ جو اچي پاڻ ۾ مقابلو ٿيو. ميڪسيڪن آمريڪن کي چيو، ”توهان پنهنجو پاڻ کي وڏا نشاني باز ۽ ڪائو بواءِ ٿا سمجهو. توهان جي سڄي تاريخ بہ سئو سالن کان مٿي نہ آهي. اهو چئي هن ڪيسي مان سڪو ڪڍي مٿي اڇليو ۽ ڪاٻي هٿ ۾ جهليل پستول سان ان سڪي تي فائر ڪيو تہ هو ٻہ اڌ ٿي ڪري پيو. ميڪسيڪن داد وٺڻ لاءِ ٻنهي طرف فاتحانہ انداز ۾ نهاريو.

آمريڪن چيو، اهو تہ ڪجهہ بہ نہ آهي، ”پوءِ ڪيسي مان خنجر ڪڍي اڏامندڙ مک کي هنيو تہ مک بہ اڌ ٿي پئي. هڪ اڌ هڪ پاسي ۽ ٻيو اڌ ٻئي





پاسي وڃي ڪريو. ”

جپاني ماٺ ۾ ٻنهي کي ڏسندو رهيو، تنهن تي آمريڪن چيس تہ، ”تون بہ تہ ڪجهہ ڪمال ڏيکار. رڳو پنهنجو پاڻ کي سمجهو ٿا. ”

”جپانين کي گهٽ نہ سمجهو. آئون توهان کان بہ وڌو ڪمال ڪري ٿو ڏيکاريانو.” جپانيءَ چيو ۽ پوءِ چيلهہ سان ٻڌل ترار ڪڍيائين.

”ڇا پنهنجو پيٽ ڦاڙي هراڪِري (خودڪشي) ٿي ڪيائين؟” ڪيپٽن نمبا انڊونيشيا جي ريڊيو آفيسر کان پڇيو.

” نہ ”. انڊونيشيءَ جواب ڏنو. اسان جي مٿان هڪ مڇر اڏامي رهيو هو. هن ترار ڪڍي ان اڏامندڙ مڇر تي ٻہ چار الرون ڪيون. مڇر تي ڪو اثر نہ ٿيو. هو پنهنجي ساڳي موج مستيءَ ۾ اڏامي ڪليل دريءَ مان نڪري ويو. جپانيءَ پنهنجي ترار مياڻ ۾ وجهي، داد وصول ڪرڻ لاءِ آمريڪن ۽ ميڪسيڪن اڳيان جهڪيو. ٻئي ڄڻا ڪل ۾ اونڌا ٿي ويا ۽ چيائونس: ”ميان ڪهڙو ڪمال ڪيو اٿئي؟ هو تہ اجا پيو اڏامي؟”

جپانيءَ طنزيہ مرڪ چپن تي آڻي چيو، ”اڏامي پيو، پر هاڻ زال وٽ وڃڻ جوڳو نہ رهيو آهي. ڪپي ڇڏيومانس. ”

# گوتم ٻڌ جا مجسما

تائلنڊ، هانگ ڪانگ ۽ چين وانگر جپان ۾ به توهان کي جتي ڪٿي گوتم ٻڌ جون مورتيون ۽ مجسما نظر ايندا. مندرن کان علاوه گهرن، آفيسن ۽ دڪانن ۾ پڻ. گهڻو ڪري گوتم ٻڌ پٽل ماري، ڪنول جي گل اڳيان ويٺل ڏيکاريل هوندو آهي. پوءِ ڪي ننڍا مجسما هٿ ۾ يا کيسي ۾ وجهي هلڻ جهڙا هوندا آهن ته ڪي تمام وڏا، ماڻهوءَ جي قد کان به تمام گهڻو وڏا نظر ايندا.

گوتم ٻڌ جي وڏن مجسمنکي هتي جپان ۾ دائي ٻتسو (Daibutsu) سڏجي ٿو. جپان ۾ گوتم ٻڌ جو سڀ کان وڏو مجسمو نارا شهر جي "تودائي جي" مندر ۾ رکيل آهي. جپان ۾ پڙهائي يا نوڪري دوران توهان کي جپان جا شهر گهمڻ جو موقعو ملي ته ٽوڪيو، اوساڪا، ڪوبي جهڙا ماڊرن شهر گهمڻ سان گڏ نارا، ڪيوٽو ۽ ڪاماڪورا پڻ ڏسجو جيڪي ٺٽي، شڪارپور ۽ بنارس وانگر تواريخي شهر آهن ۽ مندرن (Temples) ۽ درگاهن (Shrines) سان ڀريا پيا آهن ۽ جيڪڏهن توهان جپاني تواريخ ۽ ادب جو مطالعو ڪيو آهي يا جپاني فلمون ڏٺيون آهن ته پوءِ اهي شهر توهان کي اڃا به وڌيڪ مزو ڏيندا جو ڪيترا قصا، ناول ۽ فلمن جا پسمنظر، هنن شهرن سان تعلق رکن ٿا.

نارا ۾ رکيل هن گوتم ٻڌ جي وڏي مجسمي (دائي بتسو) جي اوچائي 54 فٽ آهي، يعني مون جهڙا ڇهن فٽن وارا نو همراهه هڪٻئي مٿان ٿي بيهن تڏهن هن دائي بتسوجي مٿي تائين پهچن. سندس فقط منهن 16 فوٽ ڊگهو ۽ 10 فوٽ ويڪرو آهي. اکيون چار فوٽ، ڪن 8 فوٽ، وات 4





فوٽ ويڪرو، نڪ 4 فوٽ ڊگهو، نڪ جي ناسن جي گولائي 3 فوٽ ۽ آڱوٺو ساڍا چار فوٽ آهي. ڪنول جو وڏو گل، جنهن تي هي مجسمو ويٺل آهي، ڏهه فوٽ اتاهون آهي ۽ گل جو ڊاياميٽر 68 فوٽ آهي. ان گل ۾ 56 پتيون آهن.

هي مجسمو سن 749ع ۾ شهنشاهه شومو جي حڪم تي تيار ڪيو ويو هو ۽ سڄو Bronze جو ٺهيل آهي جيڪو هئڊي رنگ جو نرم ڌاتو ٿئي ٿو ۽ ٽامي، اليومينيم ۽ ٽِن کي ملائي ناهيو وڃي ٿو. مجسمي تي سونو پاڻي چڙهيل آهي. هن مجسمي جي منهن ۾ ڪافي ڊينٽ لڳل آهن جو هن مجسمي واري هال Daibul_suden ۾ ٽي دفعا باهه لڳي آهي ۽ هر دفعي گوتم ٻڌ جي منهن اچي ڌرتيءَ تي ڦهڪو ڪيو آهي. ان 16 باءِ 10 فوٽ جي سر کي ڪرينن ذريعي مٿي ڪٽي صحيح جڳهه تي وري سولڊر ڪيو ويو آهي. يعني ويلڊنگ ذريعي چنبڙايو ويو آهي. باهه ۽ ڌڪا ٿاپا کائڻ ڪري هن دائي بتسو ۾ گهٽي اصليت نه رهي آهي.

جيڪڏهن اصليت وارو دائي بتسو (گوتم ٻڌ جو مجسمو) ڏسڻو آهي ته ان لاءِ ڪاماڪورا وڃڻ کپي جتي جو مجسمو نارا واري مجسمي کان ننڍو آهي پر آرٽ جي خيال کان تمام سهڻو آهي. هي مجسمو اميدا ٻڌا (Amida Buddha) جي نمائندگي ڪري ٿو جنهن جي معنيٰ آهي اڻ مئي روشنيءَ ۽ جو مالڪ. هي مجسمو پڻ برونز جو ٺهيل آهي ۽ 1252ع ۾ وقت جي ناليري گهڙيندڙ (Sculptor) اونو گوروِاي مان ناهيو. اهو مجسمو ڪاموڪورا جي ڪوٽوڪوئن مندر ۾ رکيل آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هي مجسمو ۽ هن مندر جو ماحول ٽوئرسٽ جي من ۾ موهه ٿو پيدا ڪري. تڏهن ته شايد هتي پهچي انگريز شاعرر ڊيارڊ ڪِپلنگ 1892ع ۾ هي سٽون چيون:

“And whose will, from Pride released,
Contemning neither creed nor priest,

May feel the soul of all the East.
About him at Kamakura."

گوتم ٻڌ کي فقط هٿ مٿان هٿ رکي ويٺل به نه ڏسندائو. ڪنهنڌن تي گوتم جي هڪ هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئي ۾ رسو پڻ ڏسنداؤ ۽ پنيان باهه جا مچ هوندا. سندس شڪل مان ڪاوڙ جي ڇڙ ظاهر هوندي. اهو مجسمو ٻڌ ڌرم جي هڪ ديوتا دائي نچي جو آهي جيڪو عقل جو ديوتا سڏجي ٿو. تلوار سانهو ماڻهن کي ڊيڄاري ٿو ۽ رسي سان گناه ڪندڙن کي سوگهو ٻڌڻ جي موڊ ۾ آهي. هن مجسمي کي جپاني فودو (Fudo) سڏين.

گوتم ٻڌ کي جپان ۾ اميدا (Amida) پڻ سڏين ٿا ـ معنيٰ اڻ مٽي روشنيءَ جو مالڪ. ٻڌ ڌرم جو هڪ فرقو اميدا به آهي جنهن جو باني گينشن نالي هڪ جپاني ٻائو هو. هي فرقو سرڪاري طرح ريونن (Ryonin) جي ڏينهن ۾ (1072ـ1132) ۾ قائم ڪيو ويو. هي فرقو تسبيحون پڙهڻ تي زور ڏئي ٿو ۽ هن فرقي جي ٻارن جو چوڻ آهي ته انسان هر هر "نامو اميدا بتسو" پڙهڻ سانسرڳ ۾ جنم وٺي ٿو. (نامو اميدا بتسو جي معنيٰ آهي: "آئون توسان پيار ڪريان ٿو، اڻ مٽي روشنيءَ جا مالڪ.)

جپان جي هڪ مشهور شاعر "امس سا" جو هائيڪو (ٽن سٽن جو شعر) آهي:

Hae hitotsu
Uteba Namu Ami_
Da Butsu Kana.

هر مک کي
جڏهن ماريو وڃي ٿو
پڙ لاءِ اچي ٿو "نامو اميدا بتسو".





# هڪ ليکڪ، انجنيئر، ڪارخانيدار ۽ ٻائو

گذريل مهني جِتسو گاڪو (Jitsugaku) نالي هڪ جپاني ڪتاب جپان ۾ Best Seller مڃيو ويو. سندس ٻن لکن ڪان به وڌيڪ ڪاپيون هيستائين وڪامي چڪيون آهن. اڄ ڪلهه جي ٽي وي، ڊش، انٽرنيٽ ۽ ڪمپيوٽر جي دور ۾ ڪو ڪتاب ايڏو وڪرو ٿئي يا پڙهيو وڃي، وڏي ڳالهه آهي!

جپاني لفظ جتسو گاڪو، جنهن ۾ به لفظ آهن "جتسو" معني سچ يا حقيقت ۾، "گاڪو" معنيٰ علم، سائنس، Study وغيره ـ يعني صحيح علم يا حقيقي سائنس. بهرحال هي ڪتاب مئنيجمينٽ ۽ اڪائونٽنگ جي پرئڪٽيڪل گائيڊ آهي. ڪتاب جو ليکڪ ڪازُواو انامُوري (Kazuo Inamori) هڪ دلچسپ شخصيت آهي، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي خيال ۾. ان ڪري آئون هن بابت ڪجهه لکڻ چاهيان ٿو.

ليکڪ مسٽر انامُوري جنهن جي عمر ستر سالن جي لڳ ڀڳ آهي، جپان جو هڪ وڏو ڪارخانيدار آهي، انجنيئر آهي ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه اها آهي ته هو زين ڌرم (ٻڌ ڌرم) جو ٻائو پڻ آهي. جيئن شاعر نالي بدران تخلص سان سڏيو ويندو آهي تئين ٻائي ٿيڻ تي هتي ڌرمي نالو رکيو ويندو آهي. انامُوريءَ جو ڌرمي نالو دائيوا آهي. (دائيوا معني سانت، سڪون).

ڪيوٽو جي مشهور ڪمپني "ڪيوسيرا ڪارپوريشن" جنهن ۾ اليڪٽرانڪ ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن جون شيون ۽ سيمي ڪنڊڪٽرن جا پارٽ ٺهن ٿا، انا موري (دائيوا) ان ڪمپنيءَ جو آغاز ڪندڙ ۽ چيئرمين آهي. جپان جي ٻي وڏي لڙائيءَ کان پوءِ جڏهن معاشي حالت خراب هئي تڏهن انامُوريءَ 1959ع ۾ هيءَ ڪمپني کولي. ان وقت هن جي فئڪٽريءَ ۾ 28

ڇڻن ڪم ڪيو ٿي. اڄ چاليهه سالن بعد هن جي ڪمپنيءَ جونه فقط جپان ۾ پر دنيا جي مختلف ملڪن ۾ شاخون آهن، جن ۾ اٽڪل سٺتيهه هزار ماڻهو ڪم ڪن ٿا. انامويءَ جا هن ڪان علاوه ٻيا ٻه ست ڪتاب لکيل آهن.

ڪجهه ڏينهن اڳ جپان جي پراڻي تواريخي شهر ڪيوٽو ۾ ڪنهن اخبار نويس مسٽر انامويءَ ڪان هن ڪتاب (جتسو گاڪو) ۽ سندس ٻائي ٽيڻ بابت ڪجهه سوال پڇيا، جن مان ڪجهه دلچسپ ڳالهيون هتي بيان ڪريان ٿو.

ڪنهن به ڪمپنيءَ ڪي هلائڻ ۾ پئسي جي ڏيتي ليتي ٿئي ٿي. ان حساب سان اڪائونٽنگ تمام گهڻي اهم شيءِ آهي. اها (Accounting) صاف ۽ شفاف هجڻ کپي، جيتري قدر به ممڪن ٿي سگهي. مون هيترن سالن ڪان پنهنجي ڪمپني جنهن ڪاميابيءَ سان هلائي آهي ان جو بنياد ۽ فلاسافي به ان ئي ڳالهه ۾ آهي. ڪيترن ڪارخانن ۽ ڪمپنين جا مالڪ پنهنجن ملازمن ۽ گراهڪن (Consumers) سان غير اخلاقي برتاءُ ڪن ٿا. هنن وٽ ڪو اصول نه آهي. منهنجي خيال ۾ منهنجو ڪتاب جنهن ۾ اخلاق (Conduct) جا سولا ۽ سادا اصول ڏنل آهن، صحيح وقت تي شايع ٿيو آهي ۽ ماڻهن هن ڪي هٿوهٿ خريد ڪيو آهي.

ڪمپنيءَ ڪي پنهجي اندروني حقيقت ڪان حصيدارن ڪي آگاهه ڪرڻ کپي. اسان جپانين ۽ مغربي ماڻهن جي سماجي طبيعتن ۾ وڏو فرق آهي، اسان هر ڳالهه راز ۾ رکڻ ٿا چاهيون. اسان ڪي ڪمپنيءَ جي حصيدارن (Share Holders) جي تنقيد ۽ چڙ ٻڌڻ ۽ سهڻ کپي.

ٻڌ ڌرم ۾ منهنجي دلچسپي تڏهن ڪان پئدا ٿي جڏهن آئون ٻارهن سالنجو هوس ۽ ايليمينٽري اسڪول ۾ پڙهندو هوس. مون ڪي ننڍي عمر ۾ ٽي ٽي بي ٿي پئي ۽ مون ڪي ٻاهر نڪرڻ بدران گهر ۾ ئي رهڻو پيو ٿي. هڪ ڏينهن منهنجي هڪ دوست ٻڌ ڌرم تي ڪجهه ڪتاب آڻي ڏنا. جيتوڻيڪ





اڳتي هلي آئون ڪيمسٽري پڙهيس پر تن ڏينهن جا ٻڌ مت تي پڙهيل ڪتاب هميشه منهنجي دماغ ۾ رهيا. مون ڪي هر وقت اها جستجو لڳل هئي ته هن زندگيءَ جو مقصد معلوم ڪريان ته انسان ڇو خلقيو ويو آهي ۽ آئون ان نتيجي تي پهتس ته انسان پنهنجو پاڻ ڪي سڌارڻ لاءِ پئدا ڪيو ويو آهي ۽ هن ڪي کپي ته ٻين سان مهربان ٿي هلي ۽ همدرديءَ جا جذبا رکي. آئون ٻڌمت جي سبق موجب reincarnation (وري وري ڄمڻ) ۾ يقين رکان ٿو. منهنجو ڪم پنهنجو پاڻ ڪي بهتر ڪان بهتر انسان ٺاهڻ آهي ۽ موت ڪان اڳ پنهنجي روح ڪي پاڪ ۽ صاف ڪرڻو آهي جيئن مون ڪي نرواڻ حاصل ٿئي.

ڏهه سال ڪن اڳ مون ڪي ٻڌ بکشو (ٻائو) ٿيڻ جو شوق پئدا ٿيو. مون هن دنيا جي گوڙ گهمسان ڪان پري رهي خاموشيءَ سکون جي زندگي گذارڻ چاهي ٿي، جيئن آئون هڪ مَنو تي سوچ ويچار ڪري سگهان. آئون پنهنجي دل جي خواهش پنهنجي ”روشي“ (ٻڌ ڌرم جي وڏي عالم ۽ ڏاهي) سان ڪندي ڏڄي رهيو هوس، پر پوءِ هڪ ڏينهن هن جي مندر ۾، هن سان گڏ ”گرين ٽي“ پيئندي مون همٿ ڪري هن سان پنهنجي اندر جو حال ڪيو ۽ هن ڪان ٻائي ٿيڻ بابت راءِ ورتي. هن منهنجي همٿ افزائي ڪئي ۽ مون ڪي صلاح ڏني ته آئون نه فقط پنهنجو مٿو ڪوڙائي نوڙهو ٿيان پر ٻائي ٿيڻ جي مڪمل تعليم ۽ تربيت وٺان_ ويندي فقير ٿي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ پنڻ وڃان. سو ٻه سال اڳ، ڪجهه عرصي لاءِ ٻائو ٿيڻ واري ٽولي سان گڏ مون به تربيت ورتي.

ٻائي (بکشو) ٿيڻ جي ٽريننگ دوران اسان ڪي صبح جو ٽي وڳي اٿڻو پوندو هو، ڪجهه ڪلاڪن لاءِ ويهي فڪر ويچار (Mediation) ڪندا هئاسين. ان بعد نيرن ٿيندي هئي جنهن ۾ رب جهڙي چيڙڙي ٻَت سان آچار ذرو ملندو هو. ان بعد وري گيان (ويچار) جو پيرڊ هلندو هو. منجهند جي ماني

ٻہ بيحد سادي سودي هوندي هئي. ڪڏهن اوٻاريل ڀت هوندو هو تہ ڪڏهن ڄَون جي رٻ ۽ آچار ذرو ۽ پاڻيءَ جھڙو ڦِنگو سوپ هوندو هو. اهو سڀ ڪجھ کائي رب جا شڪر ڪندا هئاسين. منجهند جي مانيءَ بعد روشي (استاد، عالم) جي پڙهايل سبق بعد سوال جواب هلندا هئا. رات جي ماني بہ اهڙي ئي سادي هوندي هئي. ڏهاڙي گيڙو ڪپڙا پائي فقيرن وانگر پنڻ لاءِ نڪرڻو پوندو هو. رات جو ڏهين بجي اسان کي سمهڻو پوندو هو ۽ پوءِ پورن پنجن ڪلاڪن بعد، ٽي وڳي صبح جو وري ساڳي روٽين شروع ٿي ويندي هئي.

ميلن جا ميل پنڌ هلڻ ۽ پنڻ، سڀ ۾ ڏکيو ڪم هو_ خاص ڪري مون جھڙي وڏي عمر واري لاءِ، جنهن کي پير ۾ ۽ پٺيءَ ۾ تڪليف هئي. واپس مندر موٽڻ مهل آئون ٻين ڀڪشوئن کان ڪئين گهٽيون پويان هوندو هوس. سڄو ڏينهن پنڻ بعد ڪاڏي جي پري کلهي تي رکي وڏي جاکوڙ بعد مندر پهچندو هوس. هڪ پوڙهي عورت جنهن پنهنجي گهر اڳيان ڪک پن صاف پئي ڪيا، منهنجي ويجهو آئي ۽ مون کي پنج سؤ ٻين جو نوٽ ڪڍي ڏنو. هوءَ پاڻ ئي مسڪين لڳي رهي هئي پر هن اجر ڪٽڻ ڪارڻ مون کي خيرات ڏنو. ان وقت، ان گهڙيءَ منهنجي ارد گرد جي هوا ۾ روشي ۽ رحم پرجي ويو. مون کي هڪ عجيب هٻڪار محسوس ٿي. آسپاس جي ماحول ۾ خوشي ۽ خوشي پرجي وئي. ان سموري تجربي منهنجي اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڇڏيا. ٻائي ٽيڻ جي تربيت دوران ٿيندڙ اهو واقعو مون لاءِ هميشہ اُٿوسرندڙ رهندو.

مذهب يا ڌرم ڏي رغبت، ڏنڌي ڌاڙيءَ ۾ مدد ثابت ٿئي ٿي. هڪ انسان مذهب مان گهڻو ڪجھ پرائي سگهي ٿو. ان جو مدار ان جي نيت ۽ محنت تي آهي (ٻين لفظن ۾ کٽي چئجي تہ سلطاني سهاڳ نندن ڪندي نہ ملي). ضروري ناهي تہ هر ماڻهو اها روحاني روشني ڏسي سگهي، يا محسوس ڪري سگهي، پر اسان گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو پاڻ کي بهتر انسان بڻائڻ جي





ڪوشش ڪري سگهون ٿا ۽ قدرن جو اهو لاڙو ڪمپنيءَ جي management سان بہ لاڳو ڪري سگهجي ٿو.

# مندر ۾ ويندي مونجهارو نہ ٿئي...

جپانين بابت هڪ هنڌ لکيو اٿم تہ جپان ۾ ڪيترين ئي عيسائي تبليغي جماعتون آيون پر اهي جپانين کي ائين عيسائي نہ بنائي سگهيون جيئن آفريڪا جي ملڪن ۾ ڪيائون. ڪنهن چيو تہ ”جپاني بزنيس مائينڊيڊ آهن، انهن کي مذهب جهڙين شين سان ڪا رغبت ناهي.“ پر اها ڳالهہ ناهي. هنن کي ڪنهن نئينمذهب کي سمجهڻ لاءِ ڪٽي توفيق يا لاڙو نہ هجي پر اهو چوڻ غلط ٿيندو تہ هنن جو ڪو مذهب يا ڌرم ناهي. ائين هجي تہ پوءِ جپان ۾ هزارين مندر ۽ درگاهون ڇو هجن.

جپان ۾ قديمي ڌرم ”شنتو ڌرم“ ۽ ”ٻڌ ڌرم“ آهن جن کي هو سالن کان ڇهتيل آهن ۽ ٻئي ڪنهن مذهب ڏي رخ نٿا رکن. شنتو ڌرم (Shintoism) تمام پراڻو ۽ جپان جواصلي مذهب آهي. ”ديوتائن جو طريقو“. ۽ شنتو ڌرم موجب هر شيءِ لاءِ جوابدار ديوتا آهن_ هي دنيا خلقڻ لاءِ (خاص ڪري جپان ٺاهڻ لاءِ)، آسمان، ڌرتي ۽ زمين هيٺ حڪومت هلائڻ لاءِ. ٻيا ڪجهہ هلڪي قسم جا ديوتا ۽ ديويون آهن جيڪي گهر جي ڀاتين جو بچاءُ ڪن، ڳوٺن ۽ شهرن جو بچاءُ ڪن ۽ ڪي روح آهن جيڪي وڻن ۽ پٿرن ۾ رهن ٿا. گهر جي رڌڻن ۾ رهن ٿا ۽ فصل ۽ واپار وڙي ۽ ٻيڙين جي مدد ڪن ٿا.

شنتو ڌرم جي مندرن کي پري کان ويجهو تائين ڪيرائي دروازا ٿين. غريب غربو ۽ هاري ناري قسم جا ماڻهو پري کان بيهي پوڄا پاٺ ۽ دعا گهرن. امير ۽ وڏن گهراڻن جا ماڻهو ويجهن دروازن وٽ پهچي دعا گهرن ۽ انهن مندرن ۾ پاڪ ٿي گهڙڻ لاءِ چيو ويندو آهي. اها پاڪائي هٿ منهن ڌوئڻ ۽ گرڙيون ڪرڻ سان رکي سگهجي ٿي يا مندر ۾ موجود ٻاوا پني سان پاڻي





ڇنڊي توهان کي رسم موجب پاڪ ڪن ٿا، ۽ انهن مندرن يا درگاهن جا ٻہ ڪئين قسم آهن. انهن مان جيڪي وڏن شهرن ۾ خوشحال هنڌ تي آهن، جن ۾ عقيدتمندن جي پيهہ پيهان لڳي رهي ٿي، انهن جا ٻاوا ڪجهہ وڌيڪ ئي صحتمند ۽ خوشحال نظر اچن ٿا. ۽ هو انهن مندرن جا پڪا پگهاردار آهن. باقي ننڍن ڳوٺن جا ٻاوا يا مجاور پارٽ ٽائيم جاب ڪندڙ آهن. يعني صبح جو ٻيون نوڪريون ڪن باقي شام جو زيارتين کي اچيو منهن ڏين. شروع جي ڏينهن ۾ عورتون بہ مجاورياڻيون ۽ Priests ٿي رهيون. هاڻ رڳو مرد آهن. هنن مندرن جا ٻاوا شادي بہ ڪن ۽ انهن جو پٽ ٻار پيءَ جي مرڻ تي ان مندر جو والي وارث ٿي وهي جيئن اسان وٽ ڪيترين ئي درگاهن تي آهي. وڏي مجاور جي مرڻ تي هن جو پٽ درگاهہ جو ڪاروبار سنڀالي ٿو ۽ مليل خيرات ۽ نذر نياز ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي ٿو. Ise ۽ مياجيما جون درگاهون وڏيون سمجهيون وڃن ٿيون جن تي زيارتين جي هر وقت رش لڳي رهي ٿي. ڪي ڪي شهر: ڪيوٽو، نارا، ڪماڪورا جهڙا، تہ اهڙين درگاهن ڪان مشهور آهن ۽ اسان بہ ستر واري ڏهاڪي جي شروعات وارن سالن ۾ جڏهن جوان هئاسين، جپاني ماڻهن سان ڪيترين ئي درگاهن جا چڪر ڏناسين. انهن ۾ رکيل ديوتائن جي ديدار لاءِ نہ پر انهن جي زيارت ڪرڻ لاءِ آيل نوجوان ڇوڪرين کي ڏسڻ لاءِ. جيئن سنڌ ۾ پير فقيرن ۽ درگاهن تي گهٽي رش عورتن جي هوندي آهي اهو ئي حال هتي جپان ۾ آهي. وڏين درگاهن تي نذر ڏيڻ لاءِ ڇِير واريون تالي لڳل پيٽيون رکيل ٿين ٿيون جن ۾ عقيدتمند عورتون سڪن ۽ نوٽن جا ٻڪ وجهن. وراندن ۾ ويٺل ٻاوا، پئسا ڏيڻ تي تعويذ بہ لکيو ڏين تہ فال بہ ڪڍيو ڏين. ان لاءِ پڻ جپاني ڇوڪرين جون ڊگهيون قطارون هونديون آهن.

ٻڌ ڌرم جپان ۾، چين کان ڪوريا جي معرفت اڄ کان ڏيڍ هزار کن سال اڳ آيو. ٻڌ ڌرم جي جنم جي جاءِ جيتوڻيڪ هندستان آهي پر اتي جي پراڻي مذهب هندو ڌرم هن نئين ڌرم کي برداشت نہ ڪيو ۽ ٻڌ ڌرم

هندستان کان ٻاهر سلون (سري لنڪا) برما، چين، ڪوريا، جپان وغيره ۾ چڱو وڏيو ويجهيو ۽ هن پاسي وڏي ۾ وڏو مذهب سمجهيو وڃي ٿو.

ٻڌ ڌرم جو باني ”گوتم ٻڌ“ آهي. ”ٻڌا“ معنيٰ سجاڳ ٿيل، روشني ڏيندڙ_ اهو سندس تخلص آهي، جيئن محمد علي جناح جو قائد اعظم آهي. سندس سچو نالو سڌارٿا گوتم هو. پاڻ عيسوي سن کان 563 سال اڳ سڪياس جي سلطنت ۾ ڄائو، جيڪو علائقو اڄ ڪلهه نيپال ۽ انڊيا جي بارڊر وارو آهي. سندس تعلق ڪتري ذات سان هو سندس پيءُ سوڌو دانا بادشاهه هو ۽ ماءُ مهامايا راڻي هئي. 16 سالن جي ڄمار ۾ هن جي شادي سندس سوٽِ شهزادي ياسوڌارا سان ٿي جنهن مان ڪيس راهولا نالي پٽ به ڄائو.

گوتم کي محل جي هر خوشي نصيب هوندي به هن جو من ڪنهن شيءَ جي ڳولا ۾ پريشان رهيو ٿي. هن ماڻهن جا ڏک ۽ پريشانيون ڏسي ان جو حل ڳولڻ ٿي چاهيو. آخر 29 سالن جي ڄمار ۾ هو زال، پٽ ۽ محل کي ڇڏي ٻن ڏي هليو ويو ۽ سالن جا سال ڏاهن کان علم پرائيندو ۽ تپسيا ڪندو رهيو. آخرڪار عيسوي سن کان 528 سال کن اڳ، 35 سالن جي ڄمار ۾ هن کي اهو علم، اها روشني ۽ سجاڳي حاصل ٿي جنهن جو هو ڳولائو هو. ان بعد مرڻ تائين (80 سالن جي ڄمار تائين) هو ان علم جي پرچار ڪندو رهيو. هن جي اها فلاسافي هئي ته انسان جي سٺائي يا خرابي هن جي ڪمن موجب آهي ۽ انسان پنهنجي گذريل جنم جي نيڪين ۽ خطائن موجب مختلف درجن ۾ جنم وٺندو رهي ٿو جيسين هو مڪمل طرح نيڪ ٿي وڃي ۽ نرواڻ حاصل ڪري.

گوتم ٻڌ جو ٻڌ ڌرم_ جنهن کي ڪي ”ڌرم“ سڏين ٿا ته ڪي ”فلسفو“، هندستان ۾ ته ايترو نه هليو پر اوسي پاسي جي ملڪن ۾ ان جا ڪيترائي پوئلڳ پيدا ٿي ويا. اها ٻي ڳالهه آهي ته وقت گذرڻ تي ۽ مختلف





ڌرتين تي، ان ۾ ڪيترين ئي تبديليون آيون. اڄ جو ٻڌ ڌرم جيڪو سري لنڪا ۾ آهي اهو برما ۾ هلندڙ ٻڌ ڌرم کان ڪجهه ڪجهه بدليل آهي. اهو ئي حال انڊو چائنا، چين، ڪوريا ۽ جپان جي ٻڌ ڌرم جو آهي.

ٻڌ ڌرم جيڪو هندستان مان شروع ٿيو پر هندستان ۾ گهڻو رهي نه سگهيو. هيڏانهن هوڏانهن آسام، بنگال، نيپال_ ويندي سنڌ ۽ پنجاب ۾ ان جو ڪجهه اثر رهيو جنهن جون نشانيون ٺٽي وٽ جهرڪن ۽ ٽئڪسلا پاسي مليون آهن. ٻڌ ڌرم جو هندستان کان ٻاهر ڏور اوڀر ۽ ڏکڻ اوڀر جي ملڪن ۾ وڏو آڌرڀاءُ ٿيو. پهرين سلون (سري لنڪا) ۽ برما ۾، ان بعد انڊو_ چين (ڪمبوڊيا، ويٽنام، لائوس وغيره)، چين ۽ ڪوريا ۾ ٻڌ ڌرم پهتو.

جپان ۾ ٻڌ ڌرم عيسوي سن 552 ۾ پهتو جڏهن ڪوريا جي بادشاهه جپان جي شهنشاهه ڪميئي (Kimmei) ڏي گوتم ٻڌ جو سون مان ٺهيل مجسمو تحفي طور موڪليو. جپاني شهنشاهه ان مجسمي جي پرگهور لهڻ لاءِ اهو ان وقت جي هڪ طاقتور خاندان (سوگا) جي حوالي ڪيو ۽ کين هدايت ڪئي ته ان جي اهڙي طرح ئي عبادت ڪئي وڃي جهڙي طرح ٻين ديوتائن جي ڪئي وڃي ٿي جيئن تجربو ٿي سگهي ته هي ڌرم ۽ ان جو باني ڪيتري حيثيت رکي ٿو. ان ڳالهه کانپوءِ سگهو ئي جپان ۾ هڪ بيماري اچي پکڙي. شنتو ڌرم جي ٻاون ۽ ڏاهن، جن جپان جي شهنشاهه کي گوتم ٻڌ جي مجسمي اچڻ وقت چتاءُ ڏنو هو ته هن ڌرتي تي ابن ڏاڏن کان هلندڙ ڌرم (Shintoism) کان علاوه ٻئي ڪنهن ڌرم جي همٿ افزائي نه ڪئي وڃي، تن ان آفت جو سڄو ڏوهه گوتم ٻڌ جي مورتيءَ کي ڏنو.

هتي جي مذهبي تواريخن ۾ آهي ته ان بعد گوتم ٻڌ جي سوني مجسمي کي هڪدم نانيوا (اڄ ڪلهه جتي اوساڪا شهر آهي) وٽ وهندڙ نديءَ ۾ اڇلايو ويو. پر بيماري ڏينهون ڏينهن وڌي زور ٿيندي. آخرڪار ماڻهن اهو فيصلو ڪيو ته ان مسجمي کي ڪجهه عزت بخشي وڃي. ان بعد ان

مجسمي کي درياهہ جي گپ مان ڳولي وڏي شان مان سان رکيو ويو ۽ حيرت جي ڳالهہ اها جو ان بعد پکڙيل اها وبا هڪدم ختم ٿي وئي. ماڻهن ٽوڙي پراڻن مندرن جي ٻاون جي دلين تي وڏو اثر ويهي ويو. جنهن ٻڌو ٿي ان گوتم ٻڌ جي واکاڻ ڪئي ٿي ۽ سوگا گهراڻي جو وڏو مان ٿي ويو. جيڪي جپان ۾ پهريان هئا جن گوتم ٻڌ جي عبادت ڪئي. اهڙي طرح جپان ۾ ٻڌ ڌرم متعارف ٿيو ۽ اڳتي هلي سڄي قوم گوتم ٻڌ جي پوڄاري ٿي وئي. ڏٺو وڃي تہ گوتم کي اندر جي روشني ۽ علم ملڻ بعد، پورن هڪ هزار اسي سالن بعد جپان ۾ ٻڌ ڌرم جي شروعات ٿي. هي 552ع جو سال هو جنهن کانپوءِ 18 سال کن رکي حضور صلعم جن 570ع ۾ پيدا ٿيا ۽ چاليهہ سالن بعد (سن 610) ۾ حضور صلعم جن کي اسلام جو سڏ مليو ۽ دنيا جي اهم ترين مذهب اسلام جي تبليغ شروع ٿي.

جپان ۾ ٻڌ ڌرم شهنشاهہ ڪميئي جي ڏينهن ۾ ضرور آيو پر ان کي مٿاهون درجو ڪميئي جي پوٽي شهزادي امايادو رسايو. جيڪو اڳتي هلي تواريخ م شوتوڪو تائيشي جي نالي سان مشهور ٿيو. شوتوڪو سن 572ع ۾ ڄائو. هي هڪ رحم دل ذهين ۽ پاڙهو ٽائيپ هو. هن ارڙهن سالن جي ڄمار ۾ پهچي پنهنجو پاڻ کي هن نئين ڌرم (Buddhism) لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. شنتو ڌرم ۾ پنهنجن وڏن (جيئرن ۽ مري ويلن) جي عبادت ڪري پاڪائي حاصل ڪئي ٿي وئي جيڪو جپان جو هڪ قديمي مذهب هو ۽ ان جو ماضيءَ سان واسطو هو پر هن نئين مذهب (ٻڌ ڌرم) مستقبل جي راهہ ٺاهي ٿي ۽ هن ڌرم هن نوجوان شهزادي جي دل موهي ورتي هئي. هن کلئي عام وڏي پئماني تي ٻڌ ڌرم جي پرچار شروع ڪري ڏني جيتوڻيڪ جپان جو قديمي مذهب (Shintoism) اٽل رهيو. هن گوتم ٻڌ جي مان ۾ ٽائيوا (اوساڪا) ۾ هڪ مندر ٺهرايو ۽ پنهنجي سڄي ڄمار گوتم جي مذهب کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ گذاري ۽ سڄي ملڪ ۾ مندر ٺهرايا.





وقت سان گڏ جپانين جو قديمي مذهب شنتو ڌرم هاڻ هن نئين مذهب ٻڌ ڌرم کي برداشت ڪرڻ لڳو ۽ هتي جي تواريخ ۾ اهڙا ڪيترا مثال ملن ٿا جن موجب شنتو ڌرم وارن هن نئين مذهب لاءِ نہ فقط سهپ پيدا ڪري ورتي پر ڪيترن ئي دورن ۾ ٻڌ ڌرم جي همٿ افزائي بہ ڪئي. شوتوڪو جي مرڻ (سن 621ع) تائين ٻڌ ڌرم سڄي جپان ۾ پنهنجا پير پختا ڄمائي ورتا ۽ پوءِ وقت سان گڏ مختلف هنڌن تي ٻڌ ڌرم جي پوئلڳن ان ۾ ٿوريون گهڻيون تبديليون آنديون پئي. نارا دور (794_710) ۾ جن ڏينهن ۾ جپان جي گاديءَ جو هنڌ نارا شهر ۾ هو، ٻڌ ڌرم جا ڇهہ فرقا عام هئا، سان ران، جوجي تسو، هوسو، ڪوشا، ڪيگان ۽ رتسو.

هتي هڪ ڳالهہ ڪرڻ بي محل نہ ٿيندي تہ ٻڌ ڌرم لاءِ هميشہ اهو ئي بحث هلندو آهي تہ ٻڌ ڌرم (Buddhism) ڪو مذهب يا ڌرم نہ آهي پر هڪ فلسفو آهي_ ڇو تہ هر مذهب پنهنجي پالڻهار يا ڪنهن هستيءَ جي عبادت، پوڄا ڪرڻ لاءِ چوي ٿو، پر گوتم ٻڌ ڪڏهن بہ اهو نہ چيو تہ خدا هڪ آهي يا فلاڻي فلاڻي جي عبادت ڪريو يا مون کي پوڄيو. هن اهو ئي چيو تہ پنهنجي زندگي سادگي سان گذاريو، رحمدل ٿيو، ڪنهن کي نہ ماريو نہ ظلم ڪريو، پنهنجي جسم، پنهنجي روح، پنهنجي خيالن کي صاف سٿرو رکو ۽ توهان مري مري وري جنم وٺندائو جيسين مٿين ڳالهين تي عمل ڪري نرواڻ حاصل نہ ڪندائو. هن ڌرم ۾ هڪ مَنو تي ويهي سوچڻ (Meditation) تي پڻ زور ڏنو ويو آهي. پوءِ هي جيڪي مختلف فرقا آهن تن مان ڪنهن تي ڪنهن ڳالهہ جو وڌيڪ زور ڏنل آهي تہ ڪنهن جو ڪنهن تي گهٽ. مثال طور 658ع ۾ ٻہ جپاني ٻاوا چين مان ٻڌ ڌرم بابت علم حاصل ڪري آيا انهن پنهنجي طريقي سان پرچار ڪري ڪافي پوئلڳ ٺاهيا ۽ انهن پوئلڳن نارا ۾ ۽ جپان جي ٻين شهرن ۾ مندر ٺاهي پنهنجي طريقي جي ٻڌ ڌرم جي پرچار شروع ڪئي جنهن کي ٻڌ ڌرم جو ڪوشا فرقو سڏيو وڃي ٿو.

اهڙي طرح اڳتي هلي ٻڌ ڌرم ۾ ٻيا به فرقا پيدا ٿيا. خاص ڪري جڏهن جپان جي گاديءَ جو هنڌ نارا شهر مان ڦيرائي هائيئان (Heian) ۾ ڪيو ويو جيڪو اڄ ڪلهه ڪيوٽو سڏجي ٿو. ان ڪري اڄ به سڀ کان گهڻا مندر (سون جي تعداد ۾، ننڍا وڏا) نارا، ڪيوٽو ۽ هڪ ٻئي تواريخي شهر ڪماڪورا ۾ نظر اچن ٿا ۽ ٻڌ ڌرم جي مختلف فرقن موجب مختلف مندرن ۾ مختلف شيون ۽ عبادت جا طريقا نموندار ٿي پيا آهن. ڪيوٽو دور جا مشهور فرقا هن ريت آهن: ٽينڊائي، شن گان، اميدا، جودو، شِن شن، زين وغيره.

شن گان جو باني ڪوڪائي (Kukai) هو جيڪو سندس موت کانپوءِ واري نالي ڪبو دائي شي سان وڌيڪ سڃاتو وڃي ٿو. هوهڪ تمام وڏو عالم، ٻائو، ماستر، روحاني بزرگ، آرٽسٽ ۽ ڪاتب (Calligrapher) مڃيو وڃي ٿو. هن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن جپاني لکٽي هراگانا ۾ وڏو سڌارو آندو. (ياد رهي ته جپاني لکڻ لاءِ ٽي لکٽيو استعمال ٿين ٿيون، ٻه اچارن واريون، جيڪي ڪاٽا ڪانا ۽ هراگانا سڏجن ٿيون ۽ هڪ مورتين واري آهي جيڪا ڪانجي سڏجي ٿي جيڪا چين کان هتي جپان ۾ آئي. ڪانجيءَ ۾ لکيل ڳالهه جپاني توڙي چيني پڙهي ويندو پوءِ اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن شڪلين لاءِ هر هڪ وٽ پنهنجا لفظ آهن. جيئن وڻ جي تصوير يا پينٽنگ ڏسي اسين سمجهي سگهون ٿا ته اها ڪهڙي شيءِ آهي پر پڇڻ تي جواب ڏيڻ وارو سنڌي هوندو ته ”وڻ“ چوندو، اڙدو ڳالهائيندڙ ”درخت“ چوندو. اهڙي طرح ڪو ”شجر“ چوندو ته ڪو ”ٽِري“ چوندو).

سو ٻڌ ڌرم جون جپان ۾ انيڪ شاخون ۽ فرقا آهن. هر هڪ جو هتي بيان ڪرڻ پڙهندڙن لاءِ بوريت پيدا ڪندو، جيتوڻيڪ هي پنج ڇهه صفحا به ڪافي بد هضمي پيدا ڪري سگهن ٿا. پر انهن نوجوانن جي سهوليت لاءِ مختصر طور لکيو اٿم جيڪي جپان پڙهڻ يا نوڪري لاءِ اچن ٿا. جيئن ڪين





idea ٿي سگهي ته جپان ۾ ڪهڙا مذهب (شنتو ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم) عام آهن ۽ ٻڌ ڌرم جا ڪيترائي فرقا آهن. اڄ ڪلهه جيڪو تمام گهڻو عام ۽ مشهور فرقو آهي اهو زين ڌرم آهي، جنهن جو ٻائو ٽيڻ لاءِ ڇا ڇا ڪرڻو ٿو پوي ان جو احوال هن کان اڳ واري مضمون ۾ اچي چڪو آهي. بلڪ مسٽر اينا موري (جپان جي مشهور ليکڪ، انڊسٽريلسٽ، انجنيئر ۽ ٻڌ ڀڪشو) جو احوال لکڻ بعد ضروري سمجهيم ته هتي جي مذهبن بابت ڪجهه مختصر لکيو وڃي جيئن جپان ۾ ايندڙ ڌارئين کي ڪنهن مندر يا درگاهه جو سير ڪندي اهو مونجهارو نه ٿئي جيڪو شروع جي ڏينهن ۾ اسان کي ٿيندو هو.

# هالا تنهنجا رنگ هزار

هن دفعي پنهنجي ڳوٺ_هالا ۾ منهنجو ڪيترن ئي سالن بعد ڪجهه ڏينهن لاءِ وڃڻ ٿيو. ڪجهه ڳالهيون جيڪي مون محسوس ڪيون:

هالا آسپاس جي علائقي لاءِ وڏو شاپنگ سينٽر ٿي ويو آهي. هانگ ڪانگ وانگر هالا جي هر گهٽي ۾ هر رستي تي دڪان ئي دڪان آهن. ڪراچي جهڙي شهر جا دڪان به صبح جو ڏهين يارهين کان اڳ نٿا کلن ۽ بدامنيءَ ڪري شام جو ستين ڌاري ئي بند ٿيو وڃن. پر هتي هالا ۾ صبح جو نائين بجي نڪر ته به دڪان کليا پيا آهن. اٺين نڪر ته به دڪان کليا پيا آهن. ستين نڪر ته به دڪان کليا پيا آهن. رات جو نائين بجي تائين ته سڀ دڪان کليا پيا آهن پر ڏهين ساڍي ڏهين تائين به ڪيترائي دڪان ۽ هوٽلون کليل نظر اينديون ۽ گانن جي ڌم ته سڄي سنڌ ۾ جاري آهي.

خريداري ڪير ڪن ٿا..؟ هالا شهر جي ماڻهن کان وڌيڪ ٻهراڙيءَ ۽ اوسي پاسي جي ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن جا ماڻهو نظر اچن ٿا ... سعيد آباد، سڪرنڊ، اڏيرو لعل ۽ ڀيراڻيءَ جا. شهدادپور، ٻاڻوٽ ۽ کاڻوٽ کان ڪنڊو ۽ ڪيبر پاسي جا نظر اچن ٿا. جيڪي واپار وڙي ۽ نوڪريءَ جي سلسلي ۾ هالا اچن ٿا. اڄ ڪلهه مهانگائيءَ جو زمانو آهي. هر ڪو چاهي ٿو ته شيءِ سستي ۽ گهٽ اگهه تي جتان ملي اتان وٺجي. ڪراچيءَ ۾ اسين جوڙيا بازار، جهونا مارڪيٽ، بولٽن مارڪيٽ ۽ ڪارادر جو رخ رکون ٿا. جتي ٻڌي اگهه جا واپاري آهن. مال جي گهڻي ڪپت ٿئينِ ٿي ۽ گهٽ فائدو رکڻ تي به ڪمائين ٿا. هالا جا ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ڳوٺ اچڻ تي پنهنجن مائٽن يا واقفڪارن جي چوڻ تي انهن لاءِ ڪراچي مان ئي سيڌو سامان وٺي اچن ٿا. هن دفعي هالا جي

books.sindhsalamat.com



مارڪيٽ جي هڪ ٻن دڪانن تان به چار شيون وٺيون پيون. هنن مون کي ان ئي اگهه تي ڏنيون جيڪي ڪراچي جي جوڙيا بازار جهڙن هنڌن تي هول سيل واري اگهه تي ملن ٿيون.

”هي اگهه ڀلا فقط مون لاءِ آهي يا سڀني لاءِ“ مون رفيق نالي نوجوان دڪاندار کان پڇيو.

”سڀني لاءِ. جو ته هتي جنهن مارڪيٽ ۾ ويٺا آهيون اتي مقابلو تمام سخت آهي. رپيو اڌ قيمت وڌيڪ رکڻ سان به گراهڪ ڪري سگهي ٿو.“ هن ٻڌايو.

”پوءِ ڇا ڪمايو..؟“ مون پڇيو.

”مارجنل پرافٽ رکڻ سان ۽ گهڻي ڪپت ڪري فائدو ٿيو وڃي“. هن ٻڌايو.

ملائيشيا جي شهر ملاڪا_ جتي آئون رهندو هوس، ان جي پر واري شهر ”سنگائي اُڊانگ“ ۾ هڪ هندو سنڌيءَ اڇي ڪپڙي جو دڪان کوليو، جتي رڳو چيني واپاري هئا. اسان ته چيو ته هن جو هي دڪان هلندو ڪيئن؟ پر پوءِ ٿوري ئي عرصي ۾ هن جي ايڏي ته هاڪ هُلي وئي جو اسان به پنهنجي شهر مَلاڪا بدران سنگائي اُڊانگ مان هن وٽان وڃي خريداري ڪندا هئاسين ۽ هونءَ به اسان جو اتان لنگهه ٿيو ٿي ۽ ڪيتريون ئي شيون اتي جي چيني واپارين کان وٺندا هئاسين. هڪ ڏينهن هڪ چيني دڪاندار هن سنڌيءَ دڪان دار جي شڪايت مون سان ڪندي چيو: ”هن سنڌي دڪاندار اسان جا گراهڪ ڦاهي ڇڏيا آهن. هو ڪپڙو ان اگهه تي پيو ڏئي جنهن تي هول سيل ۾ اسان خريد ڪيون ٿا. خبر ناهي ڪيئن ٿو ڪمائي“.

۽ پوءِ ٻئي دفعي سنڌي دڪاندار کان معلوم ڪيم ته وراڻيائين: ”توهان ماٺ ڪري ويهو. هنن چينين جا اسين بابا آهيون. ڪپڙو واقعي هول سيل واري اگهه تي پيو وڪڻان ۽ وال تي ٽڪو به فائدو نه پيو ٿئيم. پر روزانا

www.sindhsalamat.com

هيترا تاڪيا ڪپايان تو انهن جي ڪاٽ جي پئڪنگ ۽ ڳوٿيون جيڪي بچن ٿيون سي فائدي ۾ آهن ۽ ان ڪا علاوه سئو تاڪين تي تي تاڪيا مفت ملن ٿا جيڪي انعام طور فئڪٽري وارا ڏين ٿا. هاڻ جي آئون اڳهه وڌائي وڪڻندس تہ ڪهڙو گراهڪ پراڻا دڪان ڇڏي مون وٽ ايندو. هينئر گهٽ ۾ گهٽ بجليءَ جو بل تہ ڪڍيو وينو آهيان.“

ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ڳوٺائي دوستن سان ڳالهہ ڪيم تہ توهان کي تہ ڳوٺ لاءِ ڪراچي مان خريداري ڪرڻ جي ضرورت ناهي. هالا ۾ هر شيءِ سستي آهي. مون سمجهيو هنن لاءِ اها News هوندي، پر هنن کي اڳهين خبر هئي.

”اسين بولٽن مارڪيٽ يا ايمپريس مارڪيٽ ۾ پيٽرول ساڙي ۽ وقت وڃائڻ بدران ڳوٺان (هالا) کان هر شيءِ ڪراچي وٺي اچون. سيڏي سامان کان وٺي پلاسٽڪ جي سامان ۽ ڪپڙن بوٽن تائين.“ هنن ٻڌايو.

سيوهڻ جو منهنجو هڪ دوست ڪموڊور زين العابدين شاهہ ۽ سندس زال ڊاڪٽر جميلا ڪجهہ هٽ جي اوڃي جا ڪپڙا ۽ رلين جا تهہ مون کي ڪراچيءَ ۾ ڏيکاريا.

”هي اسان هالا مان وٺي آيا آهيون. هونءَ اسان سيوهڻ کان ايندي حيدرآباد مان خريداري ڪندا آهيون پر هن دفعي هالا هليا وياسين. هڪ هڪ ڊريس تي ٽيهہ پنجٽيهہ رپيا گهٽ قيمت پئي“. هنن ٻڌايو ۽ پوءِ وڏو ٽهڪ ڏئي چيائون: ” ادا هڪ دڪاندار ٻہ رپيا وال تي تنهنجي ڪري ٻہ ڇڏيا. ڪيس چيوسين الطاف شيخ کي سڃاڻين؟ اسان هن جا دوست آهيون.“

”پر منهنجي تہ ڪنهن مائٽ کي ڪپڙي جو ڪو دڪان ڪونهي.“ مون ٻڌايومان.

”هن تنهنجا سفرناما اخبار ۾ پڙهيا آهن.“ ڪموڊور شاهہ ٻڌايو.

”يو لڪي مئن!“ مون وراڻيومانس.





۽ واقعي اسان جو يار لڪي (ڀاڳ وارو) هو. هالا جي جنهن دڪان تي چڙهي مون سوسي ۽ ڪاڏيءَ جو ڪپڙو ورتو تنهن کان پڇيم ”ادا الطاف شيخ کي سڃاڻين؟“

”نہ“ هن نهہ پهہ وراڻيو.

”هن جو ڪو سفرنامو پڙهيو اٿئي؟“ مون ورڏئي پڇيومانس.

”نہ“

”پلا عبرت يا ڪا ٻي اخبار پڙهين؟“ مون پڇيومانس.

هن بيزار ٿي پهرين مون کي گهوري ڏٺو تہ هي ڪير بيوقوف مٿو کائي ويو آهي ۽ پوءِ چيو:

”سائين اسين دڪاندار ماڻهو هتي اسان کي ڪو اخبار پڙهڻ جو وقت آهي؟ صبح کان گراهڪن سان مٿو هڻون ٿا تہ وڃيو رات ٿئي. جمعو آچر بہ موڪل نہ ڪيون. پڙهڻ لاءِ ڪنهن کي ٽائيم آهي؟“

دل ۾ چيم: ”وڏو خوشنصيب آهين. توکي نہ فاروق لغاري ۽ نواز شريف جو اونو نہ لياقت جتوئي، غوث علي شاهہ ۽ سجاد علي شاهہ جي ڄاڻ. نہ ڊالر پائونڊ جي اڳهہ لهڻ چڙهڻ جو فڪر نہ IMF ۽ F_16 جي سڌ سماءُ ڪڏهن ڪڏهن اگنورنس از بلس“.

ان دڪان تان لهي ٻئي تي چڙهيس.

”احسان شمس ڪلاٿ اسٽور“ نالي دڪان تي ٽنگيل رنگين ڪپڙن جو فوٽو ڪيڏڻ لاءِ دڪاندار کان موڪل ورتم.

”اڇو اڇو سائين، هڪ ڇا ڏهہ فوٽو ڪيو.“ هن وراڻيو. فوٽو ڪيدي بس ڪيم تہ هن ٻہ چار رلين جا تهہ ڪٽي اڳيان ڪوليا.

”نہ. خريداري نہ ڪرڻي اٿم“ مون ڪيس صاف ٻڌايو.

” پر سائين ڏسي تہ سگهو ٿا. ڪالهہ ئي نئون مال آيو آهي. بابا ڇوڪرا هڪ چانهہ تہ ڪٽي اچ.“ هن اعليٰ Salesmanship جو مظاهرو

ڪيو.

"چانهہ لاءِ جهلجوس. آئون نہ پيئندو آهيان." مون ڪوڙ ڪان ڪم ورتو.

"پر سائين ڪپڙا تہ ڏسي سگهو ٿا نہ". هن تيستائين هڪ ٻہ ٻي رلي کولي. وٺڻ مون نتي چاهي پر رلي جي برائيٽ ۽ ڇهڄ رنگن منهنجي دل موهي رکي. مون دڪاندار ۽ پنهنجي دل ڪان جان ڇڏائڻ لاءِ ڪيسي ڏي اشارو ڪري هڪ دفعو وري ڪوڙ ڳالهايو.

" هن وقت پئسا بہ نہ آهن."

"سائين پئسن جي تہ ڳالهہ ئي نہ پيا ڪريون". دڪاندار هڪ ٻيو تهہ کولندي چيو. "پئسا تہ پوءِ بہ ملي ويندا، هن وقت فقط ڏسي تہ سگهو ٿا."

مون نتي سمجيو تہ هي ڳوٺن جا دڪاندار ايترا Aggressive Salesmenship ڪري سگهن ٿا جيڪا ڪراچي جا بوهري، اسماعيلي يا سنگاپور، هانگ ڪانگ جا چيني ۽ سنڌي هندو ڪن ٿا."

"گهٽي ٿا ڏيو." رليءَ جو هڪ تهہ ڏسندي مون ڪان وات مان نڪري ويو.

"سائين ڪا خاص قيمت ناهي فقط ٻہ سئو رپيا." دڪاندار وراڻيو.

"واقعي قيمت تہ خاص ناهي." مون دل ۾ سوچيو. "اڄ ڪلهہ هڪ بيڊ شيٽ جي قيمت ئي ٻہ سئو رپيا آهي. هڪ ٻن دوستن لاءِ وٺي وڃان. هنن تي ٿورو بہ ٿيندو ۽ هالا جي نشاني بہ هنن وٽ رهندي. وٽين تہ ڇٽن ڳلن وارو هي تهہ پٽ تي ٽنگي ڇڏين. وٽين تہ بيڊ شيٽ طور استعمال ڪن يا رلي بڻائينس."

"هن ڪان بهتر بہ اٿانو؟" مون دڪاندار ڪان پڇيو. هن بہ ٻيا تهہ ڏيکاريا جيڪي ٽي ٽي سؤ وارا هئا.

"سائين مون وٽ ڏيڍ ڏيڍ هزار رپئي واريون بہ رليون آهن، توهان





جيڪا پسند ڪريو." هن جهڪندي چيو.

"نہ نہ، اهي آئون افورڊ نتو ڪري سگهان." مون ڪيس مٿين تختن تي ٻيا تهہ لاهڻ ڪان منع ڪندي چيو.

"پر سائين ڏسي تہ سگهو ٿا." دڪاندار چيو.

مون ٻہ ٽي ٽي سؤ وارا تهہ ڪٽندي ڪيس جلدي پيڪ ڪرڻ لاءِ چيو. هي "ڏسي تہ سگهو ٿا، ڏسي تہ سگهو ٿا" جي تسبيح پڙهي مون کي وجي trap ڪندو. مون دل ۾ سوچيو ۽ پوءِ قيمت لاءِ وري پڪ ڪئيمانس.

"قيمت تہ صحيح آهي نہ؟ يا حيدرآباد مان ان ڪان بہ سستي ملي ويندي؟" مون پڇيو.

"سائين بي فڪر رهو. سوال ئي نتو پيدا ٿئي تہ ان ڪان سستي ملي" هن وڏي اعتماد سان چيو.

"پاڻ ڪير آهين؟" پئسا ڏيندي آخري سوال ڪيومانس.

"هالا پراڻا جو ميمڻ آهيان."

" سئو واپاري آهين." ڪيس ڪامپليمينٽ ڏيندي سندس دڪان تان لٿس.

هالا جي شاهي بازار اڄ ڪان نہ پر ڳذريل سئو سالن ڪان مشهور آهي. حيدرآباد جي بازار وانگر ڍڪيل آهي. سندس ڇت ڪئنچي ٽائيپ سڏجي ٿي. اونهاري ۾ اس ڪان ۽ سياري ۾ سيءُ ڪان ۽ مينهن ڦڙيءَ ڪان خريدار هميشہ بچيل رهي ٿو. ان ڪري گراهڪ هڪ دفعو درگاهہ وٽان، مارڪيٽ ڪان يا چونڪ ڪان بازار اندر گهڙي ٿو تہ پوءِ سجي بازار ۾ سيف آهي.

هالا بازار جي خريدارن ۾ مردن ڪان وڌيڪ عورتون آهن. ايتريون عورتون تہ ريشم ڳلي ۾ بہ نظر نٿيون اچن. پر هالا شهر جي ڪا عورت ورلي نظر ايندي ( اهي سوزوڪيون پري حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ شاپنگ لاءِ وڃن.

جيئن عربياڻيون پئرس ۽ لنڊن وڃن) باقي هالاجي اوس پاس ۽ ٻهراڙي جون عورتون رنگين ۽ ڀرت جي وڳن ۾ سون جي تعداد ۾ نظر اينديون. هنن لاءِ هالا جي هيءَ بازار حيدرآباد جي ريشم گلي ۽ ڪراچيءَ جي بوهري بازار ۽ طارق روڊ کان گهٽ ناهي، جتان ڪين هر شيءِ ڪپڙي گندي، ٻِهه ٻُتي کان سيڏي سامان ۽ ٽانو ٽپي تائين ملي وڃي ٿو ۽ تمام مناسب اگهه تي. مردن جو وڏو تعداد وري هالا جي مارڪيٽ ۾ هوندو آهي، جتي هوٽلن، پڪوڙن ۽ چولن وارن جي دڪانن تي سڄو ڏينهن پيهه پيهان متل رهي ٿي. آڌي رات کان نان پاون ۽ چانهه جا هنڌا رڌڻ شروع ٿين ٿا ۽ رات جو ڏهين يارهين تائين ڪوابن ۽ پڪل گوشت جي پَچڻ تي وجي ڀڄاڻي ٿيندي آهي.

عبدالغفار جوئيلرس جي دڪان تان پڇايم ته انگريزن جي ڏينهن جا چاندي جا رپيا ملي سگهندا جن تي انگلنڊ جي بادشاهه جارج ۽ راڻي وڪٽوريا جون شڪليون آهن.

"اسان وٽان ته سون جون گنيون به ملي سگهن ٿيون" دڪاندار وراڻيو.

پراڻن پينگهن ۽ درن کان پراڻا ٻِهه ٻُنا وٺن لاءِ ماڻهو هالا جو رخ رکن ٿا، پر هالا ۾ سڀ کان گهڻو گهِيت. ماکي ۽ ڏاڻي وڪرو ٿئي ٿي. ڪراچيءَ کان آيل هڪ فئملي کان پڇيم ته هنن کي هالا جي ڪهڙي شيءِ پسند آهي.

"پڪوڙا". هنن وراڻيو. "هالن جي ٿهيل پڪوڙن جهڙا سنهان، مرچائي، ميهن پٽاٽن وارا لذيذ پڪوڙا ڪٿي به نه ملندا. گهر ۾ ٺاهيل پڪوڙا به تيل ۾ چڪڙ رهن ٿا، پر هتي (هالا جي مارڪيٽ) جا پڪوڙ اخسته (Crispy) ۽ ٿيسٽي آهن."

هڪ پنهنجي پاڙيسري (هالن نون) جي دڪاندار کان پڇايم ته هالا ۾ واپار، يعني دڪان هلائڻ ڪيئن آهي.





"ڏاڍي محنت ڪرڻي پوي ٿي." هن وراڻيو. "هالن پراڻن جي "ميمڻ" دڪاندارن سان مقابلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هو سٽي ۾ سٽي شيءِ، سستي ۾ سستي اگهه تي ۽ تمام وڏي مقدار ۾ خبر ناهي ڪٿان وٺيو اچن جو ريزڪي Retail تي به هنن جي قيمت ايتري گهٽ آهي جو ٻين وٽ ٻڌي (Whole Sale) تي به نه ملي."

هڪ دڪاندار انگريزي ۾ ڳالهائي رهيو هو. "پڙهيل آهين؟" مون پڇيومانس.

"هالا ۾ سائين ڪير آهي جو پڙهيل ناهي. چولن وڪڻڻ وارو به ڊبل ايم اي آهي! آئون ته ڊاڪٽر آهيان."

"پوءِ ڊاڪٽري نه ڪيانو؟" مون پڇيومانس.

"سرڪاري نوڪريون ڪٿي آهن. اجايو انتظار ڪري هڏ حرام ٿيان ان کان دڪان کولي ڪِرت ۾ لڳي ويو آهيان." هن ٻڌايو.

"منهنجو مطلب آهي ته هن دڪان بدران ڪلنڪ کولين هان". مون چيومانس.

"ڪهڙي گهٽي آهي جنهن ۾ ڪلنڪ ڪانهي، جتي آئون ڪٽي کوليان؟ هالا اهو شهر آهي جتان هر سال مرد ڊاڪٽر ته ڇڏيو رڳو ليڊي ڊاڪٽر به ويهارو کن ٿيون ٿين. هن وقت به سئو کن ڊاڪٽر MBBS ڪريو ويٺا آهن. پوءِ انهن مان ڪي ڏنڌي ڌاڙيءَ ڪي لڳي ويا آهن ته ڪي نوڪرين جي انتظار ۾ آهن. اهو ئي حال B.E ڪيل انجنيئرن ۽ MBA وارن جو آهي."

منهنجي خيال ۾ سنڌ جي ڳوٺن ۾ هالا اهو آهي جنهن ۾ سڀ کان گهڻو تعداد تعليم يافته ماڻهن جو آهي. سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهرتوهان کي هالا جا ماڻهو هر آفيس ۾ نظر ايندا. فوج ۾ پڻ هالا جا ماڻهو ٻين ڳوٺن جي ماڻهن کان گهڻا آهن. خاص ڪري نيوي ۽ آرميءَ ۾! مرد ته ڪموڊور ۽ برگيڊيئر رئنڪ جا ملندا پر ڪيتريون ڇوڪريون به ميجر رئنڪ تي پهچي

ويون آهن.

پر يارو سنڌ جي ٻين شهرن وانگر هالا جي تعليم جو معيار به اڄ اهو نه رهيو آهي. اهو ڳوٺ جنهن ڊاڪٽر حسن، ڊاڪٽر عبدالرحمان (V.C)، پروفيسر عبدالرزاق (دائود ڪاليج جو پرنسپال)، پروفيسر عبدالقدوس علوي (وي سي NED)، پروفيسر احمد علي انصاري، رسول بخش راهو (جنرل مئنيجر KPT) مسعود ارباب، حاجي قادر بخش ميمڻ، محمد خان ميمڻ جهڙا ذهين هوشيار، قابل چيف انجنيئر، ڊاڪٽر ۽ عالم انيڪ پيدا ڪيا. اهي سڀ غريب مائٽن جا ٻار هئا ۽ پنهنجي محنت سان جهڙن تهڙن قلمن، ڪاپين ۽ ڏيئي جي روشني ۾ پڙهي پنهنجو ۽ پنهنجي ملڪ جو نالو مٿي ڪيو. اڄ ان ڳوٺ جا شاگرد انٽر بعد جڏهن ڪنهن پروفيشنل ڪاليج ۾ پهچن ٿا ته هنن کان انگريزي جو جملو نٿو ڳالهايو ٿئي! ويهن تائين ڪوڙا نٿا اچن! نائين ڪلاس جو علم بدن، انگي حساب ۽ فزڪس ڪيمسٽري سمجهه ۾ نٿي اچين! پوءِ اُهي تعليمي ادارا جتي سڄي پاڪستان جي شهرن جا شاگرد آهن اتي اسان جي سنڌ جا شاگرد جهڙا وائڙا وائڙا! علمي معلومات کان بنهه يتيم، باقي بورڊ جي رزلٽ شيٽ ۾ ڏسو ته سندن هر سبجيڪٽ ۾ سڀ کان گهٽيون مارڪون نظر اينديون. اهو ئي حال هاڻ هالا جي شاگردن جو آهي. اهو شهر جنهن جي هر گهٽيءَ ۾ ميڊيڪل ڊاڪٽرن کان علاوه پي ايچ ڊي وارا ڊاڪٽر نڪتا ٿي. ۽ شايد ئي ڪو پنهنجي خرچ تي پڙهيو هجي سڀ پنهنجي قابليت تي، اسڪالرن تي پڙهيا. پوءِ ڪنهن روس مان جيولاجي سبجيڪٽ ۾ ڊاڪٽوريٽ ڪئي ته ڪنهن انگلنڊ مان ڪيمسٽري، فزڪس ۾، ڪنهن اليڪٽرانڪس ۾ ته ڪنهن ڪمپيوٽر سائنس ۾. ڪنهن سول انجنيئرنگ ۾ ته ڪنهن مڪينيڪل انجنيئرنگ ۾. ڪهڙو سبجيڪٽ آهي جنهن جا ڄاڻو هن شهر هالا ۾ نه هجن. ڪنهن به علم جي معلومات وٺڻي هجي ته هن شهر ۾ ان سبجيڪٽ جا Expert هڪ کان وڌيڪ ملي ويا ٿي. پر اڄ جي





شاگردن کي فقط هڪ ڄاڻ آهي ته ڪاپي ڪيئن ڪجي! ڪارتوس ڪيئن ناهجن! هڪ ٻدران ٻئي کي امتحان ۾ ڪيئن وهارجي! حڪومت به ان کي روڪڻ جون ڪوششون وٺي وٺي ٿڪجي پئي آهي. امتحان هال ۾ ايڪسٽرنل ٿا اچن. پوليس ٿي اچي، ايس ڊي ايم ٿو اچي. رينجرس ٿا اچن، پر ڪنهن کي ڪنهن جي پرواهه ناهي. اها ئي ڪاپي هلندي اچي. هرڪو بي اي، ايم اي، بي ايس سي جون هڪ کان وڌيڪ ڊگريون حاصل ڪري پنهنجي ظاهري ڪاميابي تي خوش پيو ٿئي. شايد حڪومت به ڍر ڏئي ڇڏي آهي ته پلي سڄو فائيل ڊگرين سان پريو. نوڪريون ته هونءَ ئي آهن ڪونه. يا اڄ نه سڀاڻ ميڊيڪل، انجنيئرنگ جهڙن ڪاليجن جي چونڊ لاءِ فوجي ڪاليجن وانگر الڳ "داخلا ٽيسٽ" وٺبو ته اهڙي طرح انٽر پاس ٽيل ڪو به نه اچي سگهندو. انگلنڊ آمريڪا ته ڇا ملائيشيا ۽ سعودي عرب جهڙن ملڪن به، ڪڏهوڪو، اسان جهڙن ملڪن جي شاگردن کي ڪٽڻ ڇڏي ڏنو آهي. هنن کي خبر آهي ته هتي MBBS,BE ڀيون ڊگريون ڪيئن پيون حاصل ٿين.

اسان جو ڳوٺ هالا عمارت سازي جي نموني سان گڏ صاف سٿرو پڻ چيو وڃي ٿو، بلڪه سڏيو ويندو هو. اڄ کان اڌ صدي ڪن اڳ، جڏهن اسان پرائمري اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين، منهنجي ڌيان تي ان وقت جي گهٽين جو نقشو اڄ به چٽو پٽو آهي. سڏيون گهٽيون، انهن گهٽين ۾ سڏين پٽين وارا گهر... جيتوڻيڪ ڪچائي سهي. گهرن جون ڏڪيون ٻاهر گهٽين ۾ نڪتل ٻدران اندر چوديواري ۾ هونديون هيون. انصارين جي گهٽي، عالياڻي گهٽي. ڪَڪَن جي گهٽي، ڀٽن جي گهٽي_ هر گهٽي ٻئٽ ٻال ڪيڏڻ کان وٺي ونجهوٽي ڪيڏڻ لاءِ Ideal هوندي هئي. هر گهٽيءَ جي وچ ۾ پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ نالي هوندي هئي جنهن مان فقط مينهن جو يا گهر جي هار وير جو پاڻي گذرندو هو. ڪاڪوس "سنداس ٽائيپ" هوندا هئا يا ڀنگياڻي نائين ڏهين ڏهين ٻجي ڏاري گهرن جي صفائي ڪري ويندي هئي، جنهن وقت ٻار

اسڪولن ۾ هوندا هئا ۽ مرد ماڻهو دڪانن ۽ آفيسن ۾. انهن ڏينهن ۾ اسان جي ڳوٺ مان اڃا ڪو سول انجنيئر نه ٿيو هو.

ڏهاڪو سالن بعد محمد صديق، قادر بخش، عبدالباقي متقي، عبدالقدوس علوي، مسعود ارباب، محمد خان ميمڻ .... شايد پهريان انجنيئر ٿيا. هالا ۾ جايون ٺاهڻ لاءِ ڊئريڪٽ رازي سان ڪنسلٽ ڪبو هو جيڪي بنا ڪنهن نقشي جي مٿي ٻڌايل گهرن جهڙا سهٽا، سڌا، هوادار گهر ٺاهيندا هئا. ان وقت جي رازن مان اڄ به عبدالهادي متقي جهڙن هوشيار ۽ ايماندار رازن جا مثال ڏنا وڃن ٿا جيڪي نه پاڻ مالڪ جو پئسو يا سيمينٽ کائيندا هئا ۽ نه مالڪ کي پبلڪ جي گهٽيءَ جي زمين چوري ڪرڻ ڏيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر به اڃا نه ٿيا هئا. حڪيم ۽ پساري هوندا هئا جيڪي گهٽو ڪري خدا ڪارڻ ماڻهن کي چڱائيءَ لاءِ چوندا هئا. ناليءَ ۾ ٻال ڪري پوندو هو ته لنگهندي وقت سمجهاڻيون ڏيندا هئا ته ان کي صاف پاڻيءَ سان ڌوئي پوءِ کيڏيو.

پر يارو! اڄ ان شهر جو ( ۽ پڪ سنڌ جي ٻين شهرن جو پڻ) نمونو ئي بدليو پيو آهي. اڄ جيتوڻيڪ هالا ۾ فقط سول انجنيئر ۽ ڊاڪٽر هڪ سئو کان مٿي آهن پر اڄ نه گهٽيون سڌيون آهن نه گهر سڌا آهن. قدم قدم تي انڪروچمينٽ آهي گهر کي گهٽيءَ ۾ ڪڍي اچڻ کي اڄ عمارتسازي جو ڪرتب سمجهيو وڃي ٿو. باٿ روم ۽ ڪاڪوس ماڊرن ٿي ويا آهن پر ٻاهر گٽر سسٽم آهي ئي ڪونه!هر گهر جو گند ٻاهر نالين ۾ پيو آهي ۽ سڄو ڏينهن ڌپ ۽ سڙانڊ جو واسو رهي ٿو. گهٽين ۾ ٻار نالين اڳيان ويٺا راند ڪن. هڪ ڊاڪٽر ڏک ڪندي چيو ته سنن ڪاڏن خوراڪن هوندي به هتي جا ٻار پيٽ جي بيمارين ۾ ورتل رهن ٿا،جنهن جا خاص سبب گهٽيءَ ۾ گندگي ۽ پاڻيءَ جي خرابي آهي. ڪوهن بدران هينئر گهر گهر ۾ Tap واٽر آهي پر غير معياري پائيپن ۾ سنها سوراخ هجڻ ڪري انهن مان نالين جو گندو پاڻي ۽





ڪرفتي پائيپن ۾ Vaccum ٺهڻ مهل اندر گهڙي پيئڻ جي پاڻيءَ ۾ مڪس ٿئي ٿو ۽ ٻارن ۽ وڏن کي پيٽ جي بيمارين ۾ مبتلا ڪري ٿو. اسان جي ڳوٺن جون گنديون گهٽيون هڪ پئٿالاجسٽ شاگرد لاءِ سڪيا جي ليبارٽري ته ٿي سگهن ٿيون پر ماحول سڌار جي چاهيندڙ جو خواب هرگز نه.

# سائو نہ سلڙو......

نيشنل لئبرري جي هال ۾ هڪ سنڌين جو پروگرام هو. آئون پاڪستان کان ڏهہ سال کن ٻاهر رهڻ بعد موٽيو هوس. ڪيترائي ماڻهو اهڙا هئا جيڪي مون لاءِ نوان هئا. ان دعوت ۾ سلطانا وقاصيءَ (ڪالم نويس ۽ شاعره) سرمد سنڌي نالي هڪ نوجوان ڳائڻي سان ملايو. راڳ جي حصي ۾ هن ٿي ڪن گيت ٻڌايا ۽ مهمانن هن کي تمام گهڻو ساراهيو. انهن گيتن ۾ جيڪو تمام گهڻو پسند ڪيو ويو ۽ سڄي هال ۾ تاڙين سان ڪجهہ ماڻهو نچڻ بہ لڳا، اهو هو:

ڪنديءَ نہ سگري،
ٻير نہ پلڙو،
سائو نہ سلڙو،
چانگون نہ چيلڙا،
مارو اڪيلڙا... مارو اڪيلڙا....

"هي تہ روئڻ جو مقام آهي" مون دل ئي دل ۾ سوچيو، هن ۾ تاڙيون وڄائڻ ۽ خوشيءَ مان نچڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي! ڳائڻ وارو اسان جي سنڌ جي مارن جو ڪيڏو نہ ڏک ڀريو داستان ٻڌائي رهيو آهي:

ڪنديءَ نہ سگري ٻير نہ پلڙو
سائو نہ سلڙو، چانگون نہ چيلڙا، مارو اڪيلڙا...

اسان جا درويش ماڻهو راڳ جي پيغام کي سمجهڻ بدران ان جي ميوزڪ تي خوش ٿي نچي رهيا هئا. ان وقت مون کي ان سان ملندڙ هڪ ٻيو پراڻو واقعو ياد آيو. 1971 واري پاڪستان هندستان جي جنگ کان سال بہ





اڳ ۽ پوءِ اسان جو جهاز ڪيترا دفعا چين جي هڪ ڏاڪڻي بندرگاهہ ۾ ويندو رهيو. هر دفعي پهچڻ تي ان بندرگاهہ جي انتظاميا اسان جهاز وارن کي هڪ تمام وڏي دعوت ڏيندي هئي. ڊنر بعد انهن جو ليڊر چيني زبان ۾ تقرير ڪندو هو. اسان کي اهو چيو ويو تہ چينين جي رسم موجب اسان کي ٿوري ٿوري دير بعد تاڙيون وڄائڻ کپن چاهي تقرير جيڪا چيني زبان ۾ ٿئي ٿي، اسان کي سمجهہ ۾ اچي يا نہ.

بهرحال اسان هر دفعي دعوت ۾ ٿيندڙ تقرير تي رڪي رڪي تاڙيون وڄائيندا هئاسين ۽ ان ۾ ڪو عيب يا خرابي نہ هئي. اسان جي دوست ملڪ چين جو معزز ميزبان هيڏي پئماني جي ماني ڪارائي تقرير ۾ پاڪستان چين دوستي لاءِ دعائون گهرندو هو. اسان جي همٿ ۽ پهلوانيءَ جا ڳڻ ڳائيندو هو. پاڪستان ۽ چين جي وڌندڙ تعلقات جي تعريف ڪندو هو... وغيره وغيره... اسان کي اهو ٻڌايو ويو ۽ اسان هر دفعي تقرير دوران رڪي رڪي تاڙيون وڄائي چيني ميزبانن کي خوش ڪندا رهياسين.

1971 ع جي جنگ تي ان بعد وري چين جي ان بندرگاهہ ۾ وڃڻو پيو. هاڻ جهاز تي اسين فقط مغربي پاڪستان جا هئاسين. مشرقي پاڪستان جا اسان جا ساٿي مشرقي پاڪستان بنگلاديش ٿيڻ تي الڳ ٿي ويا هئا. چيني بندرگاهہ جي انتظاميا وارن دستور موجب اسان جي پهرين رات ئي ڊنر ڪئي جنهن بعد پهرين وانگر وڏي تقرير بہ ٿي ۽ اسان بہ پهرين وانگر رڪي رڪي تاڙيون وڄائيندا رهياسين. پر اهو دعوت ۾ ئي محسوس ڪيوسين تہ اسان جي تاڙين وڄائڻ تي موجود چيني مهمان توڙي ميزبان خوش نہ پئي ٿيا.

بهرحال اهو راز ٻئي ڏينهن فاش ٿيو جڏهن اسان جي انگريزي ڳالهائيندڙ چيني ايجنٽ اسان کي جهاز تي اچي ٻڌايو تہ اسان کي رات واري تقرير ۾ تاڙيون وڄائڻ نہ کپنديون هيون.

”ڇو...؟“ اسان وائڙو ٿي پڇيس.

” ان ڪري جو رات واري تقرير ۾ شهر جو ميئر اهو ڇئي ڏک جو اظهار ڪري رهيو هو ته ”اسان کي افسوس آهي جو هن جنگ ۾ پاڪستان جو اڌ حصو (مشرقي پاڪستان) جدا ٿي ويو آهي ...“ ۽ توهان ويٺي تاڙيون وڄايون.

هن اهو به چيو ته ”اسان چينين کي ڏک آهي ته اسان جي دوست ملڪ پاڪستان جي بهادر فوج هندستان وٽ قيد آهي....“ ۽ توهان ويٺي تاڙيون وڄايون. ”هڪ ڏک جي مقام تي توهان تاڙيون وڄائي خوشيءَ جو اظهار ڪيو...“

اهو ٻڌي اسان کي ڏاڍو افسوس ٿيو.

۽ ان ڏينهن،نئشنل لئبرريءَ ۾ ان قسم جي ساڳي رواداد هئي. اسان جهاز وارا ته ٿياسين ماڇي، مهاڻا، ساٽي .... يعني اڻ پڙهيل جاهل! اسان ته ٿياسين چيني ٻوليءَ کان به اڻ واقف .... پر اسان جي پڙهيل ڳڙهيل ۽ سنڌيءَ کان واقف audience کي ڇا ٿيو آهي جو هو هڪ افسوسناڪ situation ۽ اهڙي خطرناڪ حالت جو ٻڌي خوشيءَ وچان ٽينگ ٽُپا ڏئي رهيا آهن! ڇا اهو خوشيءَ جو پيغام آهي ته ڪنڊيءَ نه سگري، ٻير نه پلڙو، سائو نه سلڙو، ڇانگون نه ڇيلڙا، مارو اڪيلڙا... مارو اڪيلڙا...

يعني هڪ خوفناڪ قسم جي ڏڪار جي حالت آهي، جتي مال (ٻڪرين، ڇيلن، وغيره) لاءِ ڪنڊيءَ جو وڻ ئي نه آهي. نه وڻ آهي ۽ نه ان جو ميوو_ سگريون آهن_ جيڪي ٻڪريون توڙي اُٺَ شوق سان کائيندا آهن. اهو ته ٺهيو پر پاٽيءَ جي اٽاٽ ڪري ٻير جو وڻ ۽ ان جو ميوو پلڙا به نه آهن .... نه آهن ڇيلڙا. يعني نه مال آهي ۽ نه انهن جي کائڻ لاءِ ٻير، ديوي، ڪَنڊي يا





ٻين وڻن جو ڇانگون (ٽاريون) ... ۽ ان ڳالهه تي اسان خوش ٿي تاڙيون وڄائي رهيا هئاسين.

# حد کان وڌيڪ لاڏلا اسان جا ٻار

ويجهڙائيءَ ۾ ريڊيو تان هڪ سنڌي راڳ ٻڌم، ماءُ پنهنجي ننڍڙي ٻار جي رُسڻ تي راڳ ڳائي، هن کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي:

”جاني ري، منهنجا منڙا جاني،
رسي نہ وڃ تون ماءُ کان،
هٿ تي ٻڌانءِ، پيرين ٿي پوانءِ.
رسي نہ وڃ ماءُ کان... “

مون سان گڏ سنڌ حڪومت جو هوم سيڪريٽري برگيڊيئر مختيار بہ ويٺو هو. گانو ٻڌڻ مهل هو بہ ڪجهہ اهو ئي سوچي رهيو هو، جيڪو آئون سوچي رهيو هوس تڏهن تہ گاني ختم ٿيڻ تي هن يڪدم چيو:

”سنڌي ڪلچر ۾ اجهوائين ٻارن جو مٿو خراب ٿو ٿئي ۽ پوءِ هو ماءُ کي نوڪرياڻي ٿو سمجهي.“

واقعي پٽ ٻار کي جيترو اسان جي معاشري ۾ مٿاهون سمجهيو ٿو وڃي اوترو شايد ئي ٻي قوم ۽ ملڪ ۾ هجي. پٽ ٻار تي سختي ڪري هن کي ڊسيپلينڊ ۽ محنتي بڻائڻ بدران هن کي حد کان وڌيڪ لاڏ ڪوڏ ڏئي والدين ڪاريو رکن. هو پنهنجي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪرڻ ۽ پينرن جو خيال رکڻ بدران اهو ئي expect ڪري ٿو تہ اهي مرڻ گهڙيءَ تائين هن جي خدمت ۽ خيال رکندا رهن.

هڪ ڏينهن منهنجي دوست ليڪچرار ڪئپٽن لوڌي اچي ٻڌايو تہ نون چونڊجي آيل ناٽيڪل ڪئڊٽن ۾ هڪ ڪئڊٽ اڪيڊمي ڇڏي وڃڻ چاهي ٿو.





”نواب شاهہ ضلعي جي ڪنهن ڳوٺ جو آهي، توهان هن کي روڪي سگهو تہ بهتر ٿيندو. غريب جو مستقبل ٺهي ويندو. “هن چيو.

مون هن ڪئڊٽ کي آفيس ۾ گهرايو جنهن کي ڳوٺان آئي هفتو کن مس ٿيو هو. مون هن کي اهو احساس ڏيارڻ جي پوري ڪوشش ڪئي تہ هو خوش نصيب آهي جو سڄي پاڪستان مان هزارين اميدوارن مان چونڊيل پنجاهہ مان هڪ آهي. ٻن سالن جي تعليم بعد جهاز تي ڪئڊٽ آفيسر ٿي ويندو، جتي دنيا ڏسڻ سان گڏ پگهار ملڻ بہ شروع ٿي ويندس. محنت ڪندو رهيو تہ ستن اٺن سالن ۾ جهاز جو ڪئپٽن ٿي ويندو. پر مون ڏٺو تہ هو منهنجي ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ راضي نہ هو.

”مون کي ڪجهہ ڏينهن موڪل ڏيو تہ آئون ڳوٺانٺي اچان. آئون گهر وارن کي ياد ٿو ڪريان“، هو چوندو رهيو.

”ڳالهہ ٻڌ!“ مون هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ”تو هڪ اهڙي لائين اختيار ڪئي آهي جنهن ۾ موڪل جو ۽ مائٽن سان سگهو سگهو ملڻ جو تہ سوچڻ ئي نہ کپي. جهاز هڪ دفعو بندرگاهہ ڇڏي ٿو تہ هلندو ئي رهي ٿو، چاهي ڏينهن هجي يا رات، عيد هجي يا عاشورو. سمنڊ تي موڪل ۽ مائٽن سان ملڻ جو تہ ڪو سوچي نٿو سگهي. ٻي ڳالهہ تہ تون اڪيڊمي ڇڏي هليو ويندين تہ هڪ سيٽ هلي ويندي. ائين ناهي تہ ڪو هاڻ تنهنجي جاءِ تي ڪوٽا مطابق سنڌ جي ٻئي شاگرد کي چانس ملي سگهندي.“

بهرحال مون گهڻو ئي چاهيو ٿي تہ هي نوجوان ترسي پوي. سندس پيءُ هڪ هاري هو ۽ ڪيس پنج پينرون ۽ ٽي ننڍا ڀائر هئا. يعني پيءُ ويچاري قرض کڻي ٻين کي ڏکيو رکي هن جو مستقبل ٺاهڻ لاءِ ڳريون فيون ڏئي هيڏانهن موڪليو هو. پر هن جي دل صفا نہ پئي لڳي.

”آخر توکي هتي ڪهڙي تڪليف آهي جو رهڻ نٿو چاهين؟“ اسان

پڇيس.

”هتي صبح جو سوير اٿڻو پوي ٿو، پي ٽي پريڊ ڪرڻي ٿي پوي. هر ڪم پاڻ ڪرڻو ٿو پوي. پڙهائي به گهڻي ۽ ڏکي آهي... “ هن سبب ٻڌايا.

مون هن کي اهو به سمجهايو ته اهي سڀ ڳالهيون ٻين شاگردن لاءِ به ته آهن جيڪي گلگت ۽ سوات جهڙن ڏوراهن هنڌن کان آيا آهن ۽ اهو پڻ ٻڌايومانس ته اڄ کان چاليهه سال اڳ آئون به هن وانگر ڪئڊٽ هوس ۽ انهن ڏينهن ۾ ته هيءُ اڪيڊمي چٽاگانگ ۾ هئي ۽ تن ڏينهن ۾ ته عيد جي به موڪل نه ملندي هئي ۽ نه ٽيليفون جي سهولت هئي. روز مره جي زندگي هتي کان به سخت هئي ۽ پوري سال بعد ڳوٺ موٽبو هو... وغيره وغيره. پر هو پنهنجي ضد تي قائم رهيو. اسان جي سمجهائڻ ۽ زور پرڻ تي هو به چار ڏينهن ٻيا ضرور ترسيو. ان بعد ڀڄي ويو. سندس پيءُ سان Contact ڪيوسين، جنهن جي ڳالهين مان اندازو ٿيو ته هو ڇئن ڀينرن بعد ڄمڻ ڪري، ماءُ پيءُ غريب هوندي به، هنن هن کي اهڙو سڪيلڌو ٻڌائي ڇڏيو جو هن لاءِ صبح جو سوير اٿڻ ۽ معمولي ڪم ڪار ڪرڻ به وڏي ڳالهه ٿي لڳي. هن ڳوٺ ۾ ئي ماءُ پيءُ وٽ رهڻ ٿي چاهيو، جتي سندس هر لاڏ ۽ انگل ڪنيو ويو ٿي.

سندس موٽي نه اچڻ تي اسان کي به افسوس ٿيو ته هي ڳوٺ جو نينگر جهازن جو ڪئپٽن ٿيڻ کان رهجي ويو.





# ملائيشيا اچڻ وارن لاءِ ٻه ڳالهيون

ملائيشيا ۾ پهرين ڏينهن آفيس ۾ پشاوري سئنڊل پائي ويس. هڪ ته مينهن ڪري رستا آلا هئا ۽ ٻيو اهڙو ڪو تذڪار نه هو جو جوراب پائجن ڇو جو ظاهر آهي گهين وارن بوٽن تي جوراب پائڻ ضروري سمجهيا وڃن ٿا _ يا شايد بوٽ پالش نه ٿيل هئا. بهرحال ان پهرين ڏينهن، آفيس ۾، مون سئنڊل پائي وڃڻ ۾ وڏيڪ فرحت محسوس ڪئي. هونءَ منهنجي دل ته هميشه چئمپل پائي هلڻ تي چوندي آهي، پر ظاهر آهي آفيس ۾، ڪنهن ڪلب يا ڪنهن دعوت ۾ چئمپل پائي هلڻ کي پسند نٿو ڪيو وڃي نه وري اسان جي ملڪ ۾ انگلينڊ ۽ يورپ جهڙو سيءُ آهي جو اونهاري ۾ به جوراب ۽ بوٽ پائڻ ۾ مزو اچي. انگريزن پنهنجي سک لاءِ هي پشاوري سئنڊل پائڻ کي Good Manners ۾ شامل ڪيو ۽ انهن جي وڃڻ بعد اسان جي ڪاري انگريز حاڪم ان کي Continue ڪيو ۽ هاڻ توهان حيدرآباد جي جيم خاني ۾ به کهين واري بوٽ ۽ جورابن بدران هي پشاوري سئنڊل پائي داخل ٿي سگهو ٿا جنهن جي اڳيان ۽ پاسن کان وڏا سوراخ هجڻ ڪري هوا جو گذر ٿئي ٿو ۽ پٺيان فقط هڪ پٽي هجڻ ڪري پائڻ ۽ لاهڻ ۾ به سولو ٿئي ٿو.

بهرحال ان صبح جو آئون سئنڊل پائي آفيس ۾ ان هنڌ تي پهتس جتي حاضري لڳائڻ لاءِ مشين ۾ پنهنجي حاضريءَ جو ڪارڊ وجهي پنچ ڪيو وڃي ٿو. منهنجي اڳيان ٻه ٿي ملئي ۽ چيني آفيسر بيٺا هئا. اهي منهنجي هن قسم جي بوٽ (سئنڊل) کي ڏسي حيرت کائڻ لڳا. مسٽر ”چي“ نالي هڪ ليڪچرر (جنهن بابت بعد ۾ خبر پئي ته ڳالهائڻ جو بلڪل کرو آهي ۽ ڪنهن جو لحاظ نٿو ڪري) ٺهڪ ڏيندي مون کي چيو ”مسٽر پاڪستاني! وٽ از دس؟“ ۽ آئون تعجب ڪائيندو رهيس ته هي منهنجي

سئنڊل کي ڏسي حيران ٿو ٿي ويا آهن. ڇا هنن ڪڏهن ڏٺو ناهي ڇا؟

۽ پوءِ ڪجهه ڏينهن بعد ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته ههڙا سئنڊل ملائشيا وارن نه ڏٺا آهن ۽ نه هن ملڪ ۾ هلي سگهندا. ڇو جو ملائيشيا نانگن، بلائن ۽ زهريلن جيتن جڻين جو ملڪ آهي. گهڻي بارش ڪري، چوڌاري ايڏو ته وڏو گاهه آهي جو رات جو ته ڇا پر ڏينهن جو به اهڙي سئنڊل ۾ هلڻ خطري کان خالي ناهي. سو ملائيشيا، انڊونيشيا، ڏکڻ ٿائيلينڊ، ڪمبوڊيا ۽ ويتنام جهڙن ملڪن ۾ اچڻ وارن کي کپي ته پاڻ سان ان قسم جي سئنڊل آڻڻ جي تڪليف هرگز نه ڪن ۽ ملائيشيا اچڻ وارن کي ته ڪهين وارو بوٽ به پائڻ نه کپي جو ملائيشيا جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ ڪنهن جي گهر وڃڻ وقت بوٽ ٻاهر لاهڻو پوي ٿو. ان ڪري ملائيشيا ۾ سڀ کان آسان سليپر (بنا ڪهين وارو بوٽ) رهي ٿو ۽ توهان ڏسندائو ته هر هڪ بنا ڪهين وارا جوتا استعمال ڪري ٿو. شهر ۾ ڪهين وارو بوٽ پائيندڙ نظر اچانو ته سمجهي وڃو ته هي ڌاريو ٽوئرسٽ آهي يا هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ ملائيشيا آيو آهي.

بوٽ لاهي گهر ۾ گهڙڻ جي رسم ڏور اوڀر جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهي جهڙوڪ جپان، ڪوريا، هانگ ڪانگ، ٿائيلينڊ وغيره وغيره.

ٻي ڳالهه ته ملائيشيا يا جپان ايندڙ ڏگهي قد جي پاڪستانين کي کپي ته هو پنهنجي لاءِ قميصون توڙي پتلونون پاڪستان مان ئي ٺهرائي اچن، جو هنن کي هتي جي ريڊي ميڊ ڪپڙن جي دڪانن ۾ هرگز نه ملنديون. هن پاسي جا ماڻهو گهڻو ڪري بندري قد جا آهن ۽ ننڍي سائيز جون قميصون ۽ بوٽ ته هن پاسي جام آهن ۽ سستي اگهه ۾ ملندا پر وڏي سائيز لاءِ توهان کي ڪنهن يورپي يا آمريڪن جي لڏي وڃڻ جو انتظار ڪرڻو پوندو، جيڪي ٻئي ملڪ بدلي ٿيڻ يا شهر ڇڏڻ تي پنهنجو سامان ڪٺي وڃڻ بدران اوڻي پوڻي ۾ وڪڻڻ لاءِ اخبار ۾ اشتهار ڏيندا رهن ٿا.





# ڇا وتائي فقير جي ڳالهه آهي؟

پنهنجي هڪ سفرنامي ۾ لکي چڪو آهيان ته ملئي ماڻهو (ملائيشيا جا مسلمان باشندا) ڪوشش ڪري نماز مڪمل Concentration ۽ توجه سان پڙهن ٿا. نماز جوڙڻ کان ڪجهه منٽ اڳ ماٺ ڪري پنهنجي من کي دنيا جي ڳالهين کان هٽائي هڪ مُنو ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ پوءِ نماز جي نيت ڪري "الله اڪبر" چوندا.

هن ڀيري (2002ع ۾) ملائيشيا ويس ته هڪ ڏينهن مسجد مان نڪرڻ وقت ملئي ماڻهن جي ان سٺي عادت جو ذڪر پنهنجي ميزبان ملئي دوست ڪئپٽن رزاليءَ سان ڪيم. ان بعد کيس اها مشهور حڪايت ٻڌايم ته هڪ نمازيءَ اڳيان ڪو ماڻهو پنهنجي خيالن ۾ لنگهي ويو. نمازيءَ پنهنجي نماز پڄي هن کي دڙڪو ڏنو ته ڏسين نٿو ته آئون الله جي اڳيان بيٺو آهيان تو اڳيان لنگهي منهنجي نماز ڊسٽرب ڪري ڇڏي.

همراهه معافي وٺندي چيس: "ڇا ڪريان آئون پنهنجي محبوب جي عشق ۾ اهڙو غرق هوس جو مونکي هوش ئي نه رهيو ته آئون هڪ نمازيءَ جي اڳيان لنگهي رهيو آهيان" ۽ پوءِ ٿورو ترسي چيو. "پر منهنجا ڀاءُ تنهنجو پنهنجي رب سان ڪهڙو عشق آهي جو منهنجي لنگهڻ سان تنهنجو ڌيان هٽي ويو."

رزاليءَ کي اها ڪهاڻي ٻڌائي چيومانس ته "توهان ملئي ماڻهن جو رب پاڪ سان سچو عشق آهي جو هڪ دفعو نماز جوڙڻ بعد توهان جو ڌيان ڪيڏانهن به نٿو ڀٽڪي. "ڪئپٽن رزالي ڪجهه چوڻ بدران پنهنجي روايتي مرڪ جي ورڪا ڪندو رهيو.

"رزالي ان سلسلي ۾ سنڌ جي هڪ درويش جو قصو ياد آيو اٿم.

ٻڌ.” مون رزاليءَ کي چيو. ”هڪ فقير طبع انسان تسبي پڙهندو پئي ويو ته درياهه جي ڪناري تي پاڻي ڀريندڙ ٻن عورتن جي ڳالهه ٻول سندس ڪن تي پيئي. هڪ ٻيءَ کان سندس مڙس بابت پڇي رهي هئي ته هو هن کي ڪيترو ٿو پيائين؟ جواب ۾ هن چيس ته ”پيڻ پنهنجن سان کهڙا ليکا کيا“. عورت جو اهو جواب ٻڌي درويش پنهنجي تسبي ڪڍي درياهه ۾ اڇلي ۽ دل ۾ چيو:”هڪ عورت پنهنجي محبوب (مڙس) سان ڪو حساب نٿي رکي ۽ آئون آهيان جو پنهنجي رب سان هر شيءِ جي ڳڻپ وينو ڪريان.“

ڪئپٽن رزالي جهاز جو ڪئپٽن ٿيڻ جو آخري امتحان ڏيڻ کان اڳ ملائيشيا جي مئرين اڪيڊمي ۾ پڙهڻ لاءِ آيو هو جتي آئون ليڪچرار هوس. مون هنن کي ٻين سبجيڪٽن سان گڏ جهاز ۽ جهاز هلائيندڙ جي Safety بابت پڙهايو ٿي. هڪ دفعي اناج (چانور، ڪڻڪ وغيره) سان ڀريل جهاز جي ڳالهه اچي نڪتي ته ”جهاز جي پنج ڇهه گدامن (Holds) ۾ ڀريل اناج (Grains) مان هڪ کي باهه ٿي لڳي. هاڻ جهاز کي بندرگاهه تائين سلامتي سان پهچائڻ لاءِ ڇا ڪرڻ کپي.“

صحيح جواب اهو ئي آهي ته ان هولڊ (جهاز جي گدام) کي چوڏاري Seal (بند) ڪري ڇڏجي جيئنان اندر هوا داخل ٿي نه سگهي. وڏيڪ هوا نه وڃڻ ڪري وڏيڪ باهه ٻرڻ بند ٿي ويندي فقط اها ڌکندي رهندي جيڪا ٻهريان جي لڳل آهي. اهڙي طرح آرام سان ڏينهن ٻه ڪدي سگهجي ٿو ۽ تيستائين جهاز کي ڪنهن ويجهي بندرگاهه ۾ پهچائي بندرگاهه وارن کان مدد وٺي سگهجي ٿي. هن صورت ۾ فقط ڪجهه سامان (اناج) جو نقصان ٿئي ٿو باقي گدامن (هولڊن) وارو سامان، جهاز ۽ ان تي موجود ماڻهو بچي سگهن ٿا.

مون اهو مٿيون سوال ڪلاس ۾ وينل ڍاڪو کن مستقبل جي ملئي ۽ چيني ڪئپٽنن مان رزاليءَ کان پڇيو. رزاليءَ اهو ئي جواب ڏنو





جيڪو هڪ عام ماڻهو سوچي ٿو. يعني سمنڊ تي پاڻيءَ جي ڪا کوٽ ناهي. رڳو ڪنهن پمپ جو بٽڻ دٻائڻ سان ڪلاڪ اندر سوين ٽن سمنڊ جو پاڻي ان گدام ۾ ٻرندڙ باهه کي وسائي سگهي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ان عمل سان باهه ته وسامبو وڃي پر جهاز جي هولڊ (گدام) جون لوهي پٽيون ڦاٽيو پون، ڇو جو هر قسم جو اناج پاڻيءَ ۾ پسڻ تي ڦونڊجي، پنهنجي واليوم کان ٻيڻو ٽيڻو ٿيو پوي. چانورن جو مثال ته گهر ۾ هر هڪ ڏٺو هوندو ته اهي رڌجڻ وقت ڪيئن وڌيو وڃن. جهاز جي گدام (Hatch/ Hold) ۾ ان ڦونڊبيل اناج کي جڏهن جاءِ نٿي ملي ته ان جو زبردست هئڊرالڪ پريشر جهاز جون لوهي پليٽون ڦاڙيو رکي ۽ سمنڊ جو پاڻي جهاز اندر داخل ٿي، گهڙين جي فيصلي ۾ جهاز ٻوڙيو رکي.

رزاليءَ جي غلط جواب تي مون ڪلندي چيومانس ته مولانا مون ته توکان جهاز بچائڻ جو طريقو پڇيو هو، نه جهاز ٻوڙڻ جو. تو منهنجي ڳالهه ٻڌي ضرور پر سمجهي نه هئي. پوءِ ڪيس ويهڻ لاءِ چئي سڄي ڪلاس کي سنڌ جي درويش وتائي فقير جو قصو ٻڌايو ته هو هڪ ڏينهن شهر کان ٻاهر گهمڻ لاءِ هليو ويو. واپسيءَ تي ڏاڍو ٿڪجي پيو ۽ ٻڪ کڻي دعا گهري ته ” رب پاڪ ڏاڍو ٿڪل آهيان ڪا سواري ڏيار.“

ٿورو اڳيان هليو ته پريان بيٺل هڪ پوليس واري رڙ ڪري سڏ ڪيس.

”اڙي فقير هيڏانهن اچ، هن گهوڙيءَ ڦر ڏنو آهي، شهر تائين هي ڦر کڻي هل.“

وتائي ڦر کي ڪلهن تي رکي مٿي آسمان ڏي نهاري چيو: ”منهنجا مولا سڄي ٿو پر سمجهين نٿو. مون توکي اهڙي سواريءَ لاءِ عرض ڪيو هو جنهن مٿان آئون چڙهي هلان يا هوءِ منهنجي مٿان.“ وتائي فقير جو اهو قصو منهنجي ان بئچ جي شاگردن کي ايترو ته وڻيو جو هو پنهنجي ٽن مهينن جي

ڪورس ۾ جنهن ڏينهن به پڙهائي دوران وقت مليو ٿي هنن وتائي فقير جون دلچسپ ڳالهيون پڇيون ٿي. اهي اسي واري ڏهاڪي جي وچ وارا سال هئا ۽ هيئنر سورنهن سترهن سالن بعد به ڪئپٽن رزاليءَ کي وتايو فقير ياد هو جو ڪيس مون جيئن ئي مٽين تسبيءَ واري ڳالهه ٻڌائي ته مون کان هڪدم پڇڻ لڳو ته سراها به وتائي فقير جي ڳالهه آهي؟





# سموڪ سنگل

گذريل مضمون ۾ ملائيشيا جي ڪئپٽن رزاليءَ جو ذڪر ڪيو اٿم. پاڻ هن وقت سندس مليل "اي ميل" ڪري ياد اچي ويو. ملائيشيا ۾ رهندڙ منهنجي ڪجهه ٻين شاگردن وانگر ڪئپٽن رزالي به E_mail ذريعي ياد ڪندو رهي ٿو. هن جي خطن ۾ اڪثر مذهبي ڳالهيون هونديون آهن. هن وقت جيڪا اي_ميل موڪلي اٿس اها پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ هتي ترجمو ڪري لکي رهيو آهيان. عنوان اٿس: "ان ماڻهوءَ جي ڪهاڻي جيڪو هڪ ٻيٽ تي ڦاسي پيو."

جهاز جي تباهه ٿيڻ بعد هي همراهه سامونڊي چولين ۾ لڙهي هڪ اهڙي ننڍڙي ٻيٽ تي اچي ستيو جنهن تي ڪو بني بشر نه هو.

هن دل جي اونهاين مان رب پاڪ کي ٻاڏايو ۽ پنهنجي بچاءُ لاءِ دعا گهري پر ڪيس موٽڻ جي ڪا به واٽ نظر نه آئي. هو روزانو ڪلاڪن جا ڪلاڪ چوڌاري نهاريندو رهيو ٿي ته من ڪو جهاز نظر اچي وڃي ۽ هن کي ڏسي هن جي بچاءُ لاءِ اچي، پر ڪا اهڙي اميد نمودار نٿي ٿي.

ٿڪجي، ٿتجي آخر هن جهڙ ڦڙ ۽ اس سيءَ کان بچڻ لاءِ هڪ جهوپڙي ٺاهي جنهن لاءِ هن کي ڪجهه ڪاٺ سندس ڀڳل جهاز جو لڙهي آيل ملي ويو ۽ ڪجهه هن ٻيٽ تي موجود وڻن مان حاصل ڪيو. ٻيٽ تي هيڏانهن هوڏانهن ڦري گهري جيڪي ڪجهه کائڻ پيئڻ لاءِ مليس ٿي اهو به ان جهوپڙيءَ ۾ اچي رکيائين ٿي.

هڪ ڏينهن هو ڪاڏي پيتي جي ڳولا تان جيئن ئي سج لٿي مهل پنهنجي جهوپڙيءَ ڏي موٽيو ته هن کي پري کان ئي سندس جهوپڙي سڙندي

نظر آئي. باھ جا اُلا ۽ دونهون آسمان تائين پهچي ويو. هن کان وڌيڪ ٻي کهڙي ويڌن ٿي سگهي ٿي. غريب جو الھ تلھ برباد ٿي ويو. هو غم ۽ غصي جي حالت ۾ چڪرائجي ويو.

”منهنجا مولا! مون غريب وٽ هوئي ڇا جيڪو تو ڇٽ ڪري ڇڏيو“ هن روئي ٻاڏايو. بهرحال ٻئي ڏينهن صبح جو ڪنهن جهاز جي وِسل (گهگهوءَ) جي آواز تي هن جي اک کلي ته هن ڏٺو ته هڪ جهاز هن جي ٻيٽ ڏي وڌي رهيو آهي. اهو هن کي بچائڻ لاءِ اچي نڪتو.

هي خوشي ۽ حيرت وچان وائڙو ٿي ويو.

”اسان تنهنجو سموڪ سگنل پري کان ڏسي ورتو“ هنن وراڻيو.

جڏهن شين کي ائين ٿيندو نٿي ڏسجي جيئن دل چاهي ٿي ته انسان جهٽ مايوس ٿيو وڃي، پر اسان کي دل لاهڻ نه کپي، ڇو ته رب پاڪ اسان جي بهتري لاءِ ان وقت به ڪم ڪندو رهي ٿو جڏهن اسان تڪليف ۽ پريشاني ۾ نا اُميد ٿي وڃون ٿا.

ياد رکو، ٻئي دفعي توهان جي ننڍڙي جهوپڙي جي ٻري رهي آهي ته ٿي سگهي ٿو ته ”رب جي رحمت“ کي توهان وٽ آڻن لاءِ اهو سموڪ سگنل هجي.





# مسواڙ تي پئسا ڏيڻ

گهر مسواڙن تي ڏنا وڃن ٿا. توهان اهو به ٻڌو هوندو ته وڏن شهرن ۾ ٽئڪسين کان علاوه پرائيويٽ ڪارون پڻ سڄي ڏينهن لاءِ يا هفتي ڪن لاءِ مسواڙ تي ملن ٿيون. اهڙي طرح شادين مرادين ۾ ڪرسين، پليٽن کان وٺي قناطون ۽ تنبو پڻ مسواڙ تي ملن ٿا. اسان وٽ لائيٽ وڃڻ جي پِٽ آهي. ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيترا ئي ماڻهو جنريٽر وٺي رهيا آهن ۽ شادين جي موقعي تي روز جي حساب سان اهي به مسواڙ تي ملن ٿا. بهرحال انهن سڀني ڳالهين بابت توهان ضرور ٻڌو هوندو پر ٿي سگهي ٿو ته توهان اهو نه ٻڌو هجي ته ملائيشيا ۾ پئسا به مسواڙ تي ڏنا وڃن ٿا، جنهن کي توهان شايد وياج به چئي سگهو ٿا. ملاڪا، سريمبان ۽ جوهور بارو جهڙن ملائيشيا جي شهرن جي ڀاڄي مارڪيٽ ۾ ڏسندائو ته مختلف هنڌن تي چيني سيٺ ٽيبل تي پئسا رکيو ويٺا هوندا. پوءِ صبح ساڻ چيني ڳاڏن تي ڀاڄي، فروٽ يا ٻيوسامان رکي وڪڻڻ وارا، انهن کان پئسا اچي وٺندا آهن. ملائيشيا ۾ نوڪريءَ دوران هڪ ڏينهن نيٺ هڪ ڳاڏي واري کان پڇيم ته هي چڪر ڇا آهي؟ هن ٻڌايو ته هن جهڙا غريب ماڻهو روزانو صبح جو چيني سيٺ کان هڪ سئو ڊالر اوڌر تي وٺي ان جي ڀاڄي، ميوو يا ڳانگٽ مڇيون خريد ڪري شهر جي مختلف گهٽين ۾ وڪرو ڪن ٿا ۽ پوءِ شام جو سيٺ کي سندس سئو ڊالر واپس ڪرڻ مهل هڪ ڊالر مسواڙ طور به ڏين ٿا. بلڪ هڪ ڊالر مسواڙ وارو چيني سيٺ 100 ڊالر ڏيڻ وقت هن کان ان ئي وقت وٺي ٿو — ان کي چئبو آهي مور کان وياج منو!

هونءَ ظاهري طرح لڳي ٿو ته هڪ سئو ڊالر تي هڪ ڊالر ڪجهه به نه آهي اهي ڳاڏي تي هڪ سئو ڊالرن جو ميوو يا ڀاڄي وڪڻڻ وارو پنهنجي مور

سان گڏ ويهارو ڪن ڊالر فائدو بہ ڪديو وٺي ۽ ان مان هڪ ڊالر سيٺ کي ڏيندي ڪيس ڪو ڏک نٿو ٿئي. پر ان سيٺ کي هڪ سئو ڊالرن تي روزانو هڪ ڊالر ملي وڃڻ وڏو فائدو آهي. ڇو جو روزانو سئو ڊالر ڏيڻ تي مهيني ۾ هن کي ٽيهہ ڊالر مليو وڃن ۽ سال ۾ 365 ڊالر جيڪو تمام وڏو فائدو. ڪميشن يا وياج (جيڪو سمجهو) ٿئي ٿو. گهٽي ڪان گهٽو فائدو (يا وياج) ڏيڻ واريون بئنڪون بہ سال ۾ هڪ سئو ڊالرن تي ڏهن ڪان پندرهن ڊالرن تائين ڏين ٿيون پر هن ريت هڪ سئو ڊالرن تي 365 ڊالر مليو وڃن. وڏي ڳالهہ تہ بئنڪ ۾ تہ اهي پندرهن ڪن ڊالر بہ تڏهن ملن ٿا جڏهن پوري سال لاءِ توهان سؤ ڊالر هنن حوالي ڪري ڇڏيو ۽ هتي روزانو توهان جا پئسا توهان کي واپس پوٽي ملن ٿا. هڪ چيني سيٺ ٻڌايو تہ ان ۾ فقط اهو خطرو آهي تہ ڪو توهان جا پئسا نہ ڪائي وڃي. "سو اسان اوڌر تي پئسا ان کي ئي ڏيندا آهيون جنهن جي ڪو گئرنٽي ڏئي ٿو. بهرحال ڪڏهن ڪڏهن ڪو دوکو بہ ڏئي وڃي ٿو پر ان سان ڪو خاص فرق نٿو پوي جو فائدي جو حصو ايڏو وڏو آهي جو ڪڏهن سال اڌ ۾ هڪ سئو ڊالر جو هلي وڃڻ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. هونءَ بہ ويهہ پنجويهہ گراهڪن مان هڪ اڌ چور بہ نڪري سگهي ٿو. پر پوليس ۾ شڪايت ڪرڻ تي هو ورلي ڪو بچي سگهي ٿو. ڇو جو ملائيشيا ۾ پڻ ڪيترن يورپي ملڪن وانگر، هر هڪ ماڻهوءَ جي شناخت جو نمبر آهي ۽ هر هڪ جي پوسٽل ائڊريس آهي،ان ڪري هن کي ڳولڻ ڏکيو ڪم ناهي." ايتري قدر جو ملائيشيا ۾ ڪار خريد ڪري رجسٽر ڪرائڻ جو ڪاغذ، توڙي ڊرائيونگ جو امتحان پاس ڪرڻ تي ڊرائيونگ لائسنس مالڪ کي هٿ ۾ ڏيڻ بدران، هن جي شناختي ڪارڊ ۾ لکيل پوسٽل ائڊريس تي موڪليو وڃي ٿو، جيئن پڪ ٿئي تہ هو واقعي ان ائڊريس تي رهي ٿو ۽ حادثي ڪرڻ جي حالت ۾ هن کي اتان سوگهو ڪري سگهجي.





سومو پهلوان پٽ تي ڪرڻ کان پاڻ بچائي رهيو آهي



جپاني راند جوڊو



الطاف شيخ، راڳي سرمد سنڌي ۽ سلطانا وقاصي



انوڪي طالبان جي ليڊر سان گڏ



جپان جي شهر ڪاماڪورا ۾ گوتم ٻڌ جو وڏو مجسمو (داءِ بتسو)



جپاني ڏند ڪٿا جي ڪئٽ فش نمازو تي عوام حملو ڪري رهيا آهن



سومو ملهه ائڪشن ۾




ٽوڪيو ۾ نئين ٺهيل جهاز مالاڪنڊ اڳيان الطاف شيخ



الطاف شيخ ۽ ٽوڪيو ۾ پي ايڇ ڊي ڪندڙ اقبال سولنگي 1973ع

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



تيستائين گڏ باءِ

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميارى ليکڪ ۽ سفرنامانگار **الطاف شيخ** جو لکيل سفرنامو **”تيستائين گڏ باءِ“** اوهان اڳيان پيش آهي.پروفيسر حميد شهيد لکي ٿو:

الطاف شيخ ساگر ساگر، ساحل ساحل، نگر نگر ۽ بندر بندر گهمندو ته رهي ٿو ته گهمندي گهمندي خواب به ڏسي ٿو. اهي خواب جهڙا سفر ۽ سفر جهڙا خواب بارياب ٿيندو ڏسي دل واهه واهه ڪرڻ لڳي ٿي. الطاف شيخ اسان کي خواب به ته اهڙائي ڏيکاري ٿو. حسين دنيائن جا خواب، اندلٽ جي ست رنگي سر زمينن جا خواب، حسين گلن ۽ معطر فضائن سان واسيل اجنبي ملڪن جا احوال! ڪوهه قاف جي پرين جي پيار جا خواب، سائنسي ديون، جنن ۽ راڪاسن جي عقل کي اچرج ۾ وجهندڙ ڪارنامن جا خواب! ۽ سڀ کان وڌيڪ امن جا خواب. انسانيت جي اوج جا خواب، محبت ۽ مروت جا خواب، ظلم ۽ ستم کان نجات ۽ استحصال کان آزاديءَ جا خواب، خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ جا خواب، اقتصادي ترقيءَ جا خواب، بهتر دور ۽ روشن مستقبل جا خواب هي خواب حقيقي دنيا جا خواب آهن.

هي ڪتاب 2004ع ۾ اندس پبلشرز، ڪراچي پاران ڇاپيو ويو. توراڻا آهيون سائين الطاف شيخ جا جنهن ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com